# ماڳن مڪانن جي نالن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون



# ماڳن مڪانن جي نالن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون

انجنيئر عبدالوهاب سهتو

ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي
قنبر ـ ٢٠١٦ع

ڊجيٽل ايڊيشن:
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

**ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي (رجسٽرڊ) قنبر جو ڪتاب نمبر (۴۸)**

© ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي (رجسٽرڊ) قنبر ٢٠١٦ع

ڪتاب: **ماڳن مڪانن جي نالن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون**

ليکڪ: **انجنيئر عبدالوهاب سهتو**

پهريون ڇاپو: **جُون ٢٠١٦ع**

ٽائيٽل: **احسان دانش**

ڇپائيندڙ: **ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر**

قيمت: ١٥٠ رپيا

Book name: "Proverbs & Sayings on Names of Geographical Places"

By: Engr. Abdul Wahab Sahito

1st Edition: June 2016 A.D

Published by: Dr. Muhabbat Academy®, Kambar

E-mail: dmacademy@yahoo.com

**هيءُ ڪتاب ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر جي چيئرمين پائو درمحمد ٻرڙي، ڪراچيءَ مان ڇپائي، ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر پاران پڌرو ڪيو.**

# انتساب

مان پنهنجي هيءَ ننڍڙي ڪاوش،
تاريخ ۽ لوڪ ادب جي ميدان منجهه
گهوڙا ڊوڙائيندڙ شخصيتن ڏانهن منسوب ڪيان ٿو.

- انجنيئر عبدالوهاب سهتو

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر (291) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. لوڪ ادب جي سلسلي پهاڪن ۽ چوڻين بابت ڪتاب **”ماڳ مڪانن جي نالن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون“** نامياري ليکڪ انجنيئر عبد الوهاب سهتي جو لکيل آهي.

هي ڪتاب **ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر** پاران 2016ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پياري دوست رياضت برڙي جا جنهن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي، مهربانيون سائين عبد الوهاب سهتي جون جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائيءَ جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# فهرست

## فهرست


| شهر / وستي | صفحو |
| --- | --- |
| ٻه چار لفظ - رياضت ٻرڙو | 9 |
| ڏاهپ جو ادب - منظور ڪوهيار | ۷ |
| ٻه اکر - عبدالوهاب سهتو | ۱۸ |
| آريجا | ۳۱ |
| آمري | ۳۱ |
| اباوڙو | ۳۲ |
| اروڙ | ۳۳ |
| اورنگا/ ديرو | ۳۳ |
| ٻنورو | ۳۴ |
| ٻني/ ٻهرام | ۳۴ |
| بخارا/ بلخ | ۳۵ |
| بغداد | ۳۵ |
| بکيرا | ۳٦ |
| بکر/ سکر | ۳٦ |
| بندر/ شاهه بندر | ۳۷ |
| پارت | ۳۸ |
| پنيور | ۳۸ |
| پيڻ | ۴۰ |
| تنگواني | ۴۲ |
| ٽـر | ۴۳ |
| ٽرڙي | ۴٦ |
| ٽنڊو الهيار | ۴۷ |
| ٽنڊو محمد خان | ۴۸ |
| ٽنڊو ميرعلي | ۴۸ |
| نٿ گوراهو | ۴۹ |
| ٺٽو | ۴۹ |
| ٺل | ۵۰ |
| پاٽ | ۵۱ |
| پاٽوپون | ۵۲ |
| پارڪر | ۵۲ |
| پنو/ ڏاتار | ۵۲ |
| پرڻ/ چنيجا | ۵۴ |
| پنجاب | ۵۴ |
| جاتي/ چيچ | ۵۵ |
| جاوا | ۵۷ |
| جوڻ | ۵۸ |
| جوهي/ لوهي | ۵۸ |
| جيسلمير | ۵۹ |
| جيڪب آباد | ٦١ |
| جهول | ٦١ |
| چوهڙ جمالي | ٦١ |
| خيرپور/ شاهه پور | ٦٢ |
| دادو | ٦٤ |
| دالي | ٦٥ |
| دڙو | ٦٦ |
| دهلي/ پالم | ٦٦ |
| ڏيرو | ٦٨ |
| راجڙي | ۷۰ |
| راهوجا/ باهوجا/ ڪوريجا | ۷۰ |
| رڙي | ۷۱ |

## ماڳن مڪانن جي نالن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون


| | |
|---|---|
| روم | ۷۲ |
| روهڙي | ۷۳ |
| رُهي | ۷۴ |
| ساڏوري | ۷۵ |
| ساڪرو | ۷۶ |
| سعيدپور | ۷۷ |
| سنڌ | ۷۷ |
| سنڌو | ۸۱ |
| سوڪي | ۸۱ |
| سيوهڻ | ۸۱ |
| شادي شهيد | ۸۳ |
| شڪارپور | ۸۳ |
| شهدادپور | ۸۶ |
| شهدادڪوٽ | ۸۷ |
| عراق | ۸۷ |
| قنڌار | ۸۸ |
| ڪابل | ۸۸ |
| ڪاشي | ۸۹ |
| ڪاڇو | ۹۰ |
| ڪاڪ | ۹۰ |
| ڪپور/ متور | ۹۱ |
| ڪڇ | ۹۱ |
| ڪراچي | ۹۲ |
| ڪرهيو | ۹۳ |
| ڪمال ديرو | ۹۳ |
| ڪنڌڪوٽ | ۹۳ |
| ڪنڌيارو | ۹۴ |
| ڪوهه | ۹۵ |
| ڪارو | ۹۵ |
| ڪاهه | ۹۶ |
| ڪاهي | ۹۶ |
| ڪائڙ | ۹۷ |
| ڪورواهه | ۹۷ |
| ڳاجي مهيسر/ ميهڙ | ۹۸ |
| گمبٽ | ۹۸ |
| ڳاڙهو | ۹۹ |
| ڳنو | ۹۹ |
| گهتاڻ | ۱۰۱ |
| گهتهڙ | ۱۰۱ |
| گهيلپور | ۱۰۲ |
| لاڙ | ۱۰۲ |
| لاڙڪاڻو | ۱۰۳ |
| لاهور | ۱۰۵ |
| لنڪا | ۱۰۶ |
| ماجر | ۱۰۷ |
| متياري | ۱۰۷ |
| متياٽي | ۱۰۸ |
| محراب پور | ۱۰۸ |
| مدينو شريف | ۱۰۹ |
| مڪلي | ۱۰۹ |
| مڪو شريف | ۱۱۰ |
| ملتان | ۱۱۱ |
| ملير/ مول | ۱۱۳ |
| مورو | ۱۱۳ |
| مومل جي ماڙي | ۱۱۴ |
| ميرپور/ چانداڻ/ عودي/ ڳڙهي حسن | ۱۱۴ |
| ناڙي | ۱۱۵ |
| نصرپور/نورائي/فتح باغ | ۱۱۶ |
| ننگر | ۱۱۶ |

## ماڳن مڪانن جي نالن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون


| | |
|---|---|
| نهارو ڳوٺ | ١١٧ |
| وندر | ١١٨ |
| وٽڪار/ سال ڏياڻي | ١١٩ |
| هالا | ١١٩ |
| هندستان | ١٢٠ |
| مددي ڪتاب/ حوالا | ١٢١ |
| ڏسٽي | ١٢٣ |

# ٻه چار لفظ

سهڻيءَ سنڌ جا شهرَ ۽ ڳوٺَ، ماڳَ ۽ مَڪانَ، جبلَ ۽ جهنگَ، نديون ۽ نئِيون، ڍنڍون ۽ ڍورا: اسان سنڌ واسي بيحد پيارا رکندا آهيون، خاص ڪري ان شهر يا ڳوٺ سان ته اسان ڪي پنهنجي من اندرِ دلِي لڳاءُ محسوس ٿيندو آهي جتي اسان ڄاوا آهيون، ننڍن مان وڏا ٿيا آهيون، جتي علم ۽ ادب سکيو آهي، ڪچهريون ۽ ڪوڏُون ڪيون آهن ۽ پيارَ جا پيچ اڙايا آهن. انهن شهرن ۽ ڳوٺن، ماڳن ۽ مڪانن جا نانءُ پڻ ڪو نه ڪو پس منظر ۽ تاريخ سمايون وينا آهن جن جي مطالعي سان ڪيئي وڻندڙ ڪٿائون پڻ سلهاڙيل آهن. انهن شهرن ۽ ڳوٺن: ۽ انهن جي رهواسين سان منسوب پهاڪن ۽ چوڻين ۾ پڻ اهڙيون انيڪ ڪٿائون آهن جن ۾ الفتون ۽ ڪلفتون، اوچايُون ۽ هينايُون، اميريُون ۽ غريبيُون، طنزون ۽ ٽوڪون، سچَ ۽ ڪُوڙَ، ڳڻَ ۽ اوڳڻَ، وغيره سانديل آهن. ڇا اسان اهي ڪٿائون پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي؟ انهن ڪٿائن ۾ جيڪا سماجي، معاشي، ثقافتي ۽ سياسي تاريخ سمايل آهي، ڇا اسان ان جو اڀياس ڪيو آهي؟

هيءُ ڪتاب ”**ماڳن مڪانن جي نالن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون**“، لوڪ ڏاهپ جي تناظر ۾، اسان ڪي اهڙو مطالعو آڇي ٿو. ان موضوع تي، هيءُ پنهنجيءَ نوعيت جو پهريون سنڌي ڪتاب آهي جيڪو: پهاڪن، چوڻين ۽ ورجيسن ڪي ڪُل وقتي موضوع بڻائيندڙ، انجنيئر عبدالوهاب سهتي صاحب تحقيق هيٺ آندو آهي ۽ پنهنجي مخصوص رنگ ۽ ڍنگ سان پيش ڪيو آهي. ذڪر هيٺ آندل چوڻيءَ يا پهاڪي سان منسوب ڪنهن به وضاحت يا تفصيل سان تحقيقي اختلاف رکي سگهجي ٿو، ڇاڪاڻ ته ان مان ئي پرک ۽ پروڙ جون نيون واٽون نڪرنديون آهن. پر، ان باوجود هڪڙو بهترين ۽ ڪارگر ڪتاب لکي ڏيڻ تي سهتو صاحبُ جس پڻ لهڻي.

مهرباني.

**رياضت ٻرڙو**

پروفيسرس ڪالوني، لاڙڪاڻو، ٢٩-مئي ٢٠١٦ع

# ڏاهپ جو ادب

## (Literature of Wisdom)

ڏاهپ جي ادب جي هڪ وصف ’فري ڊڪشنري‘ منجھ هن ريت آهي:

The body of religious or philosophical writing that communicate wisdom by means of proverbs or parables

مذهب ۽ فلسفي جي اهڙي لکيت جنهن ۾ ڏاهپ کي پهاڪن ۽ آکاڻين جي ذريعي پيش ڪيو وڃي ٿو. ڏاهپ جي ادب جي حوالي سان، مذهب ۽ لوڪ ادب جو ڪردار پراچين دور کان وٺي اهم رهيو آهي. پر هاڻي، ڏاهپ جي حوالي سان ثقافتي ۽ اخلاقي قدرن جو ڪرادر پڻ نمايان ٿي رهيو آهي. ڏاهپ جو ادب انساني مشاهدن ۽ تجربن جو نچوڙ هوندو آهي. جنهن جي ذريعي، سماجي ضابطي (Social control) کي لاڳو ڪري سماج کي بهتر کان بهتر بڻائڻ جي شعوري ڪوشش ڪئي ويندي آهي.

دنيا جي اندر، ڏاهپ جي ادب جي حوالي سان، پهريون ڪتاب، حضرت سليمان جا پهاڪا (Proverbs of Solomon) آهي، جنهن جي قدامت جو اندازو ٩٣٠ - ٩٧٠ ق م آهي، جنهن ۾ ٣٠٠٠ پهاڪا ۽ چوڻيون موجود آهن. ائين ناهي ته پهاڪا ۽ چوڻيون ان کان اڳ ۾ نه هيون. سميري، مصري، يوناني، سنسڪرت ۽ چيني ٻولين ۾ به پهاڪا ۽ چوڻيون موجود هيون، جن جو سلسلو سنڌن قديم ادب ۾ به موجود آهي، جيڪو لوح ( ڦرهي) ، پاپئرس ۽ ڪپڙي تي لکيل مليو آهي. پراچين سنڌ ۾ به پهاڪا ۽ چوڻيون ضرور موجود هوندا، ڇو ته سنڌو تهذيب اجا به قديم آهي. پر جيئن ته اسان کي ايتري لکت نه ملي سگهي آهي، جيتري ٻين قديم ٻولين جي ملي آهي، ان ڪري تي سگهي ٿو ته ڪي پهاڪا ۽ چوڻيون ان دؤر جا به هجن جيڪي اجا به اسان وٽ هلن ٿا. ان جي ڪٿ ڪرڻ لاءِ به پهاڪن ۽ چوڻين تي تحقيق ڪندڙن کي متا ڪٿ ڪرڻ پوندي. پر باقاعده ڪتاب يا صحيفي جي صورت ۾ سليمان بن دائودَ هي پهاڪا ۽ چوڻيون اسرائيل جي ماڻهن کي سمجهائڻ لاءِ ڏنا، ته جيئن اهي ڏاهپ جو گس وٺن ۽

## ماڳن مڪانن جي نالن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون

پنهنجي زندگي سڦل ڪن. ان حوالي سان جيڪا ان صحيفي ۾ تمهيد ٻڌل آهي، ان ۾ باقاعده ان جو اظهار هن ريت آهي:

”اسرائيل جي بادشاه سليمان بن دائود جا پهاڪا.“

هي پهاڪا سمجهه ۽ سياڻپ کي حاصل ڪرڻ لاءِ آهن، ته جيئن اسرائيل جي ماڻهن ۾ ماڻهپو اچي. حق ۽ سچ جي راهه تي هلن، برائيءَ بڇڙائيءَ کان پاسو ڪن. ڪنهن سان بي انصافي نه ڪن. نوجوانن کي ڄاڻ حاصل ٿئي ۽ هو ان تي عمل ڪن. پل سياڻا ماڻهو سمجهن ۽ ان ۾ واڌارو ڪن. هي پهاڪا خدا ترسيءَ جو آغاز آهن، صرف بيوقوف ئي ان تي عمل ڪرڻ کان لهرائيندا.“

انهيءَ حوالي سان سندس هڪ گيت جو اختصار پيش خدمت آهي:

چا ڏاهپ رڙيون ڪري
سڏ نه ٿي ڪري چا؟
چؤ-واٽن تان، رستن تان،
اُتانهين جاين تان...
ٽڪرين جي چوٽين تان،
چا توهان کي نه ٿي چئي، ته:
منهنجا سڏ سُڻو!
منهنجا سڏ سڀن انسانن لاءِ آهن!
مان هيرن جواهرن کان وڌيڪ قيمتي آهيان!
جيڪو مون سان پيار ڪري ٿو،
مان اُن جي آهيان!
جيڪو ڌڪاري ٿو،
تنهن جي ويجهو نه ٿي وڃان!
مان ماڻهن کي انصاف سيکاريان ٿي!
منهنجو وجود سراپا بهتري
۽ مڪمل خير....
مان هر ڪنهن کي سڏيندي آهيان
هر وقت، هر جاءِ تان،
جنهن به مون کي ٻُڌو
تنهن لڌو،
جنهن ٻڌو اڻ ٻڌو ڪيو،

تنهن کي ذلت ۽ رسوائي ملي.

حضرت سليمان جي ڪتاب، پهاڪا / چوڻيون ۾ آيل ڪجھ پهاڪا ۽ چوڻيون پيش خدمت آهن، جن جي خوبصورتيءَ ۽ آفاقي حيثيت جي پليءَ پٽ پروڙ پوي ٿي.

- اها خوبصورت زال/عورت، جنهن کي تميز ڪونهي، سا ائين آهي جيئن سونو زيور سوئر جي نڪ ۾ هجي.
- سچي زبان عمدي چانديءَ مثل آهي، شرير جي دل جو ڪو بہ مُلھ ڪونهي.
- انساني سماج ۾ ڪا پيڙهي اهڙي آهي، جنهن جا ڏند تلوارن جهڙا ۽ ڏاڙهون ڪاتيءَ جهڙيون آهن، انهيءَ لاءِ تہ جيئن غريبن ۽ محتاجن جو وجود ختم ڪري ڇڏين.
- جيڪو شخص طبيعت ۾ اڻ-موٽ ۽ اڻ-جهل آهي، سو ان شهر وانگر آهي، جنهن جو سموريون عالم-پناهون/ پٽيون پڱل هجن.
- جيئن ڪو ڪتو پنهنجي ڪيل قئہ تي موٽي اچي ٿو، تيئن اهو بيعقل آهي جيڪو وري وري پنهنجي بيعقليءَ کي ظاهر ڪري ٿو.

سوال اهو آهي تہ ڇا حضرت سليمان بن دائود عليه السلام جي ڏنل پهاڪن کان اڳ ٻين پراچين تهذيبن ۾ اهي پهاڪا ۽ چوڻيون موجود نہ هيون؟

انهيءَ جو جواب آثار قديمه جي ماهرن وٽ موجود آهي تہ پهرين پهرين سوميري تهذيب جي پڪل مٽيءَ جي ڦرهين مان ان ڏاهپ واري ادب جو ڏس ملي ٿو. جيڪو اندازًا پوڻا چار هزار سال قديم آهي. ان لڌل ڦرهين منجهان هڪ هزار کان وڌيڪ پهاڪا ۽ چوڻيون مليون آهن. انهن مان ڪجھ پهاڪن ۽ چوڻين کي هتي نموني جي طور تي پيش ڪجي ٿو تہ جيئن هن ادب جي قدامت ۽ اهميت کي سمجهي سگهجي.

- غريب ماڻهوءَ جي زندگيءَ کان موت بهتر آهي، ڇو تہ اٽو آهيس تہ لوڻ ڪونهيس، لوڻ آهيس تہ اٽو ڪونهيس.
- مان آهيان اصيل گهوڙو پر جوٽيل آهيان خچر سان.
- مون کي اهو نہ ٻڌاءِ تہ ڇا مليو اٿئي، اهو ٻڌاءِ تہ ڇا وڃايو اٿئي.
- مني زبان سڀ جي دوست.

# ماڳن مڪانن جي نالن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون

- محبت واري دل گهر ڪندي، نفرت واري دل گهر تباهه ڪندي.
- زال انسان جو مستقبل آهي، پٽ پناهه گاهه، ڌيءُ نجات ۽ نونهن بدنصيبي آهي.
- هڪ دفعو ڪوڙ ڳالهاءِ پوءِ جي سچ به ڳالهائيندين ته ڪوڙ سمجهيو ويندو.
- منهنجي شيءِ ڪو استعمال نه ڪري باقي مان ٻئي جي ڪندس.
- مان جهنگي سانَ ڪان بچي نڪتس ته جهنگلي ڳئونءَ سان واسطو پئجي ويو.
- جنهن شهر ۾ ڪتا ناهن هوندا، ان شهر جا راڪا لومڙ هوندا آهن.
- ڇا مباشرت ڪان سواءِ به حمل ٿي سگهي ٿو؟

سوميري تهذيب جي پهاڪن ۽ چوڻين ڪان قديم تر پهاڪا ۽ چوڻيون مصر جي آثارن مان لڌا ويا آهن، جيڪي پاپارس (ٻني جو آڳاٽو قسم) ۽ پئرامڊ جي ديوارن تي لکيل آهن. ماهر آثار قديمه جي چوڻ مطابق ته ڏاهپ جي ادب جي لکيت جو اندازو پنج هزار سال يا ان ڪان به اڳ جو معلوم ٿئي ٿو. جيڪو مذهبي ادب سان گڏوگڏ تخليق ٿيل آهي، جنهن ۾ هن وقت تائين ڏهه هزار پهاڪن ۽ چوڻين ڪان به وڌيڪ مواد موصول ٿيو آهي. انهيءَ حوالي سان ڪجهه پهاڪا ۽ چوڻيون هتي پيش ڪجن ٿا.

- بااثر ڪان رشوت قبول نه ڪر ۽ ان کي فائدي پهچائڻ لاءِ غريب تي ظلم نه ڪر.
- عياشي ته هڪ خواب آهي، ان ڪان پوءِ موت آهي.
- پنهنجو پاڻ کي ملامت ڪر ۽ ان ڳالهه جو ڌيان رک ته ٻيو ڪو تو کي ملامت نه ڪري.
- سرڪاري عهديدار کي اهي ڏينهن ذهن ۾ رکڻ گهرجن، جيڪي متس اچڻا آهن.
- زبان انسان جي تلوار مثل آهي.
- لفظ تمام لڙاين ڪان زيادهه دلير هوندا آهن.
- اهو شخص عظيم جنهن وٽ ماڻهو عظيم هجن.
- اهو حڪمران طاقتور هوندو، جنهن وٽ سنا صلاحڪار هوندا.
- ان پريشانيءَ ۾ رات نه گذار، ته سڀاڻي ڇا ٿيندو.
- خدا ڪاميابي آهي، انسان ناڪامي آهي.

## ماڳن مڪانن جي نالن تي مشتمل پھاڪا ۽ چوڻيون

- انسان، مٽيءَ ۽ ڪک مثل آهي.
- ماڻھو جو چون ٿا، اھو ٻيو ھوندو آهي، خدا جو ڪندو آهي، اھو ٻيو ھوندو آهي.
- تو سان سُلوڪ سنو ٿئي ته ڪنھن سان بدسلوڪي نه ڪر، ائين نه ٿئي جو تو سان به ڪو بدسلوڪي ڪري.
- بيوقوف تي ڪڏھن ڀروسو نه ڪر.
- تنھنجو نشانو پلو ناهي ته پالو نه ھڻ.
- شھر جي دولت، منصف/ قاضي ھوندو آهي. گدام جي دولت، ذخيرو ھوندو آهي. فوج جي دولت، ان جو سپاھ سالار ھوندو آهي. ھنرمند جي دولت، ان جا اوزار ھوندا آھن.
- ڏاند، ڏاند کي جنم ناهي ڏيندو.
- چور، چوري رات جو ڪندو آهي، پڪڙبو ڏينھن جو آهي.
- جيڪو نانگ جو ڏنگيل ھوندو سو نوڙيءَ کان پيو ڏجندو آهي.
- انسان پنھنجي بدقسمتي جي ڏينھن کان آگاھ ناهي ھوندو.
- تڪبر، وڏي ماڻھوءَ کي به تباھ ڪري ڇڏيندو آهي.
- ڪنجوسي نه ڪجي، ڇو جو دولت جي ڪا به ضمانت ڪانھي.
- ڏُڪندڙ ڏند، پنھنجي جاءِ تي نه ٻيھندو آهي.
- پٿر جو مجسمو، احمق پٽ کان بھتر آهي.
- بري پاءُ کان پاءُ نه ھجڻ چڱو آهي.
- پيڙ وسائي نه تو سگھين ته چوچڙي به نه ڏي.
- خاموشي، حماقت کي لڪائي ٿي.
- ڪلھ جي ڪيل شراب نوشي، اڄ جي ٻاڙ نه ماريندي.
- نوبا (پراڻي مصر اندر شھر جو نالو) جو ديسي، پنھنجو ويس نه ڇڏيندو.
- خدائي، اڪمل ۽ بي عيب آهي.

بنيادي طور تي پھاڪا ۽ چوڻيون، انسانن جي ھزارين سالن جي تجربن ۽ مشاھدن جو نچوڙ آھن. ڪي پھاڪا ۽ چوڻيون انساني عقيدن، خيالن ۽ روين بابت ھوندا آھن. ڪي انساني رشتن متعلق آھن. ڪي عمومي ۽ ڪي خصوصي واقعن بابت آھن. ڪي بنيادي محرڪات ۽ ڪي پوري انساني سماجي نفسيات جو احاطو ڪن ٿا. دنيا جي سيني پھاڪن تي نظر ڦيرائجي ته ائين لڳندو، جڻ پھاڪا ھزارن سالن کان وني ھڪ انساني

# ماڳن مڪانن جي نالن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون

سماج مان بڻي انساني سماج ۾ پيا ڦريا ۽ گهميا آهن. ڪهڙا پهاڪا، ڪهڙي خطي جا آهن، ان جو اندازو لڳائڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي. پر جيڪي پهاڪا مخصوص ماڳن، مڪانن ۽ واقعن متعلق هوندا آهن، ان جي نشاندهي ڪرڻ آسان هوندي آهي.

عبدالوهاب سهتو، جنهن پهريائين ڪهاڻين لکڻ کان آغاز ڪيو ۽ هاڻي وري سنجيدگيءَ سان پهاڪن، چوڻين ۽ محاورن جهڙي موضوع تي ڪم ڪري رهيو آهي، ان حوالي سان جس لهڻي. هن وقت تائين انهن پهاڪن جي حوالي سان مختلف موضوعن تي عرق ريزي ڪري ۽ پنهنجا نتيجا ڪڍي، اسان آڏو اَٺ ڪتاب پيش ڪيان اَٿئين، جيڪي هڙئي قابلِ قدر آهن. پر سنڌ جي ماڳن ۽ مڪانن جي حوالي سان هن پورهيو ڪيو آهي، سو ٻه ساراهه لائق آهي. هن ڪتاب ۾، هڪ ته اسان کي اها خبر پوي ٿي ته اهي پهاڪا نج نبار سنڌ جا ۽ سنڌي ٻوليءَ جا آهن. ٻي خبر اها ٻه پوي ٿي، ته اندازن ڪهڙي دؤر جا آهن.

در حقيقت، ته ماڳ ۽ مڪان رڳو ڪن جاين جڳهن جا نانءَ ناهن هوندا، پر اهي اهڙا هنڌ هوندا آهن، جن سان پوري انساني سماجي تاريخ جڙيل هوندي آهي. ماڳن ۾ واهڻ وستيون، ڳام نگر، ٻر ٻحر، حجر شجر، محل ماڙيون، مندر مسجدون، نديون نالا، چنڊ ستارا ايستائين جو تصوراتي ماڳ يعني نرڳ سرڳ يا بهشت دوزخ ٻه اچي وڃن ٿا. هر ماڳ ۽ مڪان کي پنهنجو پنهنجو پس منظر هوندو آهي. ڪن جي پنيان مذهبي، ته ڪن جي پنيان تاريخي حوالو هوندو آهي. ڪي اقتصادي حوالي سان، ته ڪي تفريحي حوالي سان سجاتا ويندا آهن. ڪي خوبصورتي جي حوالي سان نشانبر، ته ڪي بدصورتي جي ڪري بدتر. ڪي برائي ۽ بڇڙائي جي ڪري بدنام، ته ڪي خير ۽ صلح جي علامت. انهن جا ماڻ ماپا پنهنجي جاءِ تي، پر پهاڪا ۽ چوڻيون وري اهو عام انساني اظهار هوندا آهن، جنهن مان انهن ماڳن متعلق عام ماڻهن جي مقبول راءِ جو اندازو ٿيندو آهي. ان جا ڪجهه مثال هيٺنين ڏجن ٿا.

مثلاً ڪي شهر يا ماڳ، مذهبي حوالي سان ايڏا ته مقدس هوندا آهن، جو انهن سان ان عقيدي رکندڙ ماڻهن جو روحاني رشتو هوندو آهي. جيئن مسلمانن وٽ مڪي ۽ مديني جي حيثيت آهي. مڪي جي عظمت اها آهي، جو خدا ٻه ان شهر جو قسم کنيو آهي. جيئن سورة والتين ۾ آيو آهي.

## ماڳن مڪانن جي نالن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون

وهٰذا البلد الامين. (قرآن)

قسم آهي امن واري شهر (مڪي) جو.

مڪي جي تقديس پنهنجي جاءِ تي، پر ان شهر جي حوالي سان عام ماڻهو پنهنجي پهاڪي ۾ جيئن اظهار ڪري ٿو، اهو ڪجهه وري ٻيو آهي. هڪ عربي پهاڪو آهي، ته ”جيڪڏهن تنهنجو پاڙيسري مڪي مان ٿي اچي، ته ان کان هوشياري ڪر. جي ٻيو دفعو وجي موٽي، ته ملڪ کان پاسو ڪر ۽ جي ٽيون دفعو وجي موٽي، ته ڏسندي ئي گهٽي مٽاءِ!“

مديني جي حوالي سان ٻه ڪيئي پهاڪا ۽ چوڻيون آهن، جنهن ۾ سندس حيثيت ۽ قدر ڄاڻايو ويو آهي. پر عام ماڻهو جڏهن مڪي ۽ مديني جو تقابلي جائزو وٺي ٿو، ته اهو پهاڪو جڙي ٿو، ته:

المدينة افضل من مكة
مدينو مڪي کان افضل آهي

يا

المدينة خير لهم لو كانوا يعلمون
مدينو ان لاءِ بهتر آهي، جيڪو ان کي سمجهي ٿو.

ان جو سبب گهڻو ڪري اهو آهي، ته مڪي جو ماڻهو سخت مزاج ۽ مديني جو ماڻهو نرم مزاج ٿئي ٿو. هتي عقيدت ۽ احترام کان وڌيڪ سماجي نفسيات ڪارفرما آهي.

اهڙيءَ طرح هندن جي عقيدي جي حوالي سان ڪاشي ۽ مترا سندن مقدس شهر آهن. ڪاشي جنهن کي بنارس، واراناسي به سڏيو ويندو آهي. اُتي وشوا ناٿ (شوَ جو قديمي جيوتي لنگم مندر) نهيل آهي. مترا وري ڪرشن ڀڳوان جي جنم ڀومي آهي. ان ڪري اهي ٻئي استان پوتر سمجهيا ويندا آهن. انهن جو درشن ڪرڻ وارو تعظيم جي لائق سمجهيو ويندو آهي. پر عام لوڪ جڏهن محسوس ڪيو ته جي ماڻهوءَ جي اندر ۾ سچائي موجود آهي، ته مترا ۽ ڪاشي وڃڻ جي به ڪا ضرورت ناهي، جنهن تي پراڪرت ۾ اهو پهاڪو جڙيو:

کرم تیرے اچھے ہیں تو قسمت تیری داسی ہے
نيت تيري اچھی ہے تو گھر میں متھرا کاشی ہے

# ماڳن مڪانن جي نالن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون

شهرن جي سونهن سوڀيا لاءِ بہ ڪي پهاڪا جڙيل آهن، جيئن فارسيءَ ۾ اصفهان شهر جي لاءِ چيو ويو آهي:

اصفهان نصف جهان است

اصفهان اڌ جهان آهي. اصفهان پنهنجي خوبصورت ماڙين، محلاتن، مذهبي جاين ۽ انتظامي ۽ واپاري مرڪز هئڻ جي ڪري اڌ جهان سڏجڻ لڳو. خاص ڪري صفوي حڪمرانن (1736-1501) ۾ جڏهن اصفهان کي ايران جي گاديءَ جو هنڌ قرار ڏنو ويو. ان دؤر ۾ اصفهان ۾ دنيا جو شهري حوالي سان وڏي ۾ وڏو چونڪ قائم ٿيو، جنهن کي ميدانِ نقش جهان سڏيو وڃي ٿو، جنهن کي اقوام متحده جي اداري ’يونيسڪو‘ دنيا جو ورثو قرار ڏئي ڇڏيو آهي.

هالينڊ جي شهر ’ايمسٽرڊم‘ جي حوالي سان اهو پهاڪو مشهور آهي، تہ:

”ايمسٽرڊم گناهن جو گهر آهي.“

چو تہ ان شهر ۾ جنسي بي راھ روي تمام گهڻي آهي، پر ان لاءِ اهو پهاڪو بہ مشهور آهي، تہ:

”ايمسٽرڊم گناهن جو گهر تہ آهي، پر حقيقت ۾ آزاد شهر آهي.“

چو تہ اتي نہ صرف جنسي آزادي آهي، پر اظهار جي آزادي بہ تمام گهڻي آهي. ان ڪري ايمسٽرڊم ۾ آرٽ ۽ ادب کي گهڻو فروغ مليو ٿو.

اٿينس جي حوالي سان بہ مشهور پهاڪو آهي:

اٿينس ۾ ڏاها ڏاهپ جو ڏس ڏيندا آهن ۽ جاهل انهيءَ کي رد ڪندا آهن.

اهو پهاڪو ان تاريخي واقعي طرف اشارو ڪري ٿو، جڏهن اٿينس ۾ سقراط جي تنقيد تي ان دؤر جا جمهوريت پسند ڪاوڙجي پيا ۽ متانئس نوجوانن کي ڪاري خراب ڪرڻ وارو الزام مڙهي، کيس زهر جو پيالو پياريو ويو. اڄ تائين اهو پهاڪو هلندو اچي ٿو.

ائين سنڌ ۾ بہ هر شهر، هر ڳوٺ جي حوالي سان ماڻهن پهاڪا ٺاهيا. جيئن اسان وٽ ڪنهن زماني ۾ قمبر شهر لاءِ چيو ويندو هيو تہ: ”قمبر: امبر آ“. انگريزن جي دؤر ۾ پنهنجي شاهوڪاري ۽ صفائي جي ڪري سنڌ جو صاف سٿرو شهر ليکيو ويندو هو. شاهوڪاريءَ جو اندازو ان مان لڳايو، تہ ڪنهن زماني ۾ قمبر ميونسپالٽيءَ ڪراچي ميونسپالٽي کي قرض

ڏنو هيو. تعليم، تربيت ۽ حسن جي حوالي سان هي ننڍو شهر، لاڙڪاڻي جو حيثي هيو. ڪامريڊ سوڀو گيان چنداڻي ۽ سندس وڏو ڀاءُ مکي ڪيول رام قمبر هاءِ اسڪول ۾ پڙهيا. پر اڄ اهو قمبر امبر نه پر ڏوڙ ۽ ڇائي تي ويو آهي. چڱو ڀلو ماڻهو شهر مان مَٽي ٿو، ته مٽي منهن تان نه ٿي لهيس. جي لاڙڪاڻي ۾ ماهتاب هئي، ته قمبر ۾ هاج هئي. اسان جي پيشرو، علم وادب جي نيڪ نام شخصيت ’جناب حسام الدين راشدي‘ هاج جي پنهنجي ڪتاب ”هو ڏوتي هو ڏينهن“ ۾ جيڪا تعريف ڪئي آهي، اڄ به جيڪڏهن سندس حسن ۾ ڪارا ٽيل ڪو نوَ صفحا پڙهي، ته ٽڏا ساهه پري.

اهڙيءَ طرح قنبر جي ماڻهن ۽ شهر جي اسان جي قومي شاعر ’ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي‘ جيڪا پنهنجي شاعريءَ جي ڪتاب منجهه تعريف ڪئي آهي، اها پڙهجي ته قنبر شهر جو اهو پهاڪو سمجهه ۾ اچي ويندو، ته قنبر عنبر ڪيئن هيو:

شاهه و گدا ڪري ٿو، تنهنجو سلام قنبر،
رحمت وسي ٿي تو تي، هر صبح شام قنبر.

هر طرف ڪان، تلائن لاتي آهي بهاري،
آبِ حيات پيئن ٿا، خاص عام قنبر.

هر هڪ تلاءُ بيشڪ، آئينه هو بهو آ،
آهي ڪيو سڪندر، شايد قيام قنبر.

ڪهڙا نمڪ پريا هن، قنبر جا آدمي سڀ،
پاڻي نمڪ پريو ٿا پيئن، مدام قنبر.

پائن سفيد ڪپڙا، ڇهرا هميشه ڇهرا،
ڪهڙو ڪلر جو آهي، تاثير تام قنبر.

بي نون نه سمجهو قنبر، آهي او مشڪ ۽ عنبر،
خوشبو ۾ تازه تر آ، هر هڪ مشام قنبر.

سڳداسي سندي سنهڙا، چانديءَ مثل ٿا چلڪن،
هبڪار ۾ معطر، ڪن ٿا تمام قنبر.

منڙيون پيڻ جون ڏوڏيون، ٻهَ بيشمار آهن،
ڪائن وڏا نندا تا، سڀ عام جام قنبر.

اعلىٰ دماغ ماڻهن لاءِ، خوب هي جڳهه آهہ،
آهي ٻڏل دڙي تي، عالي مقام قنبر.

کهڙا حسين ماڻهو، قنبر جي شهر ۾ هِن،
حق تي ڪيو سَوَن آ، بيت الحرام قنبر.

ماڻهن جو آهي وس ڇا، آهن پڪي پريشان،
ڪاتان پڪين ڪي آٽي، ماري تو دامِ قنبر.

آڙيون بدڪ ۽ ڪارڙا، هر هر متان وجن تا،
گهورن تا جان پنهنجي، هر هر بنام قنبر.

ڍنڍن ۾ ڪائي ڪانا، تلها تين تا،
آخر ڪري تو تن ڪي، پنهنجو طعام قنبر.

**حيدر** جو تي سپاهي، قنبر ٿيو شهنشہ،
اي دل! حياتي ساري، ٿي رهہ غلامِ قنبر.

اهڙيءَ طرح مٽياريءَ متعلق هڪ پهاڪو آهي، ”مٽيارين ۾ موت، ويندي جي ويرم“. اهو ميرن جي دؤر جو پهاڪو آهي ۽ سنڌ جي مذهبي اقليت جي هڪ دانهن آهي، ڇو تہ مٽيارين جا سيد، عمومًا واٽين کي زوريءَ مسلمان ڪري، ثواب ڪنندا هيا. ان ڪري هندو واٽيا، مٽياريءَ وڃڻ کان ائين لهرائيندا هيا، جيئن ڪانءُ پڄي ڪمان کان.

لاڙڪاڻي جو اهو پهاڪو: ”هجئي ناڻو، تہ گهمُ لاڙڪاڻو“، لاڙڪاڻي جي ان دؤر جو تعين ڪري ٿو، جڏهن لاڙڪاڻو اوُج تي رسيو. اهو دؤر، غالبًا ڪلهوڙن جو دؤر هيو، جڏهن لاڙڪاڻو خوشحال ۽ فارغ البال هيو. پر اهو ئي لاڙڪاڻو، جڏهن بدامني ۽ ٻين مسئلن جو شڪار ٿيو آهي، تہ هڪ ٻيو پهاڪو هاڻي زبانِ زد ٿي ويو آهي: ”هجئي ناڻو تہ ڇڏ لاڙڪاڻو“.

بنيادي طور تي پهاڪا ۽ چوڻيون، انساني سماج جي مجموعي ڏاهپ جو اظهار آهن، تہ جيئن ماڻهو سچائي ۽ حقيقت کي سمجهن ۽ اياڻپ ڇڏي، سياڻپ وارو رستو اختيار ڪن.

## ماڳن مڪانن جي نالن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون

عبدالوهاب سهتي سنڌ جي ماڳن مڪانن جي حوالي سان جيڪا اوک ڊوک ڪئي آهي، سا نہ صرف سنڌ جي سماجي تاريخ آهي، پر ٻوليءَ جي سگهہ ۽ سمجهہ کي بہ ظاهر ڪري ٿي. هن ماڻهوءَ کي شابس آهي، جو سول انجنيئر ٿي ڪري، ٻوليءَ جي ان دقيق موضوع تي ڪم ڪندو اچي ٿو. اجا تڪيو ناهي. لاڙڪاڻي ۾ جيئن تڏ تيئن وڌ وارو مثال نہ ٿو ڏئي سگهجي. البتہ لاڙڪاڻي ۾ جيئن گرميءَ جو تؤ اچيس ٿو، تيئن مڙس مچي ٿو. فطرت ماڪوڙي واري اٿس، جاڏانهون جهل اوڏانهون منهن ڪندو. حاسدن جي حسد کان بچڻ لاءِ سورة قل اعوذ برب الفلق پڙهندو رهي ٿو. الله ڪتائيندس.

ڏاهپ جي ڳالهہ ڪنهن کي وڻي نہ وڻي، پر پرپٺ هر ڪو اهو اعتراف ڪري ٿو، تہ هن سنڌ جي ڏاهپ جي ادب کي (Literature of Wisdom) سهيڙڻ ۾ ’هڏئون ڏئي هٺاءِ، تہ مالڪ ڏيني مذرا‘ وارو اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. نہ تہ اسان وٽ حالت اها آهي، تہ وڏا وڏا نام نهاد صاحبِ علم و عقل ڪُل، علمي ادبي ۽ ثقافتي ادارن (چيئرس) کي پيراڻيون ڳاديون سمجهي وينا آهن، اُٿن ئي نہ ٿا. ادبي، علمي ۽ ثقافتي ادارن جي حالت وڃي اها بيني آهي، جو جيڪو علمي حوالي سان نااهل ۽ نابين آهي، سو ’انڌو ماڻهو، ڪوڙو پئسو؛ ڏو ٽڪاڻي ۾‘ جي مصداق ادارن ۾ پيو ٿو هٿوراڙيون ڏئي ۽ هٿڙي هٽي. صاحبِ اقتدار ۽ صاحبِ سياست اهڙن انڌن کان اهو ئي ڪم ونن ٿا، جيڪي انڌا ئي ڪري سگهن ٿا. صاحبِ بصيرت ماڻهو وڃي تہ ڪاڏي وڃي. ويچاري کي نہ سنهي ڪرڻ اچي ۽ نہ قصيدا چوڻ اچن. سموري صورت حال ڏسندي، بس محسن ڀوپالي جو اهو شعر ٿو ورجائجي:

جاہل کو اگر جہل کا، انعام دیا جائے،
اس حادثہ وقت کو کیا نام دیا جائے۔
رندوں کی ہے توہین، میخانے کی ہتک ہے،
کم ظرف کے ہاتھوں میں، اگر جام دیا جائے۔

## مددي ڪتاب

١. جتوئي، حيدر بخش، جيئي سنڌ جيئي سنڌ (شاعري)، ٻيو ايڊيشن، اپريل ٢٠٠٩ع، باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي اڪيڊمي، حيدرآباد.
٢. ابن حنيف مصر کا قديم ادب (تيسری جلد) بار اول، ١٩٩٢ع، ناشر بيکن بکس گل گشت ملتان.
٣. ابن حنيف دنيا کا قديم ترين ادب (جلد دوم) تيسرا ايڈيشن، ١٩٩٨ع، ناشر بيکن بکس گل گشت ملتان.
4. Holy Bible (New International version) 18th impression July 1991 AD, published by International Bible Society, Colorodo Springs, USA.
5. Free Dictionery, (Internet)
6. Admiration and Virtues of Madina Munawwarah, International Islamic Web.

منظور ڪوهيار
لاهوري محلو، لاڙڪاڻو

# پ اکر

پهاڪا ۽ چوڻيون، لوڪ ادب جو حصو ۽ ورثو آهن. ڪلام منجهه سندن حيثيت، طعام منجهه لوڻ جهڙي آهي. جيئن لوڻ کان سواءِ طعام، بي سوادي ۽ بي ذائقه ٿئي ٿو، تيئن پهاڪن ۽ چوڻين کان سواءِ علم ادب به ٻُسو ۽ بي چسو رهي ٿو.

سنڌي ٻوليءَ ۾، قديم هئڻ سبب، پهاڪن ۽ چوڻين، اصطلاحن ۽ ورجيسن جو اڻ-کٽ خزانو موجود آهي. اهي جنهن ماحول اندر ڄاوا ۽ نپنا، پليا ۽ پختا ٿيا آهن، تنهن کين ازلي معنىٰ ۽ تشريح پڻ بخشي آهي. ڪنهن ڏکيءَ ڳالهه يا مسئلي کي سمجهڻ يا سمجهائڻ لاءِ ڏنل/ٻڌل شيءِ جو مثال ڏيئي سمجهائبو آهي. ان کي ضرب المثل چئبو آهي.

ضرب المثل جا ٽي قسم آهن:

١. مثالي ٽوٽڪا يا مثالي ڪهاڻيون.

٢. مثالي جملا: پهاڪا يا چوڻيون.

٣. مثالي فقرا: ورجيسون يا اصطلاح.

ٽنهي شاخن بابت هيٺ وضاحت ڏجي ٿي.

١. مثالي ٽوٽڪا يا مثالي ڪهاڻيون:

ٻن ٽن سٽن يا هڪ پيراگراف کان وٺي اڻن ڏهن پيراگرافن منجهه بيان ڪيل وارتا، جيڪا مثال جي طور تي بيان ڪئي وڃي، ان کي مثالي ٽوٽڪو يا مثالي ڪهاڻي سڏبو آهي. ڊيگهه سبب ان کي پهاڪو نه سڏبو آهي. جڏهن ته اهڙا لطيفا، ٽوٽڪا، لٽڪا، آکاڻيون، ڪهاڻيون ۽ قصا وغيره، جيڪي عام زندگيءَ ۾ ضرب المثل جي صورت اختيار ڪري عوامي ٿي وڃن ٿا، تن کي مثالي ٽوٽڪا يا مثالي ڪهاڻيون سڏبو آهي.

٢. مثالي جملا: پهاڪا يا چوڻيون:

هڪ مڪمل جملو، جيڪو پنهنجي معنيٰ ۽ مفهوم کي قائم رکندي، مثال جي طور ڪتب اچي ۽ عوام ۾ عام هجي، ان کي مثالي جملو

چئبو آهي. مثالي جملي جي زمري ۾، ورجيسي جملو، چوڻي، پهاڪو، قول، ٻول يا گفتو وغيره اچي تا وڃن.

٣. مثالي فقرا: ورجيسون ۽ اصطلاح:

ٻن يا ٻن کان مٿي لفظن تي مشتمل فقرو يا غير مڪمل جملو، آزاد يا مصدر سان، جملي ۾ استعمال ٿيڻ پڄاڻان ٻيءَ معنيٰ کي ظاهر ڪري يا مثال طور ڪتب اچي ته ان کي مثالي فقرو (Idiomatic Phrase) سڏبو آهي. مثالي فقري جي زمري ۾: ورجيس، اصطلاح، ٻٽو لفظ، ڪنايو ۽ تشبيهه وغيره اچي وڃن ٿا.

مٿي ڄاڻايل ٽنهي شاخن منجهان، فقط مثالي جملي بابت هتي بحث ڪنداسين. انهيءَ جي زمري ۾ پهاڪا ۽ چوڻيون اچن ٿا، جن جي لغوي معنيٰ ۽ فرق بابت چند ڳالهه ڪرڻ به ضروري آهي، جيڪا هيٺ ڏجي ٿي.

**چوڻي:**

نصيحت آموز، عام مقبول قول، سخن، گفتو جيڪو مڪمل جملو هوندي، ڪنهن ڏاهي، سياڻي، فيلسوف، داناءَ، دانشور، پيغمبر، وليءَ، شاعر يا اديب ڏانهن منسوب نه هئڻ جي باوجود، عوام جو پنهنجو هجي ۽ منجهس فهم، سمجهه، سوچ، فڪر، دانائيءَ، ڏاهپ، دانش، سياڻپ يا عقل جو نقطو يا رمز سمايل هجي ۽ پنهنجي لفظي يا ظاهري معنيٰ ۾ استعمال ٿئي ته ان کي چوڻي چئبو آهي.

**پهاڪو:**

اها عام مقبول چوڻي، جيڪا ظاهري معنيٰ ۽ مفهوم کان علاوه ٻيو يا اندريون مفهوم به رکي ته ان کي پهاڪو سڏيو ويندو آهي.

مٿي بيان ڪيل وصفن مان سمجهه ۾ آيو ته پهاڪي ۽ چوڻيءَ ۾ بنيادي فرق فقط، ظاهري معنيٰ ظاهر ڪرڻ ۽ ڳجهي معنيٰ ظاهر ڪرڻ وارو آهي. چوڻي، ظاهري معنيٰ ظاهر ڪندي آهي ۽ پهاڪو ٻي معنيٰ ۾ استعمال ٿي سگهندو آهي. ورنه ٻنهي جي صورت، ساخت، شڪل شبيهه ۽ عوامي پسنديدگي يا مقبوليتِ عام هڪجهڙي ئي هوندي آهي.

## پهاڪن ۽ چوڻين جي ارتقا

پهاڪن يا چوڻين جي ارتقا، ڪيئن، ڪڏهن ۽ ڪهڙي ماحول ۾ ٿي؟ اهي دلچسپ، انوکا ۽ جستجو طلب سوال آهن. گهڻن کوجين، انهيءَ ڏِسُ ۾

## ماڳن مڪانن جي نالن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون

رندا روڙيا آهن، چو جو سمورن پهاڪن/چوڻين جي ابتدا، ارتقا يا تواريخ بابت معلومات ڪني ڪرڻ، ڪنن ڪم آهي. ادبي افق تي رونق افروز هزارين پهاڪا/چوڻيون هڪ ماحول، پس-منظر، حالت، طريقي، ذريعي يا واقعي سان وجود پذير نہ ٿيا آهن. انهن جي جڙڻ پويان ڪيئي پس-منظر، ذريعا، سبب ۽ ڪارڻ آهن. منجهانئن ڪن بابت هيٺ نشاندهي ڪجي ٿي.

پهاڪن/چوڻين جي جنم جا مکيہ ذريعا

١. لوڪ ڪٿائون.

٢. تواريخي شخصيتون، واقعات، حالات ۽ جغرافيائي ماڳ مڪان.

٣. سياڻن جا سخن، قول، گفتا يا نقطا.

۴. انساني جذبات جو رد عمل يا ندائي جملا.

۵. پروليون ۽ ٻول.

٦. ٻولين جو هڪ ٻئي تي اثر ۽ لساني جائزو.

مذڪوره مڙني ذريعن منجهان، هر هڪ جي وسيلي هزارين پهاڪا/چوڻيون جنم وٺي چڪا آهن. سمورن پهاڪن ۽ چوڻين جي چندڇاڻ ڪرڻ ممڪن آهي پر تمام مشڪل پڻ. انهن کي فقط يڪجاءِ ڪرڻ سان ٻہ ايڏو وڏو ضخيم ڪتاب جڙي پوندو، جيڪو هڪ ماڻهوءَ جي ترتيب ڏيڻ ڪان زور آهي. بهتر آهي تہ مرحليوار، مڙني پهاڪن ۽ چوڻين جي چندڇاڻ ۽ اپياس ڪجي.

١-٠ لوڪ ڪٿائن ذريعي جڙيل پهاڪا/چوڻيون.

پهاڪن ۽ چوڻين جي جڙڻ جا ڪيئي ذريعا آهن، جن مان خاص ذريعو، ڪهاڻيون يا آکاڻيون، داستان يا قصا، ڪٿا يا لوڪ ڪٿائون آهن. تاريخي يا نيم تاريخي واقعا پڻ سندن جنم جو سبب آهن.

لوڪ ڪٿائن واري ذريعي کي ٻہ هيٺين ٽن شاخن ۾ ورهايو ويو آهي:

١-١ سنڌ جا مشهور لوڪ داستان:

سنڌ جي مشهور لوڪ داستانن جهڙوڪ: دودو چنيسر، ليلان چنيسر، مومل راڻو، عمر مارئي، سسئي پنهون ۽ سهڻي ميهار وغيره، ڪيترن ئي پهاڪن/چوڻين کي جنم ڏنو آهي. مثال طور:

الف- دودو ڏوڙ، چنيسر چائي.

## ماڳن مڪانن جي نالن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون

ب- ويئيءَ وهاڻيءَ، دودي ناناڻا آيا.

ج- عمر نيئي نيئي مارئي نيندو، ٿرئون ته نه ٽيلهيندو.

د- اٺ ڪين سسئي.

ه- ڪيئي ليلائون، چنيسر جي راڄ ۾.

و- ڀنڀوران جي ڀڳيون، سي چٽيون.

ز- ميهار گهٽو ئي چڱو، پر ٽيو هُن پار.

ح- مومل جي ماڙيءَ ڪي، چوڏاري چارا. وغيره.

۱-۲ ٻارن لاءِ وندرائيندڙ يا نصيحت آموز آکاڻين ذريعي جڙيل پهاڪا ۽ چوڻيون:

ٻاراڻين آکاڻين يا نصيحت آموز آکاڻين ۾ ڪيترن ئي پهاڪن/چوڻين کي جنم ڏنو آهي. مثال طور؛

الف- گدڙ ڊاک نه پڄي، آکي؛ ”ٿُو ڪٽا!“

ب- اٺ کي گهنڊڻيءَ/ تاڙيءَ جو، ڪهڙو ڀؤ.

ج- اجايا پهه نه پچائجن.

د- جو ڪمائي، سو کائي. وغيره.

۱-۳ موزون آکاڻين ذريعي جڙيل پهاڪا ۽ چوڻيون:

موزون آکاڻين يا ڪهاڻين ۾ ڪيترن ئي پهاڪن/چوڻين کي جنم ڏنو آهي. مثال طور:

الف- اکين وارا، دنيا ۾ ٿورا آهن.

ب- ڀريءَ ٻيڙيءَ ۾، واڻيو ڳورو.

ج- ڀُلي ڀُلي ڀاڻ آئي، سا ٻه نه ڀُلي.

د- پرائي ڏيءَ / ڏيو تان ڪارڪ ٻه چڱي.

ه- جاتي پاٽي، تاتي پاڻ / پهر.

و- دنيا ۾ دوڏ ڪا دوڏ ۽ پاني ڪا پاني آهي.

ز- ڪارا گهٽا پر ڪارنهن ڪنهن ڪنهن جي لهي. وغيره.

## ٢-٠ تاريخي/نيم تاريخي واقعن يا جاگرافيائي ماڳن بابت چيل پهاڪا ۽ چوڻيون:

اسان جو موضوع فقط، جاگرافيائي ماڳن بابت چيل پهاڪا ۽ چوڻيون آهي. هتي انهن چوڻين بابت بحث ڪجي ٿو. ماڳ مڪان جي سري هيٺ، هيٺ ڄاڻايل قسمن جون چوڻيون اچي وڃن ٿيون:

١. شهر يا ڳوٺ جي جاگرافيائي بيهڪ بابت.

٢. شهر، ڳوٺ، علائقي جي رهواسين جي ورتاءَ بابت.

پهاڪو يا چوڻي، پلي شهر يا ڳوٺ بابت هجي يا ماڻهن بابت پر ان جو اصلي محرڪ وري به اتان جي ماڻهن جي اٿڻي ويهڻي ئي هوندي. جتي انساني آبادي ناهي، ان بابت نه ڪا ڄاڻ آهي نه ڪا تاريخ ۽ نه ڪو جاگرافيائي بحث آهي.

جن شهرن يا قصبن، ڳوٺن يا ماڳن بابت پهاڪا/چوڻيون جڙيا آهن سي واتين ويڻين اڳتي هلندا رهيا آهن. سينه به سينه سفر ڪندا، ماڻهن جي واتن تي محفوظ رهندا آيا آهن. منجهن تاريخ به آهي ته ٽوڪ ۽ چٽر به آهي. طنز به آهي ته معلومات به آهي. ردم به آهي ته چِڪ به آهي. پنهنجي ٿور-اکرائيءَ سبب، دلين تي نقش ٿي قائم رهندا پيا اچن. گهڻي استعمال سبب، منجهن ايڪائي صفت جنم وٺي ٿي جنهن سبب سندن هڪڙو روپ مقرر ٿي عوام ۾ دهرائجندو رهيو آهي. عوام ۾ مقبوليت ماڻي، هاڻي چوڻيءَ/پهاڪي جي پد کي پهتا آهن.

پهاڪي/چوڻيءَ لاءِ، عالمن هيٺ ڄاڻايل چار خاصيتون مقرر ڪيون آهن. اهي چوڻيون هاڻي ارتقائي دور مان مڪمل نڪري ان پد تي پهتيون آهن.

١- ٿور-اکرائي يا ننڍڙو روپ.

٢- ويچارن جي گهرائي.

٣- سلوڻائي، ظرافت يا اظهار جي نزاڪت.

٤- لوڪ/عوام ۾ مقبوليت/مشهوري.

# ماڳن مڪانن جي نالن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون

جڏهن ڪو جملو، مٽي ڏسيل ڪسوٽيءَ جي مڙني مرحلن مان ارتقائي منزلون طئي ڪري چڪندو آهي ته اهو پهاڪي يا چوڻيءَ جو روپ وٺندو آهي.

مختصر جملو، جنهن ۾ ڪو اونهون ويچار يا سُندر نقطو سمايل هجي ۽ اهو وهنواري زندگيءَ ۾ حاصل ڪيل آزمودي تي مبني هجي، ان کي پهاڪو چئجي ٿو، جيڪو ڪنهن لساني سماج ۾ صدين کان وٺي هر هڪ پيڙهيءَ کي، زباني طور ورثي ۾ ملندو پيو اچي. انهيءَ ۾ وڏڙن جو آزمودو محفوظ آهي، جيڪو وقت تي اسان جي رهنمائي به ڪري ٿو ۽ صحيح واٽ تي هلڻ جي نصيحت به ڏئي ٿو. (١)
هر اهو جملو جيڪو تاريخ ۽ جاگرافي، ثقافت ۽ مذهب، اٿڻي ويهڻي ۽ ڏيتي ليتيءَ ۾، چٿر، ٽوڪ يا تعريف وغيره جي حساب سان عوام ۾ مشهور ٿي وڃي، ان کي به پهاڪي/چوڻيءَ جي حيثيت حاصل ٿئي ٿي.
هتي ڳالهه کي سمجهائڻ خاطر منظور ڪوهيار صاحب جي هڪ مضمون منجهان مثال ڏجي ٿو. ڪوهيار صاحب، شهري ڪهاڻيون نالي سان، ڪن شهرن بابت هيٺ ڄاڻايل مفروضا رقمطراز ڪيا آهن، جيڪي اڄ اجا ڪهاوت يا چوڻي/پهاڪي جو روپ اختيار نه ڪري سگهيا آهن. گمان آهي ته سياڻي، ساڃَئي يا مٿيل روپ ۾ اهي هلي چوڻيءَ جو مرتبو ماڻي سگهن.

- **ڪراچي:** اونداهين جو شهر ۽ چمڙن جو راڄ.
- **حيدرآباد:** هڪ حصو آباد، ٻيو حصو برباد.
- **سکر:** هڪ فريب، ٻيو مڪر، هينان درياهه، مٿي ٽڪر.
- **لاڙڪاڻو:** هجئي ناڻو، ته ڇڏ لاڙڪاڻو.
- **ميرپورخاص:** نه عام جو، نه خاص جو، رڳو 'خاص الخاص' جو.
- **نواب شاهه:** غلم جا توبچي، ۽ رڳو واهه واهه.
- **ڪشمور:** ڪڏهن نانگ، ته ڪڏهن نور، ڪڏهن ڪانءُ، ته ڪڏهن مور.
- **ڪنڌڪوٽ:** زمين نوٽ، ماڻهو روٽ.
- **جيڪب آباد:** نه داد، نه فرياد، پوءِ به سردار زنده باد.
- **گهوٽڪي:** نوٽ ڪي (پئسي جي).
- **سانگهڙ:** لانگهڙ.
- **ڄامشورو:** ڇنو ڇورو.

## ماڳن مڪانن جي نالن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون

- **قنبر:** نہ ڌرتي، نہ امبر.
- **ٽنڊومحمد خان:** نانءُ وڏو، شهر ويران.
- **ٽنڊو ڄام:** برائي نام.
- **رتوديرو:** نہ تيرو، نہ ميرو، جيئي وڏيرو.
- **ڏوڪري:** نانگن جي ٽوڪري.
- **باقراڻي:** نہ راڻو، نہ راڻي، سورن منجھ ساماڻي.
- **باڍھ:** سورن جي جانڊھ.
- **ٽنڊو آدم:** ڪنهن کي دلاسو، ڪنهن کي دم، نہ اچڻ واري جي آجيان، نہ وڃڻ واري جو غم.
- **نئون ديرو:** ڦلن جي ٽوڪري ۾، نانگن جو ديرو.
- **سيوهڻ:** مست قلندر! مست قلندر، هنود ڪاسائي دل جي اندر.
- **اسلام ڪوٽ:** نالو چڱو، چڙهيل چوٽ، ٻاهران پاڪر، اندر کوٽ.
- **مٺي:** نہ ڪٺي، نہ مٺي.
- **خيرپور:** زر ڦينڪ تہ اڪئين نور، نہ تہ هر ڪو دور دور.
- **ٺٽو:** تاريخ ۾ سياست جو اڃو چنو، پوءِ بہ ماڻهو عقل منو.
- **ميرو خان:** تون بہ خان، مان بہ خان، هلي ڪيئن جهان.
- **ميهڙ:** جيڪو ملئي، ميڙي هڻ.
- **نصيرآباد:** سدائين ناشاد.
- **شهدادپور:** لاڏ پور، ڪوڏ پور.
- **ڳڙهي خيرو:** ڳڙهي جهيڙو.
- **مورو:** جيءُ جهورو.

اها بي ڳالهہ آهي تہ مٿين شهرن بابت ٻئي يا ساڳئي روپ ۾ ڪهاوتون استعمال هيٺ آهن. جهڙيءَ طرح:

- **ڪراچي:** روشنين جو شهر.
- **لاڙڪاڻو:** هجئي ناڻو تہ ڇڏ لاڙڪاڻو.
- **ڪشمور:** ڪئش مور.
- **ڪنڌڪوٽ:** ڳند ڪوٽ.
- **ڄامشورو:** ڄان ڇوڙو.
- **باڍھ** جي بسرين کان ٿرڙيءَ جون ٽڪون چڱيون.
- ڏسڻ جي **ڏوڪري**، اندر جي باڍھ.
- **نئون ديرو:** دل وارن جو ديرو.

## ماڳن مڪانن جي نالن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون

- **مٽي:** ڏاڍي مٺي آهي.
- **ڳڙهي خيرو:** جت ٻڪ مري ڳيرو.

مٽي جاٽايل فقرا يا جملا، چوڻيءَ يا ڪهاوت جو، اگر اڄ روپ ڌاري نہ سگهيا آهن تہ سياڻي، گهڻي استعمال پڄاڻان، عوام ۾ پنهنجائپ واري حيثيت حاصل ڪندي، ڪهاوت جي پد تي پهچي ويندا.
هر ٻوليءَ ۾ ڪي اهڙا پهاڪا/چوڻيون موجود آهن، جن جو ان ٻوليءَ جي خطي، ماڳ مڪان يا جاگرافيائي بيهڪ سان ضرور واسطو آهي. ڪجهہ مثال هيٺ پيش ڪجن ٿا.

**الف) انگريزي**

| | | | |
|---|---|---|---|
| ١ | When in Rome, do as Romans do | روم ۾، رومين وانگر رهو. | جهڙو ديس، تهڙو ويس. |
| ٢ | Rome was not built in a day. | روم، هڪ ڏينهن ۾ نہ جڙيو آهي. | ترڪيءَ تي بهشت نہ ٿو جڙي. |
| ٣ | It is ill-sitting in Rome and striving against Pope. | روم ۾ رهي پوپ سان اڻبڻ، بيوقوفي آهي. | درياهہ ۾ ويهي، مانگر مڇ سان نہ وجهجي وير. |
| ۴ | All Roads lead to Rome. | سمورا رستا، روم ڏانهن وڃن ٿا. | مومل جي ماڙيءَ ڪي چوڏاري چارا. |
| ۵ | Rome was burning, Neru was fiddling | روم سڙيو پئي، نيرو مرليءَ ۾ مگن هئو. | ڪوئي مري ڪوئي جيوي، سُتريا گهول پتاشا پيوي. |

**ب) عربي**

| | | |
|---|---|---|
| ١ | بغداد، عروس البلاد | بغداد، عراق جي گاديءَ جو هنڌ، شهرن جي ڪنوار آهي. |
| ٢ | صوفي، لاڪوفي | صاف دل ڪڏهن بہ ڪوفي نہ ٿيندو. |
| ٣ | ڪوفي، لايوفي | ڪوفي جو رهندڙ، باوفا نہ هوندو. |

**ج) فارسي**

| | | |
|---|---|---|
| ١ | اصفهان: نصف جهان. | اصفهان، سونهن ۾، اڌ جهان برابر آهي. |
| ٢ | سيون سبي چون ساختي، دوزخ چرا مي پرداختي. | جڏهن سيوهڻ ۽ سبي ناهيئي، پوءِ دوزخ ڇا لاءِ پيدا ڪيئي. |
| ٣ | هنديان را هند مدح بہ، | هندن لاءِ هندي محاورو، |

# ماڳن مڪانن جي نالن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون

| | | |
|---|---|---|
| | سنديان را سند مدح بہ. | سنڌين لاءِ سنڌي محاورو. |
| ۴ | چنان قحط سالي شد اندر دمشق،<br>کہ ياران فراموش کردند عشق | دمشق جي قحط سبب،<br>يارن کان عشق ئي وسري ويو. |
| ۵ | ترسم نہ رسي بکعبہ اي اعرابي،<br>کہ اين تو راہ روي بترکستان است. | ڊپ اٿم تہ ڪعبي نہ پهچندين اي اعرابي،<br>راهہ جا ورتي اٿئي، سا ترڪستان تي وڃي. |

د) **پنجابي**

| | | |
|---|---|---|
| ۱ | جس ني لاهور ديان بتيان<br>نهين ويکيان،<br>اوہ جميا ئي نهين. | جنهن لاهور جون ٻرندڙ بتيون نہ<br>ڏٺيون، اهو ڄڻ ڄائو ئي نہ. |
| ۲ | ”ڪتي گئي سي؟“<br>چي: ”لالي موسي.“<br>”ڪي ڪرڻ گئي سي؟“<br>چي: ”پنڊ مفت دا ڪتي گسي.“ | ”ڪاڏي وئي هئين؟“<br>چي: ”لالا موسيٰ.“<br>”چا لاءِ وئي هئينءَ؟“<br>چي: ”پنڊ مفت جو، ڏوڙ منهن ۾ الڳ!“ |

هہ) **سرائيڪي**

| نمبر | شهر/ماڳ | سرائيڪي چوڻي | سنڌي نعم البدل |
|---|---|---|---|
| ۱ | اُچ | ۱.۱ اُچ جلال[1] ڏٺي، تان غريبان وي وٺي ماري. | ۱.۱ اچ، جلال ڏٺو، غريبن بہ وٽ پچايا. |
| ۲ | احمدپور/ احمدپوري | ۲.۱ احمدپوري، نيت بري. | ۲.۱ احمدپوري، نيت بري. |
| ۳ | الہ آباد/ الہ آبادي | ۳.۱ الہ آبادي، رن سوادي.<br>۳.۲ الہ آبادي، مُنا هتھ. | ۳.۱ الہ آبادي، رن سوادي.<br>۳.۲ الہ آبادي، هٿن-ٺُنڊا. |
| ۴ | بنون | ۴.۱ فلاڻان ڳيا بنون، ول آوي تان منون. | ۴.۱ جو وڃي بنون، موٽي اچي تہ مڃيون. |
| ۵ | بهاولپور/ بهاولپوري | ۵.۱ آئي يار بهاولپوري، مونھ دي مني، نيت بري. | ۵.۱ آيا يار بهاولپوري، منهن جا منٺڙا، نيت بري. |
| ٦ | بهلوال | ٦.۱ جيهڙا ويسي بهيلو وال، ڪالي ڪني نالو نال. | ٦.۱ جيڪو ويندو پلوال، تنهن کي ڪاري ڪني ڪلهي تي. |

[1] جلال: جلال الدين سرخ پوش جهانيان جهان گشت، جنهن اچ منجهہ خانقاهہ جو بنياد وڌو.

# ماڳن مڪانن جي نالن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون

| | | | |
|---|---|---|---|
| ٧ | ٻوهڙ[1] | ٧.١ ٻوهڙين رات نان پووي، توڙي سس تي سوهرا هووي. | ٧.١ ٻوهڙن ۾ رات نہ پوئي، توڙي سس سهرو هجئي. |
| ٨ | پهاڙي[2] | ٨.١ پهاڙي ميت ڪيندي، يت ڪادا تي ويندي. | ٨.١ پهاڙي نہ مٽ ڪنهن جا، يت ڪاڏائون، پنڌ پيا. |
| ٩ | جڄہ / کهوئي | ٩.١ پڙن جڄہ آلي، ڪُتيجن کهوئي آلي. | ٩.١ وڙهن جڄہ وار، ڪُتجن کوهيءَ وارا. |
| ١٠ | جلالپور/ جلالپوري | ١٠.١ جلالپوري، مونهہ دي مٺي، هٿ اچ قران، ڪڇ اچ ڇري. | ١٠.١ جلالپوري، منهن جا مٺڙا، هٿ ۾ قرآن، بغل ۾ ڇري. |
| ١١ | جلہ ارائيان | ١١.١ جلي دي ارائين، او هي چور او هي سائين. | ١١.١ جلي جا آرائين: پاڻ ئي چور، پاڻ ئي سائين. |
| ١٢ | چنيوٽ/ چنيوٽي | ١٢.١ آئي يار چنيوٽي، شڪل سوهڻي، نيت کوٽي. | ١٢.١ چنيوٽي: شڪل سهڻي، دل کوٽي. |
| ١٣ | خان ٻيلا[3] | ١٣.١ خان ٻيلا، ڏکهہ ڏهيلا، ڀهونڪي ڪتي، ٻاکي ليلا. | ١٣.١ خان ٻيلا: ڏک ڏهيلا، ڀونڪي ڪتي، ٻيڪن ليلا. |
| ١٤ | داجل/ داجلي | ١٤. سوکهہ نان ستا داجلي، آپڻي سنبهل واڻ. | ١٤. سک سان ستو داجلي، پنهنجو سنڀالي واڻ. |
| ١٥ | دلي/ دلي وال | ١٥.١ دلي نگ تي ڪوڙا جيسلمير، پير فريد ڪڇي کي، دنيا بيڪانير. | ١٥.١ دهلي نگ، ڪوڙو جيسلمير، پير فريد ڪڇيءَ جي، دنيا بيڪانير. |
| | | ١٥.٢ دلي دي پهيڪري، جهين ماءُ تي جهين ڌيڪري. | ١٥.٢ دهليءَ جا ڦيڪري، جهڙي ماءُ تهڙي ڌيڪري. |
| | | ١٥.٣ ڪاڪا دلي وال، تهوليان ڳالهين، ڍير ڏتال. | ١٥.٣ ڪاڪا دلي وال، ڳالهيون ٿوريون، ڍير ڏتال. |
| | | ١٥.٤ دلي شهر نمونان، اندر مٺي، ٻاهرون چونا. | ١٥.٤ دهلي شهر نمونو، اندرئون مٺي، ٻاهرئون چونو. |

---

[1] ٻوهڙ: تونسہ ويجهو هڪ شهر.
[2] پهاڙي: سياري منجهہ پهاڙن تان لهي ايندڙ ماڻهو.
[3] خان ٻيلا: تحصيل خان پور ويجهو هڪ شهر.

# ماڳن مڪانن جي نالن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون

| | | | |
|---|---|---|---|
| ١٦ | دنياپور | ١٦.١. چار چيزين تحفہ دنياپور: گاجر، مولي، وڙي تي ڪمبور. | ١٦.١. چار شيون تحفا دنياپور: گجر، مووي، وڙيون ۽ ڪمبور. |
| ١٧ | رنگپور | ١٧.١ رنگپور دي پنتهہ نياري، هڪ نون ٻوڙي، هڪ نون تاري. | ١٧.١ رنگپور جا پنڌ نيارا، هڪ کي ٻوڙين، هڪ کي تارين. |
| ١٨ | ڪچي[1] | ١٨.١ ڪچي: سوني دي لچي.<br>١٨.٢ ڪچي دا يار تي لئي دا انگارا، ڏونهين بي وفا هوندن. | ١٨.١ ڪچي: سون جي لچي.<br>١٨.٢ ڪچيءَ جو يار، لئيءَ جا اڱر، ٻئي بي وفا. |
| ١٩ | کهروڙ پڪا | ١٩.١ آئي ني يار کهروڙي، لش پش ڍير، محبت تهولي. | ١٩.١کهروڙي: لش پش گهڻي، محبت ٿورڙي. |
| ٢٠ | ڪينجهر[2] | ٢٠.١ اتا هووي ڳنڍ، ڪينجهر رات نان پن.<br>٢٠.٢ ڪينجهر رات نان پووي، بهاوين اتا پلي هووي. | ٢٠.١ اٽو ڳنڍ ۾ هجئي، ڪينجهر ۾ رات نہ پوئي.<br>٢٠.٢ ڪينجهر ۾ رات نہ پوئي، پلي اٽو ساڻ هجئي. |
| ٢١ | لاڙڪانان | ٢١.١ جيڪر هووي نانوان، تان سيل ڪري لاڙڪانان، نان تان رل ود ليگا نان. | ٢١.١ جي هجئي ناڻو، گهم لاڙڪاڻو، نہ تہ نالو وني رل. |
| ٢٢ | لهور/ لهوري | ٢٢.١ لهور دي بانڪي، کهيسي اچ وتي.<br>٢٢.٢ آئي يار لهوري، ڏڪاوڻ دروازه، ٽپاون موري.<br>٢٢.٣ ڏنا لهور نمونان، اندر مٽي، ٻاهرون چونا. | ٢٢.١ لاهور جا بانڪا، ڪيسي ۾ پتر.<br>٢٢.٢ آيا يار لاهوري، ڏيڪارين دروازو، ٽپائين موري.<br>٢٢.٣ ڏٺو لاهور جو نمونو، اندرئون مٽي، ٻاهرئون چونو. |

[1] ڪچي: ستلج درياهہ جي ڪناري وارو علائقو/ دو آبو.
[2] ڪينجهر: مظفر ڳڙهہ ويجهو هڪ شهر. موجوده نالو: شاهہ جمال.

# ماڳن مڪانن جي نالن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون

| | | | |
|---|---|---|---|
| ٢٣ | مظفرڳڙھ/ مظفرڳڙھي | ٢٣.١ مظفرڳڙھ: آئيان دا ھي، ڄائيان دي نھين. | ٢٣.١ مظفرڳڙھ: آين جو آھي، ڄاين جو ناھي. |
| | | ٢٣.٢ مظفرڳڙھ: ڪفرڳڙھ. | ٢٣.٢ مظفرڳڙھ: ڪفرڳڙھ. |
| ٢٤ | ملتان/ ملتاني | ٢٤.١ آئي ملتان دي واري، پئي مينھ بڻ ڳئي اندھاري. | ٢٤.١ آئي ملتان جي واري، وٺو مينھن، ٿي آنڌاري. |
| | | ٢٤.٢ جئين نان ڏنا ملتان، نان او ھندو، نان او مسلمان. | ٢٤.٢ جنھن نہ ڏٺو ملتان، سو نہ ھندو، سو نہ مسلمان. |
| | | ٢٤.٣ چل چليئي ملتان، اتھان وڏي وڏي پھلوان، ڪاندي ڳريان تي بدام، مارن مڪ تي ڪڍن جان. | ٢٤.٣ ھلو ھلئون ملتان، جتي آھن وڏا وڏا پھلوان، ڪائين ڳريان ۽ بادام، ھڻي مڪ ڪڍن جان. |
| | | ٢٤.۴ خرچ وڏي ملتاني دي، دال مُنگ ڏو آني دي. | ٢٤.۴ خرچ وڏا ملتانين جا، دال مُنگ ٻين آني جا. |
| | | ٢٤.۵ شھران وچون شھر ملتان، جٿان ھر دم امن امان. | ٢٤.۵ شھرن منجھ شھر ملتان، جتي ھر دم امن امان. |
| | | ٢٤.٦ ملتان، پيرين ڪنون پر ھي. | ٢٤.٦ ملتان، پيرن سان پريل آ. |
| | | ٢٤.٧ ملتاني دا ھتھ چلي تي، ھندستاني دي زبان. | ٢٤.٧ ملتانين جا ھٿ ھلن، ھندستانين جي زبان. |
| | | ٢٤.٨ ملتاني: وڏي شطاني. | ٢٤.٨ ملتاني: وڏا شيطاني. |
| | | ٢٤.٩ ملتان دا يار، ٻنان عيدگاھ. | ٢٤.٩ ملتان جو يار، ٻنان عيدگاھ. |
| | | ٢٤.١٠ ملتان آئيان دا ھي، ڄائيان دا نھين. | ٢٤.١٠ ملتان آين جو آھي، ڄاين جو ناھي. |

و) ڏور اوپر

١. بئنڪاڪ ۾ اڇليل پٿر، ڪنھن ڪتي تي يا ٻڪشو ٻائي تي يا بادشاھي گھراڻي جي ماڻھوءَ تي پوندو. (ٿائي، چوڻي)

٢. ٽوڪيو ۾ رسيل تڪليف جو بدلو، ناگاساڪيءَ ۾ نہ ونجي. (جپاني، پھاڪو)

# ماڳن مڪانن جي نالن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون

مٿيان جملا، آسمان مان نازل ٿيل نہ آهن. ڪن ماڻهن جي واتان، موقعي محل جي مناسبت سان، بي اختيار نڪتل آهن. منجهن سچائي بہ آهي تہ سحر بہ. ڪن ۾ تہ فقط تڪ-بندي ئي آهي، تڏهن بہ پيا دل سان نهڪن.

اهڙيءَ طرح، سنڌ ۾ بہ ماڳ مڪان جي حساب سان، ڪن جملن، پهاڪي يا چوڻيءَ جي صورت اختيار ڪئي آهي. ان ڪري جاگرافيائي بيهڪ ۽ اتان جي رهواسين بابت چيل ڪجھ جملا، چندي چاڻي، پنهنجي نقطي ۽ هم-معنيٰ پهاڪي يا چوڻيءَ سميت، نموني جي طور لپ پري پيش ڪجن ٿا.

انهن جو ماڻهن جي نفسيات تي ڪيترو اثر آهي، سو پڙهندڙ پاڻ معلوم ڪري سگهي ٿو. اول ماڳ مڪان جو نالو ڏنو ويو آهي ۽ ان جي هيٺان، ان سان لاڳو پهاڪو/ چوڻي ڏني وئي آهي.

هيءُ مضمون پهرين ’ڪينجهر‘ رسالي لاءِ لکيو ويو هيو، جيڪو اتي پڻ ڇپيو. ان وقت شروعاتي مرحلن ۾ هئڻ سبب، منجهس ڪوڙ ساري ڪوت هئي. هاڻي ان کي وڌائي، سڌاري، سنواري ۽ ڪتابي شڪل ڏئي علم ادب جي چاڪائن لاءِ پيش ڪجي ٿو. اميد آهي تہ ان وکر جا متلاشي، منجهانئس ڪيئي موتي/ ماڻڪ چُٽي ۽ چوئي ڪيندا.

هن ڪتاب جي ڇپجڻ ۾، مان پنهنجي سمورن سهڪاري دوستن جو شڪرگذار آهيان. ناز سنائيءَ جو، جنهن ان کي ’ڪينجهر‘ رسالي لاءِ پسند ڪري ڇاپيو. رضا محمد بخاريءَ جو، جنهن واڌارن سڌارن کان پوءِ، ان کي ڪمپوز ڪيو. منظور ڪوهيار صاحب جو، جنهن ان کي پڙهي، پوءِ مٿس مهاڳ لکيو. احسان دانش صاحب جو، جنهن ڪتاب جو ٽائيٽل ناهي موڪليو. آخر ۾ رياضت برڙي صاحب جو، جنهن ان کي ڪتابي صورت ۾ ڇاپائڻ جي حامي ڀري.

**انجنيئر عبدالوهاب سهتو**
٨٩ پروفيسرس ڪالوني-٢
قمبر روڊ- لاڙڪاڻو

# متن

## ١.      آريجا

١.١      لاهي لنگا ويهه، آريجن مان آسرو،
پني پرائو ڏيهه، اچي ڪاءُ آريجن ۾. (سرو، چوڻي)

آريجن جا لاڙڪاڻي ۽ قمبر-شهدادڪوٽ ضلعن ۾ تي وڏا ڳوٺ آهن: ١. خير محمد آريجا، تعلقو ڏوڪري/ باقراڻي ٢. ڦيڙهي وارا آريجا، تعلقو قمبر ۽ ٣. محمدي آريجا، تعلقو وارهه. هيءَ چوڻي خير محمد آريجا (تعلقو ڏوڪري/ باقراڻي) لاءِ چيل آهي.

آريجن جي شهر ۾ خير محمد آريجو نالي، هڪڙو بزرگ ٿي گذريو آهي، جيڪو صاحبِ شريعت هيو. سندس وقت ۾، سندس موجودگيءَ ۾ ڪنهن کي بہ مجال نہ هئي جو دهل دماما يا موسيقي وغيرهہ وڄائي. شهر ۾ رهندڙ لنگها/ مڱڻهار، گذر سفر لاءِ ٻين شهرن ڏانهن ويندا هيا. ڪين آريجا شهر ۾ دهل نہ وڄائڻ سببان، پگر بہ نہ ملندو هيو، جنهن تان هڪ ڏينهن هڪڙي، آريجوي لنگهي/ مڱڻهار، ائين چئي دل جي باھ ماري.[1]

مطلب:
- آريجن ۾ پنڻ جي پچر ڇڏي، محنت تي گذران ڪرڻ گهرجي.
- پنڻو آهي تہ پوءِ آريجا ڇڏي، ٻئي هنڌ وڃي پِنجي.

## ٢.      آمري

٢.١      آمريءَ آءُ تہ مرين، هونئن نہ مرين تہ بک مرين. (لاڙ، چوڻي)

آمري: ضلعي دادوءَ اندر هڪ ماڳ جو نالو.[2]

ائين ڪنهن هڪڙي پئي چيو: ”سائين منگي منگوليا کان آيا، چنا چين کان ۽ ڪوري ڪوريا کان.“

منظور ڪوهيار صاحب بہ اتي وينو هيو، جنهن بي اختيار چيس: ”سياڻي چوندين تہ آمريڪا، آمريءَ وارن جو اڏيل آهي.“

---

1 سنديلو، عبدالڪريم، پهاڪن جي پاڙ، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد.
2 عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر: اوسر پهاڪاتي لغت، اوسر اشاعتاڻو، حيدرآباد، ٢٠١٥ع

هيءُ هڪڙو لطيفو هيو، جيڪو مذاح خاطر هتي ڏنو ويو.
جڏهن ته اڪثر ائين ڏنو ويو آهي ته لفظن جي هڪجهڙائي ماڻهوءَ جو ذهن منجهائي مائوف ڪري ڇڏيندي آهي. جيئن ڪوريجا ذات بابت هڪڙي تاريخ-نويس لکيو آهي: ”ڪوريجا، ڪورَون جو اولاد آهن.“
يا ائين ته منڇر، مانڇر يا مانسرور ڍنڍ جو بگڙيل نالو آهي، جيڪا وقت جي ڦير گهير سان ڇڇي ٻه ٽيڻ ڪان پوءِ ٻن نالن سان سڏجي ٿي. ائين ڇئي پوءِ ڪير ويهي جيالاجيءَ جي اڪيڙ نڪيڙ ڪري!
اهڙيءَ طرح آمري ۽ آ مر! ٻه لفظن جي هڪجهڙائيءَ سبب پاڻ ۾ الجهيل آهن. ضروري ناهي ته جيڪو آمريءَ اچي سو آ مري!
ڇو جو مرڻ مرڪ آهي ۽ ماڻهو مرڻي وٺ آهي. ڪاٿي ٻه پڇي آيس، دنيا مان هليو ويندو. ان جو هليو وڃڻ، ماڳ مڪان ۽ وقت سان جڙيل آهي پر ان جي، سواءِ خالق مالڪ جي، ڪنهن کي ڪا خبر ناهي.
اهڙيءَ طرح اڄ ۽ ٻڪ ٻه فطري تقاضائون آهن، ڪٿي ٻه لڳي سگهن ٿيون. وچ سمنڊ ۾ ٻه ماڻهو اڄيو مري سگهي ٿو، محلن ماڙين مراعتن جي اندر، مانيءَ جي گرهه لاءِ ٻک مري سگهي ٿو.
هيءَ لفظن جي جادوگري آهي، جنهن تحت جيڪا لاهٽي، جنهن تي لاهٽي هجي، سا لاهي سگهجي ٿي.

مطلب:

- آمريءَ منجهه ڪائڻ لاءِ، پئسن تي ٻه ڪجهه نه ملندو.

## ٣. اٻاوڙو

٣.١ اوٻاوڙي جي ٻولي: دٻي ۾ نڪريون. (چوڻي)

اوٻاوڙو، جغرافيائي لحاظ کان سنڌ، پنجاب، بلوچستان جي سرحد تي ۽ هندوستان جي رياست جيسلمير جي ويجهو آهي. سرائيڪي، پنجابي، بلوچي ۽ سنڌي ٻولين جي ڳَڏيل اثر کان علاوه، علائقائي لهجن جي فرق ۽ ڦير سبب، اتان جي ٻولي چڱي خاصي بگڙيل آهي. ان کي سمجهڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ دقت ٿئي ٿي، جنهن سببان اتي مروج لهجي (dialect) بابت عام راءِ اها آهي ته دٻي ۾ نڪريون وجهي، دٻي کي کڙڪائبو ته منجهانئس جيڪو آواز نڪرندو، تنهن جو ڪو ٻه مفهوم يا پيغام نه هوندو. اوٻاوڙي جي ٻولي سمجهڻ ٻه ائين آهي، جيئن نڪرين وڌل دٻي کي کڙڪائڻ سان نڪتل آواز کي سمجهڻ.

مطلب:

- اوباوڙي جي ٻولي، سمجهڻ ۽ ڳالهائڻ ڏکي آهي.
- بروهڪي/ جتڪي ٻولي، دٻي ۾ ٺڪريون.

## ۴. اروڙ

۴.۱ هاڪ وهندو هاڪڙو، پڇندي ٻنڌ اروڙ،
ٻِهَہ، مڇي ۽ لوڙهہ، سمي ويندا سوڪڙي. (سرو، چوڻي)

چوٿين صدي هجريءَ ۾ سنڌو درياهہ، هاڪڙي وٽان وهندو هئو. جڏهن اروڙ وٽان مٽس ٻنڌ ٻڌائون تہ رخ مٽائي ويو. هاڻي بجاءِ هاڪڙي واري پاسي کان وهڻ جي، نئي واري پاسي ڏانهن وهڻ لڳو. درياهہ جي رخ مٽائڻ سببان، درياهہ جي پاڻيءَ تي ٿيندڙ سموريون رونقون اوڏانهن ڦري ويون. خاص طور تي ٻهہ، مڇي ۽ لوڙهہ وغيرهہ هاڻي نئي طرف ٻہ ٿيڻ لڳا. اڳي اهي اروڙ وارن وٽان ڪين تحفي طور ملندا هيا، جنهنڪري موٽ ۾ پاڻ بہ اروڙ وارن جي خاطر تواضع ڪندا هيا. درياهہ جي رخ مٽائڻ سببان، اروڙ وارن جي خاطر تواضع ۾ گهٽتائي اچي وئي.

ان ڪري ماموئين هن بيت اندر پيشن گوئيءَ طور چيو آهي تہ، شال اروڙ جو بند ٽٽندو ۽ درياءُ وري هاڪڙي واري پاسي ڏانهن سير ڪري وهندو. پوءِ نئي واري پاسي، جتي سمن جي حڪومت آهي، پاڻي نہ وڃڻ سبب ٻهہ، مڇي ۽ لوڙهہ نہ ٿيندا، جيڪي حاصل ڪرڻ لاءِ، ڪين وري هاڪڙي وارن ڏانهن، واجهائڻو پوندو ۽ واسطا وڙا وڏائڻا پوندا.[1]

مطلب:

- درياهہ جي رخ ڦيرائڻ سان حالات ۾ بہ ڦيرو اچي ٿو.

## ۵. اورنگا/ ديرو

۵.۱ ديرو ڦٽو، اورنگا وٺو. (لاڙ، پهاڪو)

ڪڪرالہ، تعلقي شاهبندر ۾، ديرو ڪيهرن جي گاديءَ جو هنڌ هئو ۽ اورنگزيب عالمگير، ديري جي ڦٽڻ بعد اورنگا بند تعمير ڪرايو، جنهن

[1] سرڪي، نياز عودائي، سنڌي پيشن گوئيون (ماموئين جا بيت)، ڪافي پبليڪيشن ڪراچي

ڪي ڪڪرالہ بندر بہ چوندا آهن. ديري ڦٽڻ بعد، اورنگزيب جي نالي پويان اورنگا بندر وسي ويو.[1]

هونئن بہ اهو فطري عمل آهي. وڏي شهر جي اوس پاس واريون وسنديون، ايترو نہ اسرنديون آهن. اهي هر سهوليت لاءِ وڏي شهر ڏانهن واجهائينديون آهن. پاڻ کي پاڻ-پرو ڪرڻ بجاءِ، وينديون آهن ڦٽنديون.

مطلب:

- هڪ ڳوٺ، شهر يا ماڻهوءَ جي تباهہ ٿيڻ کان پوءِ ٻيو ورسجي وڃي تہ ائين چيو ويندو آهي.

## ٦. ٻنورو

٦.١ ليڪا ڏي ٻنوري وارن کي. (لاڙ، چوڻي)

شاهبندر، جاتي ۽ ڪارو-ڇاڻ جي ماڻهن کي ڪير، خواه مخواه بيوقوف بنائڻ واري ڳالهہ ڪندو آهي تہ سُر صحيح ڪري ڪيس ٺوڪ طور ائين موٽ ڏيندا آهن. اڳئين دؤر ۾ ٻنوري جا ماڻهو بہ ٻين جي ليڪن تي لڳي ويندا هئا.[2]

مطلب:

- ٻين جي ڳالهين تي لڳي پنهنجي مت وڃائڻ واري کي ائين ٺوڪ طور چيو ويندو آهي.

٦.٢ ٻنورو، دل ڏيئي ٻينو رو. (لاڙ، چوڻي)

ٻنوري شهر وارن کي بيوفا ظاهر ڪرڻ خاطر ايئن مثال ڏنو ويندو آهي. هونئن بہ جتي جت قوم جو مسڪن هجي، اتي بيفائيءَ جي ئي توقع رکي سگهجي ٿي، چو جو اٺ ۽ جت جو رند ۽ پنڌ غرض کان سواءِ نہ هوندو آهي.

مطلب:

- پيٽيو: ڪنديارو، دل ڏيئي وينو رو.

---

[1] سنڌي، حافظ حبيب، ماجر ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻولي، سنڌيءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد

[2] سنڌي، حافظ حبيب، ماجر ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻولي، سنڌيءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد

## ٧. بني/ بهرام

٧.١ اٽجاڻ لاءِ: جهڙي بُني، تهڙو بهرام. (لاڙڪاڻو، پهاڪو)

بُني ۽ بهرام، تعلقي قمبر علي خان، ضلعي قمبر-شهدادڪوٽ جا ٻه وڏا ۽ مشهور ڳوٺ/شهر آهن. ٻئي بلڪل گڏوگڏ آهن. ائين جيئن قمبر ۽ علي خان، جيڪي اڳ ۾ ٻه الڳ الڳ شهر هيا ۽ هاڻي ملي هڪ تي ويا آهن ۽ گڏيل نالو اٿن: قمبر علي خان. اهڙيءَ طرح بني ۽ بهرام پڻ آهن، جيڪي قمبر علي خان کان شهدادڪوٽ ويندڙ رستي تي واقع آهن. بهرام ۾ ريلوي اسٽيشن پڻ آهي. ٻئي هڪ ٻئي کي ايترو ويجها آهن جو، نئين ماڻهوءَ کي بلڪل خبر نہ پوندي آهي تہ بهرام ڪٿي پورو ٿيو ۽ بُني ڪٿان شروع ٿي. ڪن سادن ماڻهن لاءِ اهو ئي بني آهي، اهو ئي بهرام آهي.

مطلب:

- جنهن سادڙي طبيعت کي ٻن شين جي فرق جي خبر نہ پئي تنهن لاءِ ٽوڪ طور ائين چيو ويندو آهي تہ: ”هن لاءِ جهڙي بني، تهڙو بهرام.“

## ٨. بخارا/ بلخ

٨.١ جو سک اپني چوباري، سو ناهي بلخ بخاري. (هندي، چوڻي)

چوبارو: ڪکائين جهوپڙي، سادڙو گهر.

پنهنجي ڪکائين گهر ۾ جيترو مزو آهي، اوترو بلخ بخارا جهڙن خوبصورت شهرن ۾ ناهي. پنهنجي گهر ۾، ماڻهو اٿڻ ويهڻ جي حساب سان آزاد، بيباڪ ۽ مرضيءَ وارو آهي. پرائي گهر ۾ هيسيل، موڙهيل ۽ گهٻرايل هوندو آهي.

مطلب:

- پنهنجي گهر جهڙي ڪا بادشاهي ڪانهي.
- پنهنجي ڏر تي گدڙ بہ شينهن.
- پنهنجي گهٽيءَ ۾، ڪتو بہ بگهڙ.
- پنهنجو گهر، هنگي پر. پرائو گهر، ٺُڪ ڦٽي ڪري ڏر.

## ٩. بغداد

۹.۱ هوڏانهن باهه، هيڏانهن پٽ، بغداد منيءَ ۾. (سنڌ، پهاڪو)
هڪ منهه اندر، پٽ جي پرسان گابو ٻڌل هيو. ڪنهن مهل اوچتو مَنهه کي باهه لڳي وئي. هڪ پاسي کان باهه ته ٻئي کان پٽ هئي. گابو پاڻ رسي ذريعي ڪلي سان سُک ٻڌل هيو. گابي کي، نه ڀڄڻ جي واهه پئي ملي ۽ نه ئي ڪير ڇوڙڻ لاءِ دل ٻڌي اندر پئي آيس. اهڙيءَ حالت کي ڏسي ڪنهن ائين چيو.

مطلب:

- اڳيان باهه، پويان پاٽي.
- ڪنهن وڏي مصيبت ۾ ڇوڪنيو قاسڻ.
- انڌير آ ڪن بغداد آ. (ورجيس)
- ظلم جي جاءِ، جتي نه هيڏانهن پير ڌري سگهجي، نه هوڏانهن پير ڌري سگهجي.
- نانگ جهليو وڇونءَ کي، ڇي: جي ٿو ڇڏيان ته ڪوڙهي ٿو ٿيان، جي ٿو ڳهان ته پيٽ ٿو چيري.

## ۱۰. بڪيرا.

۱۰.۱ جنهن بڪيرا نه پيتيا، تنهن جو ملتان به نه ٿيو. (سرو، پهاڪو)
غوث بهاؤالدين ذڪريا ملتانيءَ جي پويان هلندڙ سلسلي کي جن جماعتن وڌايو، سي ملتاني جماعتون، پهرين بڪيرا شريف مان ٿي پوءِ ملتان ويندڙيون هيون ۽ اتان واپسيءَ تي به وري بڪيرا شريف ۾ ضرور حاضري ڀرينديون هيون. جنهنڪري هر هڪ زيارتيءَ تي لازم ٿي ويو هيو ته ايندي ويندي بڪيرا شريف اچي. جيڪو نه ايندو هيو، تنهن لاءِ ائين چيو ويندو هيو.

مطلب:

- ملتان جي بزرگن وٽان فيض تڏهن حاصل ٿيندو، جڏهن بڪيرا شريف جي درگاهه تي حاضري ڀربي.

## ۱۱. بکر/ سکر

۱۱.۱ رَنَ ٻڌي سکر، چار پوي ٻکر. (سرو، پهاڪو)
سکر ۽ ٻکر، درياهه سنڌ مٿان، ٻه علائقا آهن. ٻکر مٿئين پاسي ته سکر لهواري پاسي آهي. عورت جي ذات به عجيب شيءِ هوندي آهي. ويندي

هڪڙي پاسي، ليندي ٻئي پاسي کان. ضدي وري ايڏي آهي جو مرڻ کان پوءِ به ضد نه ڇڏيندي آهي. پاڻ کي ٻين کان عقل ۾ وڏيڪ سمجهندي آهي. مرد هڪڙيءَ تي ته پاڻ ٻيءَ تي هوندي آهي. دنيا جي هر معاملي ۾ پئي الجهندي ۽ ضد ڪندي آهي. اگر لاش لهوارا لڙهندا آهن ته ضدي عورت جو لاش وري اوپارو پيو ترندي ويندو آهي، جنهنڪري سندس لاش ڳولڻ لاءِ هيٺ بجاءِ، مٿي ڳولڻو پوندو آهي.

مطلب:

- رن مري سکر، چار پوي بکر.
- عورت جو ضد تمام گهڻو مشهور آهي. ضد تي چڙهي، پاڻُ کهائي وجهندي پر ضد تان مور نه لهندي.
- گم هينانهينءَ ۾ ٽيڻ ۽ وري مٿئين طرف کان ملڻ.

## ١٢. بندر/ شاهه بندر

١٢.١ بندر جي بازار ۾، سوين تڙبا سوئر. (لاڙ، چوڻي)

هڪ جلباڻي فقير، شاهه بندر جي ماڻهن جي ناروا سلوڪ تان ڪاوڙجي پيو، جنهن تان کين پاراتو ڏنائين. ان کان پوءِ سِتت ئي شاهه بندر ڦِٽي ويو ۽ منجهس وري سوئرن اچي تم ناهيا.[1]

مطلب:

- بندر جي وسندي ڦٽندي، منجهس وري جهنگ ٿيندو، جنهن ۾ سوئر پيا ڦرندا.

١٢.٢ بندر ڦٽو، سوکي وٺي. (لاڙ، چوڻي)

ڪنهن بزرگ جي پٽ پاراتي پڇاڻان، شاه بندر ڦٽي ويو. ان جي تباهيءَ بعد، ڪاري ڇاڻ جي ڪاڇيل طرف واقع سوکي بندر آباد ٿيو.[2]

مطلب:

- هڪ وسنديءَ جي ڦٽڻ بعد، پر واري جهنگل ۾ به منگل ٿيو وڃن.

---

[1] سنڌي، حافظ حبيب، ماجر ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻولي، سنڌيءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد

[2] سنڌي، حافظ حبيب، ماجر ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻولي، سنڌيءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد

١٢.٣ شاهه بندر قِتو، چوهڙ وُنو. (لاڙ، پهاڪو)
شاهه بندر جو شهر جڏهن قِتو ته اتان لڏ پلاڻ ٿي. سندس قتڻ بعد، تعلقي جو مک شهر، چوهڙ جمالي وسي ويو. اتي آبادي وڌي ۽ جايون جڳهيون نهيون. واپار وڙو اتي ٿيڻ لڳو. جنهن سان ماڻهن جي اچ وڃ يا آمدرفت ۾ اضافو ٿيو. روڊ رستا، لاريون بگهيون اوڏانهن وهڻ ۽ ڊُڪڻ لڳيون.

مطلب:

- هڪ هنڌُ يا ماڳُ قتي ٿو ته وري ويجهو ئي ٻيو غير آباد علائقو آباد ٿيو وڃي.

١٢.٤ گهاتا گهر بندر جا، پڙيءَ تي بينو پِنُ. (لاڙ، چوڻي)
شاهه بندر جا گهاتا گهر هوندا هيا، جو فقير کي هڪ هنڌ بيهي پنڻ ۾ ئي چڱو خاصو ملي ويندو هيو.[1]

مطلب:

- هڪ آباديءَ جي قتڻ بعد، ٻي غير آباد ڌرتي ورسجي وڃي ٿي.
- پٽيل شهر، جلد تباهه ٿيو وڃي ۽ سندس اوج متجي، ٻئي شهر کي مليو وڃي.

## ١٣. پارت

١٣.١ جيڪي مها پارت ۾ آهي، سو پارت ۾ ڪينهي. (هندي چوڻي)
هندن جي عقيدي مطابق: مهاپارت، هڪ مڪمل معلوماتي ۽ مذهبي ڪتاب آهي. پارت ڪنڊ جون مکيه ۽ جملي ڳالهيون، منجهس لکيل ڪين آهن. بين لفظن ۾ سندن خيال آهي: مها پارت ۾ اهي ڳالهيون به لکيل آهن، جيڪي پارت ملڪ ۾ ڪونهن.

مطلب:

- مذهبي ڪتاب، انسان کي گهڻو ڪجهه سيکارين ٿا.

## ١٤. ينيور

١٤.١ بر هو ينيور، آرياڻيءَ اجاريو. (شاهه، پهاڪو، حسيني)

[1] سنڌي، حافظ حبيب، ماجر ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻولي، سنڌيءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد

جملي جي ظاهري معنيٰ هڪڙي آهي ۽ مخفي معنيٰ ٻي آهي. لفظي ترجمو تہ هيءُ آهي: ”جنهن هنڌ تي ڀنڀور شهر جا آثار مليا آهن، ان ماڳ تي آڳاٽو بر ۽ ويراني هئي، جنهن بعد آرياڻيءَ اچي ان کي اجاريو يا آباد ڪيو.“

جڏهن تہ ان جي اندروني معنيٰ، جيڪا صوفين ورتي آهي، سا هيٺين طرح جي آهي:

هن دنيا ۾ نبي اڪرم، خاتم المرسلينﷺ جن جي اچڻ کان اڳ، گهٽي جهالت ۽ بي ديني ڦهليل هئي، جيڪا پاڻ سڳورنﷺ جن جي مبعوث ٿيڻ کان پوءِ ختم ٿي وئي ۽ جيڏانهن تيڏانهن روشني ڦهلجي وئي.[1]

مطلب:

- دنيا ۾ جيڪي بہ سڌريل ماڳ آهن، تن تي آڳاٽن ماڻهن جي وڏي محنت ٿيل آهي.

### ١٤.٢ ڀنڀوران جي ڀڳيون، سي ڇٽيون. (شاهہ، پهاڪو)

جنهن هن دنيا/ ڀنڀور کي ڇڏيو، سو ئي آخر ۾ عذابن کان ڇٽي/ بچي ويو. سسئي بہ ڀنڀور شهر کي تياڳڻ بعد، دنيا جي طعنن تنڪن کان آجي ٿي هئي.[2]

مطلب:

- تياڳ ۾ ئي انند آهي.
- دنيا: نہ رهي پوڻ جو ماڳ آهي ۽ نہ ئي دائمي محبت جو مڪان آهي. انسان نيٺ منجهانئس هلي هلي بيزار ٿئي ٿو. آخرڪار ڪيس، دنيا ڇڏڻ ۾ ئي ڇوٽڪارو نظر ايندو آهي.

### ١٤.٣ ڀنڀور کي باهہ لڳي وئي. (اصطلاحي/ ورجيسي جملو)

اصطلاحي معنيٰ: تباهي ٿيڻ، واسطو ڇڇي وڃڻ، گڏوگڏ ڳالهہ جو ملڪان ملڪ ڦهلجي وڃڻ.

---

[1] سومرو، ڊاڪٽر غلام قادر، شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي بيتن ۾ چوڻيون، نئين زندگي، سيپٽمبر ١٩٩٣ع

[2] سومرو، ڊاڪٽر غلام قادر، شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي بيتن ۾ چوڻيون، نئين زندگي، سيپٽمبر ١٩٩٣ع

جڏهن ڪنهن جي رٿا يا منصوبو، راز ۾ نه رهندو آهي ۽ ڦاٽ ڦاٽي پوندو آهي ته وٺ-پڪڙ شروع ٿي ويندي آهي. ان وٺ-پاڃا ويل، هر ڪنهن جي وات اهو جملو هوندو آهي: ”ادا! هاڻي ته پنيور کي باهه لڳي وئي آهي.“ يا ائين چئبو آهي: ”ضرور ڪنهن ته پنيور کي باهه ڏني آهي نه!؟“

مطلب:

- تمام گهڻي رُسوائي ٿيڻ.

۱۴.۴ پڄاڻان پرين، ڪجي بس پنيور ڪان. (شاهه، سسئي، چوڻي)

محبوب ڪان سواءِ دنيا ڪنهن ڪم جي ناهي. هن جملي جي ظاهري معنيٰ ته اها آهي. جڏهن صوفين وٽ ان جي اندروني معنيٰ ٻي آهي. سندن خيال آهي ته: هن دنيا ۾، نبي آخر زمان، حضرت محمد ﷺ جن جي ٻڌايل وات تي نه هلڻ ڪان، دنيا ڇڏڻ بهتر آهي.[1]

مطلب:

- پرينءَ ڪان سواءِ، دنيا جي ڪنهن چيز ۾ مزو ئي ناهي.

۱۴.۵ ڪونهي پنيور ۾، ڏاران دوس ڏٺي، آءٌ تي ڇلان ڇپرين. (شاهه، سسئي، چوڻي)

هن دنيا ۾ خدا تعاليٰ ڪان وڌيڪ ڪو ٻه مهربان نه آهي. اهو ئي پرجهلو ۽ مهربان آهي. اگر اهو پنهنجي رحم جي نظر نه ڪري ته ماڻهو ڳوليو نه لهي.

مطلب:

- محبوب ڪان سواءِ، دنيا جي ڪا ٻه شيءِ مزو نه ڏيندي آهي.
- پڄاڻان پرين، ڪجي پنيور ڪان بس.

## ۱۵. پيڻ

۱۵.۱ پيڻ جي بازار ۾ پيو گهمر. (لاڙ، چوڻي)

جاتي شهر ۾ واقع، شيخ سلامت ؒ متوفي ٦١٠ هه، جي نالي پويان درگاهه مغليين جي بازار، ميلي جي وقت، تمام ڍڳهي ٿي ويندي آهي.

---

[1] سومرو، ڊاڪٽر غلام قادر، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي بيتن ۾ چوڻيون، نئين زندگي، سيپٽمبر ۱۹۹۳ع

منجهس نه ڪنهن ڪي گهمڻ ڦرڻ جي جهل پل هوندي آهي ۽ نه ئي بازار ڪٽڻ جي هوندي آهي. گهمڻ ۾ ٽڪ محسوس ڪرڻ واري کي چئبو آهي؛ ”پينءَ جي بازار آهي، پيو گهم!“ [1]

مطلب:

- گهمڻ لاءِ گهڻو ميدان آهي.

۱۵.۲ پينءَ جي بازار ۾ بيائي نه ڪر. (لاڙ، چوڻي)

بزرگ شيخ سلامت عرف مغلپين جي ميلي جي بازار ۾ بيائي، ڪوڙ ۽ ٺڳي نه ڪرڻ گهرجي. جاتي شهر اندر، جيڪڏهن ڪنهن جي ڳالهه ۾ ٿورو گهڻو تفاوت نظر ايندو آهي ته ڪانئس پڪائيءَ خاطر يا سچ اوڳاڇرائڻ لاءِ، پڇبو آهي؛ ”ٻيلي! هيءَ پينءَ جي بازار آهي، ان ۾ بيائي نه ڪر!“ [2]

مطلب:

- قهر نه ڪر! پينءَ جي بازار آهي!
- بزرگن جي آستانن تي، غلط ڪمن کان پاسو ڪجي.

۱۵.۳ قهر نه ڪر، پينءَ جي بازار آهي. (لاڙ، چوڻي)

بزرگ مغلپين وڏي ڪاني ڪرامت وارو ٿي گذريو آهي، جنهن پنهنجي حياتيءَ ۾ نه انصاف جو دامن ڇڏيو ۽ نه وري ٻين کي ڇڏڻ لاءِ تلقين ڪئي. بلڪ انصاف کي قائم رکڻ جي ٻين کي تلقين ڪئي. هاڻي ان بزرگ جي بزرگيءَ جو خيال ڪندي، سندس وسنديءَ ۾ ظلم ۽ قهر کان پاسو ڪجي ته چڱو!

مطلب:

- چڱي جاءِ يا هنڌ جو، مانُ رکڻ گهرجي.
- ڏائڻ وانگر ستون گهر ضرور ٽارجي.

۱۵.۴ ڪيئن؟ چي؛ ”نه هالا، نه پينءَ.“ (لاڙ پهاڪو)

[1] تميمي، رسول بخش، تاريخ جاتي، مغلپين پبلڪيشن جاتي

[2] تميمي، رسول بخش، تاريخ جاتي، مغلپين پبلڪيشن جاتي

ڳوٺ ٻڍاپور جي پير ۾ پيڻ ۽ جو ڳوٺ آهي، جتان درياهه جي ٻئي پار هالا جو شهر آهي. تنهنڪري اتان جي رهواسين کان رواجي ڳالهه ٻولهه ڪندي، اگر ڪير پڇندو آهي: ”ادا ڪيئن؟“ موٽ ۾ چوندا آهن: ”جيئن هالا ۽ پيڻ ۽“.[1]

٢

جاتي شهر اندر، شيخ سلامت رحمة الله عليه متوفي ٦١٠ هه جي نالي پويان درگاهه مغليين واقع آهي. اها درگاهه خانقاهه به رهي آهي، جتي منجهيل ماڻهو اچن ٿا. ان جو احترام پڻ ڪن ٿا.

اهڙيءَ طرح هالا منجهه مخدوم نوح سروريءَ جي گادي پڻ قابل احترام رهندي آئي آهي. اگر ڪنهن جو ڪنهن سان تنازعو هوندو آهي ته ڪنهن هڪ درگاهه جو نالو وٺڻ سان معاملو رفع دفع ڪري ڇڏيندو آهي.

ڪي ماڻهو وري طبيعتًا اهڙا ضدي هوندا آهن، جو ڪين اگر انهن درگاهن جا گادي نشين گهرائي ڪا ڳالهه مڃرائڻ چاهين ته به نه مڃيندا آهن. اهڙن ضدي، بي پير ۽ بي مراد ماڻهن لاءِ ائين چئبو آهي.

مطلب:

- شرافت سان، نه هالن جا پير مڃائيندس ۽ نه وري مغليين جو بزرگ.
- ”ادا ڪيئن؟“ چي: ”جيئن هالا، تيئن پيڻ ۽.“ (پهاڪو)
- ”فلاڻو ڳالهه مڃي ٿو يا نه؟“ هڪڙي دوست ٻئي کان پڇيو. ٻئي ورندي ڏنس: ”شرافت سان ته: نه هالا، نه پيڻ ۽.“
- حال احوال وٺندي ڪير پڇندو آهي: ”ڏي خبر؟“ موٽ ۾ جواب ملندو اٿس: ”جيڏو بندو، تيڏي خبر“. (لاڙڪاڻو)
- ڪو ماڻهو ڳالهه نه سمجهي، پڇڻ جي انداز ۾ چوندو آهي: ”هان!“ ته اڳلو خار مان چوندو اٿس: ”ڦوٽ تان“. (ساهتي)
- تور ماپ ڪندي جيڪڏهن گراهڪ، دڪاندار کي چوندو: ”بس.“ دڪاندار يڪدم چوندس: ”بس، آ الله جي وس.“
- جيڪڏهن ڪو ڪچهريءَ ۾ ڳالهائيندي چپ ٿي ويندو آهي ۽ ڪانئس اڳتي جي احوال لاءِ پڇبو آهي: ”پوءِ؟“ يڪدم چوندو آهي: ”پوءِ، الله نه ڪندو.“

[1] آڏواڻي، پيرومل، مهرچند: سنڌ جو سيلاني، ص ٨٥

## ١٦. تنگواني

١٦.١ تنگواني، تنگ ماني. (چوڻي)

تنگواڻيءَ جي وستي (واهڻ/ شهر) ضلعي ڪشمور ائٽ ڪنڌڪوٽ ۾ آهي، جنهن کي هن وقت تعلقي هيڊ ڪوارٽر جو درجو مليل آهي. اهو شهر ڳهڻو شاخ/ واهه مٿان اڏيل آهي. ڳهڻو، شاهي واهه مان نڪري ٿو. گڊو بئراج مان نڪرندڙ اهو واهه، سنڌ - بلوچستان جي سرحد تي وهي ٿو. ان جي نهڻ کان اڳ، تنگواڻيءَ جي پسگردائيءَ واريون زمينون، پاڻيءَ جي اڻاٺ سبب، ايتريون آباد نه هيون. هُرلن ذريعي زمينن تي پاڻي چاڙهبو هيو. فصل گهٽ ٿيندا هئا. ماڻهن ۾ تنگدستي ڏاڍي هوندي هئي. جنهن تان ائين مشهور ٿيو.

بي تاويل هيءَ ڪئي ٿي وڃي ته گڊوءَ کان جيڪب آباد ويندڙ ريل اندر، ڪنڌڪوٽ ۽ ٺل جي وچ ۾، ڏاڍي رش ٿيندي هئي. خاص ڪري تنگواڻيءَ کان ٺل تائين. جنهن تان ريل ۾ تنگجي سفر ڪندڙن ائين مشهور ڪيو: ”تنگواڻي: ٽنگ ماني.“

مطلب:

- تنگواڻيءَ کان پوءِ، ريل ۾ ماني رکڻ جي جاءِ به نه ملندي، اها به ٽنگي ڪٽي هلڻي پوندي.
- تنگواڻي: ٽنگ ماني.

## ١٧. ٿـر

١٧.١ اِيي ڳئون ٿر ڳابا، چي: ”ڏايا ڙي ڏايا!“ (سرو، پهاڪو)

هڪڙي گهر-ڌڻيءَ، گهر پهچي، زال کان پڇيو: ”مينهن ڏڌوَ؟“ سست زالس، سٽت جواب ڏنس: ”مينهن ته ڏاپي وئي.“ گهر-ڌڻيءَ ڏنو ته ڳئون گهر جي اوير ۾ بينل آهي ته ڳابو اتر ۾. ڏاتو ڪٽان هونداڻين؟ يڪدم چيائينس: ”اڙي ڳئون آهي ٿر ته ڳابو آهي اِيي! اهو ڏائيندو ڪٽان؟“ چلهه تي وينل ننهن مانيءَ جو ويليل لولو اڏ ۾ ڇڏي چوڻ لڳي: ”چاچا! چشڪا مين به ٻڌيا!“ گهر-ڌڻيءَ يڪدم چپ ڪرائڻ لاءِ چيس: ”ڪوڙن گهپتي! پري کان ڳابو ڪيئن ڏائيندو.“

مطلب:

- جيڪو ظاهري ڪوڙ هڻي، تنهن لاءِ ٽوڪ طور، ائين چيو ويندو

آهي.

١٧.٢ ٿر آهي ٿڻ تي، نہ ڪڻ تي. (ٿر، چوڻي)
ٿري ماڻهن جو گذران، مال متاع تي آهي. ٿر اندر ڦٽندڙ پاڻ-مرادو گاهه پني تي، مال متارو ٿئي ٿو ۽ کير مکڻ ججها ٿين. اناج، ٿر اندر گهٽ ٿين، جنهنڪري ٿرين جو خاص جياپو ان تي نہ بلڪ کير مکڻ تي آهي.[1]

مطلب:

- ٿرين جو گذر سفر، مال جي کير مکڻ تي آهي.

١٧.٣ ٿر جا وسَ، جهول جا گس. (ٿر، چوڻي)
جهول: ضلعي سانگهڙ اندر شهر جو نالو، جيڪو تعلقي هيڊ ڪوارٽر پڻ آهي.

جيترو گاهه، ٿر اندر مينهن جي وسڻ تي ٿئي ٿو، اوترو گاهه، جهول جي گسن/واٽن تي ٿئي ٿو. ڇو جو منجهس ساڱرو درياهه يا نيلوفري وهي اچي ڍنڍ کي ڀريندي هئي، جنهن تي سني آبادي ٿيندي هئي.

مطلب:

- جهول: وڏي آباديءَ وارو شهر آهي. ٿر جي پيٽ ۾ هتي برسات جام پوي ٿي.
- ٿر جا وس، گاگاڻ جا گس.

١٧.٤ ٿر ڏلهي تہ سنڌ جهلي، سنڌ ڏلهي تہ ڪير جهلي؟ (چوڻي/پهاڪو)
ٿر جو علائقو، وُٺي تي آباد ٿئي ٿو. جڏهن تہ سنڌ جو سنئون سڌو علائقو، نهري ۽ زميني آبي ذخيرن تي آباد ٿئي ٿو. برساتن نہ پوڻ جي صورت ۾، ٿر ۾ قحط پوندو آهي ۽ اتان جا اصلي باشندا بہ سنڌ ڏانهن رخ رکندا آهن. اتي ڪين پنهنجي سِرَ بچائڻ لاءِ انّ پاڻي ۽ مال لاءِ چارو ملي ويندو آهي. سنڌ جي علائقي ۽ وسيلن ۾، ايتري ڪشادگي آهي جو قحط دوران، ٿرين جي سَٿَ سهي سگهندا آهن.

[1] هريجن، رائچند، تاريخ ريگستان (ٻہ ڀاڱا)، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ

# ماڳن مڪانن جي نالن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون

جيڪڏهن سنڌ ۾ ٻه ڏڪر پوي ته پوءِ آفت ٽيڻي ٿي ويندي. سنڌ جا اصل باشندا ٻه ان جي لپيٽ ۾ اچي وڃن. سڀني لاءِ پنهنجي جان بچائڻ ٻه موراڳو مشڪل ٿيو وڃي. ان صورت ۾ اهي لاچار ڪيڏانهن وڃن؟!

مطلب:

- ننڍن کي وڏا پالين، وڏن کي ڪير پالي؟
- ننڍن کي پيل نقصان، وڏا برداشت ڪن. وڏن کي پيل نقصان، ڪير برداشت ڪري؟!

١٧.٥ جه سين لوڙائو ٿيا، جنين ڏار رهن،
مارو منجهه ٿرن، رهي رهندا ڪيترو. (شاهه مارئي چوڻي)

جنهن جي آسري تي ٿر جهڙي ملڪ ۾ رهجي، سو ئي ڦورو ٿي پوي ته پوءِ مارو ماڻهو ملير ۾ ڪيترو رهندا؟ [1]

مطلب:

- حاڪم پيا رعيت جون لڄون لٽين ته ٻيا ڏاريا ڪيتري لڄ رکندا!
- پيهر پيو پوک کي ڪائي ته واهي ڪيترو واهت ڪندا؟

١٧.٦ راڳ پنجاب ۾ ڄائو، سنڌ ۾ پَليو ۽ ٿر ۾ مئو. (سنڌ، چوڻي)

راڳ جا اصل گائڪ صوبي پنجاب وارا آهن. ان نسبت سان راڳ جو جنم ڄڻ پنجاب ۾ ٿيو آهي. سنڌ وارن ڪيس پسند ڪيو ۽ گائڪن جي خاطر تواضع ڪيائون. قدرداني ڪندي مٿس لک لٽايائون، جنهن سببان سنڌس ڳائڻا باقي رهيا. ان نسبت سان ڄڻ سنڌس پاليندڙ سنڌ وارا آهن. اهڙيءَ طرح ٿر وارن غربت سببان نه ڳائڻن جي خدمت ڪئي ۽ نه قدرداني، جنهن سببان راڳ ڄڻ ٿر ۾ پهتو ئي نه. جيڪڏهن پهتو نه ته ڄڻ اهو اتي نه پليو ۽ نه پروان چڙهيو. ان نسبت سان ڄڻ راڳ ٿر ۾ وڃي مري ويو.

مطلب:

- راڳ پنجاب وارن ايجاد ڪيو، وڌيو ويجهيو سنڌ ۾، ٿري منجهانئس مور نه ڄاڻن.

---

[1] سومرو، ڊاڪٽر غلام قادر، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي بيتن ۾ چوڻيون، نئين زندگي، سيپٽمبر ١٩٩٣ع.

١٧.٧ سنڌ ۾ آهي ڪڻ تي، ٿر ۾ آهي ٿڻ تي. (ٿر، چوڻي)
ڪڻ: ڪڻڪ، اناج. ٿڻ: جنهن مان کير ڏيي، کيريات ڍور.

اناج پوکيءَ راهيءَ سان زرعي زمينن اندر ٿين ٿا. سنڌ جون زمينون، بيراجي علائقن ۾ هئڻ سبب، ان لائق آهن جو مٿن زراعت يا ڪاشتڪاري ڪري اناج اپائجن، جنهن ڪري مٿس رهندڙن جو گذر وجي ان اناج تي ٿيندو.

ان جي ڀيٽ ۾ ٿر اندر ڌهرن ۾ ٻه جيڪا ڪاشتڪاري ٿئي تي سا ونئي تي آهي. ان جي حيثيت بيراجي زمينن جهڙي ناهي. ٿري ماڻهن جو ڦري گهري گذر سفر وري ٻه وجي کير مکڻ ۽ مال متاع تي بيهي ٿو. غرض ته ٿر وارن جو گذرسفر، مينهن جي وسڻ کان پوءِ وارن ڳاهن تي آهي.[1]

مطلب:

- پيٽيو: ٿر آهي ٿڻ تي، نه ڪڻ تي.

١٧.٨ سنڌ ۾ پچيس ڪو ڪو نه، ٿر ۾ ڪنور ٻائي. (سنڌ، پهاڪو)
ٿر ۾ راڳ جا ڄاڻو ڪونهن. اتي سيکڙاٽ کي ٻه پيا مها راڳي سمجهندا. سنڌ ۾ راڳ جا ڳائيندڙ ۽ ڄاڻيندڙ گهڻا آهن، اتي ٻي سري کي گهٽ عزت ملندي.

مطلب:

- جتي وڻ ناهي، اتي ڪانڊيرو ٻه درخت.

١٧.٩ عمر نيئي نيئي مارئي نيندو، ٿرئون ته ڪين ٿيلهيندو! (سنڌ، پهاڪو)
وڏي ماڻهوءَ وٽ ڪم لاءِ وڃڻ ۾ نه گهبرائجي. وڏ ۾ وڏ ڪم نه ڪندو. ملڪ مان لڏائي ڪين ڇڏيندو. ڪنهن وهنوار ۾ ڊڄندڙ کي، دل ٻڌرائڻ لاءِ ائين چيو ويندو آهي.

مطلب:

- پير پٽ نه ڏيندو، ته زال ته نه کسيندو.

١٧.١٠ ونو ته ٿر، نه ته ٻر ئي ٻر. (ٿر، چوڻي)

[1] هريجن، رائچند، تاريخ ريگستان (ٻه ڀاڱا)، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ.

ٿر، واريءَ جي دڙن تي مشتمل علائقو آهي، جنهن جي آباديءَ جو دارومدار، مينهن جي پاڻيءَ تي آهي. مينهن پيو ته ٿر ۾ کير/ مکڻ جام ٿيندو. ٻيءَ صورت ۾ قحط ڪان ماڻهو ۽ مال متاع به لڏي ويندا.[1]

مطلب:

- وسي ته آهي ٿر، نه وسي ته آهي بر.
- برسات رب جي مهر جي نشاني آهي. سڀ جڳ ۾ ان سان ئي اوپڙ ايري ٿي.

## ١٨. ٽرڙي

١٨.١ ٽرڙي تي ڏيرڙي، لٽو لاڏ لغارين جو. (لاڙ، چوڻي)

ٽرڙي: ٽر جي تصغير، ننڍڙو ٽر، ننڍي پر سڀجي وسندي.

ٽرڙيءَ ڪان جهنگ چڱو جو منجهس پڪي پڪڻ، ماڻهو مرون يا ٻيا ساهدار سک وني رهي سگهن ٿا. ٽرڙيءَ اندر، ساهدار لاءِ جياپي جا سک سهنج نه هوندا آهن.

تنهن هوندي به سنڌ اندر ڪيتريون اهڙيون وسنديون ۽ ڳوٺ آهن جن جا نالا ٽرڙيءَ پويان آهن. جهڙوڪ: ١. وارهه شهر جي پرسان: ٽرڙي هاجرهه، جانڻ چن جو ڳوٺ. ٢. وڳڻ شهر جي پرسان، ٽرڙي هاشم، تنيا فقيرن جو ڳوٺ. ٣. ميهڙ جي پرسان، ٽرڙي محبت. ۴. ٽرڙي جادو.

هتي لغارين جي هڪڙي ڳوٺ، جيڪو ٽرڙي نالي سان منسوب آهي جو ذڪر آهي. ان مان مراد اها آهي ته اگر ان جو رعب گهٽيو ته لغارين جو به لاڏ لهي پوندو.

مطلب:

- جڏهن سبب ختم ٿيندو آ ته غرور ٽٽي ويندو آ.

١٨.٢ ماءُ پيءُ-پِنِين جا، ٽرڙيءَ ۾ ٽاٽا. (سرو، چوڻي)

ٽرڙي: سڀجي وسندي. ٽاٽو: ٽاڪ، ٽمر.

---

[1] هريجن، رائچند، تاريخ ريگستان (ٻه ڀاڱا)، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ.

جيڪو اولاد، ماءُ پيءُ جو بي ادب ٿئي ٿو ۽ اهي ڪيس پِٽين ٿا تہ اهو ساڳائي بہ نہ ٿو. ان جي زندگي، ٿاڻن جهڙن ڏکين يا تر ڪان بہ چٽ ترڙين جهڙن علائقن منجھ گذري ٿي.

مطلب:

- ماءُ-پيءُ-پِٽين جا، ترڙيءَ ۾ ٿاڻا، هڪڙا ڪاهن جند، ٻيا وتن ويڳاڻا.

## ١٩. ٽنڊو الهيار

١٩.١ ڪاڏي منهن مريم جو، ڪاڏي ٽنڊو الهيار؟ (ساهتي، پهاڪو)

ٽنڊو الهيار جو شهر، حيدرآباد-ميرپور خاص روڊ تي واقع آهي. هن وقت ڪيس، ضلعي هيڊڪوارٽر جي حيثيت مليل آهي. اگر ڪنهن کي حيدرآباد کان ٽنڊوالهيار وڃڻو آهي تہ ڪيس ميرپورخاص واري رستي سان سفر ڪرڻو پوندو. جيڪڏهن حيدرآباد کان ڪراچي يا ٺٽو يا بدين روڊن تي سفر ڪندو تہ، ٽنڊو الهيار ڪو نہ پڄندو. ڇو جو غلط رستي تي هلبو تہ منزل تي هرگز ڪين رسبو.

مطلب:

- ڪاڏي منهن مريم جو، ڪاڏي الهيار.
- ڪيڏانهن منهن مريم جو، ڪيڏانهن الهيار/ ٽنڊو الهيار.
- ترسم نہ رسي بڪعبہ اي اعرابي، ڪہ اين تو راه روي بترڪستان است.
- غلط رستي تي هلڻ واري کي راهہ راست تي آڻڻ لاءِ ائين چئبو آهي.

## ٢٠. ٽنڊو محمد خان

٢٠.١ ٽنڊو محمد خان، جت معشوقن جو مان. (چوڻي)

معشوق جو مان، هر هنڌ آهي. جڏهن تہ مير صاحبن جي اڏايل شهر ٽنڊو محمد خان اندر، معشوقن جو مان اجا وڌيڪ آهي، ڇو جو مان مرجا وڌندي آهي پئسي سان. پئسو ناهي تہ عشق بہ کهڙو.

عاشق سچو هوندو تہ پاڻ تي ئي خرچ نہ ڪندو، سو معشوق جا نازَ نخرا، خرچ ۽ ماڻا ڪٿان برداشت ڪري سگهندو. اهو سيڪجهہ، هوندَ تي ئي ٿي سگهندو.

معشوقن جو مان ڪرڻ، ان ڳالھ جي شاهدي ڏئي ٿو تہ ٽنڊو محمد خان شهر، اميرن جو شهر آهي. جن وٽ پنهنجي خرچ کان واڌو پئسو آهي، جيڪو معشوقن کي پنهنجو ڪرڻ لاءِ، مٿن لٽائيندا تا وتن. اگر سڄن يا پينگين جو شهر هجي تہ منجهس معشوق ڳوليا نہ لڀن.

مطلب:

- زر بسيار، عشق نھ پھ. زر نيست، عشق پون پون.
- پيٽيو: ٽنڊو محمد خان: معشوقن جو مڪان.

۲۰.۲ ٽنڊو محمد خان: معشوقن جو مڪان. (لاڙ، چوڻي)

ٽنڊو محمد خان، ميرن ۽ ٽالپرن جو شهرن آهي. جتي مير صاحب هجن، اتي معشوق تہ ازخود پهچي ويندا. ٽاڪ ڪري، پڻ رهي پوندا. جيڏانهن نظر ڦيربي، تيڏانهن جهلڪيون پيا پسائيندا.

مطلب:

- منزل تي رسڻ لاءِ، صحيح وات وٺڻي پوندي.
- پيٽيو: ٽنڊو محمد خان: جت معشوقن جو مانُ.

## ۲۱. ٽنڊو مير علي

۲۱.۱ ٽنڊي جي ٽوٽ، محراب پور تي پئي. (ساهتي، پهاڪو)

ٽنڊو مير علي ۽ محرابپور، ضلعي نوشهروفيروز جا ٻہ الڳ الڳ شهر آهن. ٻئي هڪ ٻئي جي بلڪل ويجهو ۽ آمهون سامهون آهن. ٽنڊي وارن جي ڪيل حرڪت سبب، آپدا محراب پور تي آئي تہ ائين مشهور ٿيو.

مطلب:

- پيٽيو: ڇٽي ڇنيجن جي، پُرڻ تي پئي.

## ۲۲. نٽ ڳوراهو.

۲۲.۱ نٽ ڏنو نڪاءُ، ڳوراها سڀ ڳري ويا. هو ها هو! (ساهتي، چوڻي)

ڳوراها: هڪ ذات جو نالو.

نٽ ڳوراهو: ڳوراهو ذات وارن جي نالي پويان، نوشهروفيروز-منياٽي روڊ تي واقع، تعلقي ۽ ضلعي نوشهروفيروز جو شهر، جتي اڳي فيدر ٽرين جي اسٽيشن بہ هئي. هاڻي تہ اها ڦٽي تٽي وئي آهي.

ويجهي چڪ ۾، اتان جو منا خان ڳوراهو، انصاف ۽ سخا جي لحاظ کان مشهور ٿي گذريو آهي. هيءَ کهاوت آڳاٽي دور جي معلوم ٿئي ٿي، جنهن منجهه نٽ وارن بابت ڪنهن سماع چوندڙ فقير جا چيل اهي گفتا اڄ ضرب المثل ٿي ويا آهن.

مطلب:

- پيٽيو: چانداڻ چندي، ميرپور مندي، عودي سنجن سوڍي، نل ڏنو نڪاءُ، هلي ڏسو ڳڙهيءَ جو لقاءُ.

## ٢٣. ٺٽو

٢٣.١ مڪلي ٽڪري، ننگر ٺٽو ۽ پير پٺو،
جنهن نہ ڏٺو، تنهن ڪجهہ نہ ڏٺو. (لاڙ، چوڻي)

دنيا جو وڏي ۾ وڏو مقام، مڪليءَ ۾ آهي. گهٽي ۾ گهٽا مدرسا، ٺٽي ۾ هيا. پير پٺو، هڪ پهتل بزرگ هيو، جنهن جي ڪري ٻاهريان حملي آور، ٺٽي تي ڪامياب حملو نہ ڪري سگهندا هيا.

مڪلي سنڌ جو اهو تاريخي ۽ روحاني ماڳ آهي، جنهن کي ايشيا جو سڀ کان وڏو قبرستان چوندا آهن. سنڌ جو دارالخلافہ رهندڙ تاريخي شهر ٺٽي جي پرسان مڪليءَ جي ٽڪري هاڙهي جبل ۽ پٻ جبل جي هڪ شاخ آهي، جنهن تي سڀ کان وڌيڪ درويشن ۽ بزرگن جون مزارون آهن. انهن کان علاوه مڪليءَ جي وچڙيل حصن ۾، پير پٺو جي ٽڪري ۽ شيخ جاڙيو عرف پير جهاڙ جون ٽڪريون پڻ مشهور آهن، جن تي سنڌ جي ناليوارن بزرگن جون مزارون آهن ۽ انهن جو روحاني منظر ڏسڻ وٽان آهي.[1]

مطلب:

- جڳ مشهور جايون، جنهن ڪهمي نہ ڏٺيون، تنهن ڄڻ ڪجهہ نہ ڏٺو.
- لاهور جون بتيون، جنهن نہ ڏٺيون سو ڄڻ ڄائو ئي ناهي.

## ٢٤. ٺل

٢٤.١ ٺل: آهي گل. (چوڻي)

---

[1] الانا، ڊاڪٽر غلام علي، لاڙ جي ثقافتي ۽ ادبي تاريخ، سنڌيالاجي ڄام شورو

# ماڳن مڪانن جي نالن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون

ٺل شهر جا رهواسي، پنهنجي شهر جي، انهن لفظن سان تعريف ڪندا آهن. ٻاهران لڏي آيلن جو، ٺل بابت مختلف رايو آهي. اهي اهو ته مڃين ٿا ته "ٺل، گل آهي" پر شڪايت به ڪن ٿا: "ٺل، دل ڏيئي وينو رل" يا "ٺل: رل" يا "ٺل ڏنو نڪاءُ، عودي اڏواڏ" وغيره وغيره.

اهي سڀ تڪبند چوڻيون، چٽر يا ٽوڪ طور به ٺهيل آهن. انهن جو حقيقت سان گهٽ تعلق آهي. ائين جيئن هڪڙو لطيفو مشهور آهي.

"ڪهڙي شهر ۾ رهندو آهين؟" هڪڙي ٺلاهيءَ کان ڪنهن پڇيو.

"مان ان شهر ۾ رهندو آهيان." ٺلاهيءَ ڪيس ڳجهارت جي انداز ۾ جواب ڏيندي ٻڌايو: "جنهن جي نالي کي ابتو ڪجي ته لٺ ٿي پوي."

مطلب:

- انهيءَ نموني، ٻين ڳوٺن/ شهرن بابت به چوڻيون ٻڌڻ ۾ اينديون آهن.
- گهوڙي جي قٽي: وهي ٽانگي ۾،
  ڏاند جي قٽي: وهي گهاڻي ۾،
  آفيسر جي قٽي: نوڪري ڪري لاڙڪاڻي ۾.
- ڏنڊ دوداپور، قهر ڪوٺڙي، ظلم زورڳڙهه،
  هنيل حيدرآباد ، شير شيرانپور، دائو ٻچن ڪائو.
- جيڪب آبادي: نه نر، نه مادي.
- پيٽيو: ميرپوري منڊي، چانڊاڻ چنڊي، عودي سنجن سوڏي،
  ٺل ڏنو نڪاءُ، هلي ڏسو ڳڙهيءَ جو لقاءُ. (چوڻي)

۲۴.۲ ٺل آئي جو، جائي جو نه. (چوڻي)

ٺل جي اصل رهواسين، ٻاهران لڏي آيلن جي ڀيٽ ۾، ڪا خاص ترقي نه ڪئي آهي، جنهن سبب، اهي ٺل بابت شڪايتي انداز ۾ چوندا آهن: "ٺل آئي جو، جائي جو نه".

جيڪب آباد شهر جا اصل باشندا به ائين چوندا آهن: "جيڪب آباد آئي جو، جائي جو نه." ٻين شهرن وارا به پنهنجن شهرن بابت ائين چئي سگهن ٿا. هونئن به ٻاهران لڏي آيل، فطرتي اصول تحت، هميشه اصل باسين جي ڀيٽ ۾ گهڻي ترقي ڪندو آهي.

مطلب:
- لاڏائو ۽ گهر ڇڏيندڙ ماڻهو ئي، دنيا جي ترقي ماڻين ٿا.
- ملتان آين جو آ، ڄاين جو نہ.[1]

## ٢٥. پاٽ

٢٥.١ پاٽ جا باقي بچا ڪنا، سي بہ ڪائي ويا چنا. (لاڙ، چوڻي)

چنا: ڪنير ۽ موچي، جيڪي پاڻ کي چنا ذات منجھ لڪائين. پاٽ شهر، ضلعي دادوءَ منجھ آهي. منجهس چنا ذات وارن جي اڪثريت رهي ٿي. پاٽ، نڪر جي ٿالهہ کي بہ چئبو آهي، جنهن منجھ اٽو ڳوهبو ۽ ويلبو/ ٿڦبو آهي. ماني پچي تيار ٿيڻ کان پوءِ، پاٽ هينان ڍڪبي بہ آهي. ڪڏهن ڪڏهن پيٽ بہ پاٽ منجھ وجهي ڪائبو آهي يا ڪي ماڻهو تہ منجهس پاڻي وجهي، ڇٽ جو ڪم بہ وٺندا آهن. جڏهن اها پڄندي آهي تہ سندس پاسي واري نڪر جي ٽڪر کي ڪنو چئبو آهي. چنا ذات وارا ايترا پڪا آهن جو اهو نڪر بہ ڪنهن جي لاءِ نہ ٿا ڇڏين. هتي متن ٽوڪ ۽ طنز ڪئي ويئي آهي.

مطلب:
- چنا يا ڪنير، پاٽ جو ڪنو بہ نہ ٿا ڇڏين.
- ڪنير جي گهر ۾ پڳل پاٽ هوندي جو وٽس ان نڪر جو بہ قدر آهي.

## ٢٦. پاٽويون

٢٦.١ ساڪئي ڏني ساڪ: پاٽي لڏي پاٽيءَ مان. (لاڙ، چوڻي)

هڪ روايت مطابق، ميرپورخاص کان اٽڪل ڏهہ ميل پري، ”پاٽويون“ شهر آهي. جتي گهٽو اڳي راڄا دلو راءِ حڪومت ڪندو هو. پاٽويون جو اصلوڪو نالو ساڪئي جو ڳوٺ آهي. هي شهر مري قبلي جي هڪ چڱي ”ساڪئي“ (ساڪ واري) جي نالي پنيان آباد ٿيل هو.

[1] ”ملتان آيان دا هي، جايان دا نهين.“ ٺناور چڊڙ: لوڪ تواريخ، سانجھ پبليڪيشن، ٽيمپل روڊ، لاهور، جولاءِ ٢٠٠٨ع، ص ٣٦١.

دلو راءِ جي دور ۾ جنس جي تور، ٿوين ۽ پاٿين ذريعي ڪئي ويندي هئي. اتفاق سان، دلو راءِ جي وزير، ڍَهر سنگهه جي مثالي ”پاٿي“ گم ٿي وئي. اها پاٿي، ساڪئي، شاخ ۾ وهنجندي، پاٽيءَ مان لڌي ۽ ساڪ تي، ڍَهرسنگهه کي موٽائي ڏني، جتان هيءَ چوڻي مشهور ٿي ويئي.

ساڪئي جي ڳوٺ جو نالو انهيءَ واقعي بعد ”پاٿويون“ پئجي ويو.

مطلب:

- ساک ڏيندڙ جي ساک تي اعتبار ڪيو ويندو آهي.

## ٢٧. پارڪر

٢٧.١ پارڪر جا پهاڙ: جهنگ ۽ جهاڙ. (ٿر، چوڻي)

پارڪر ۾ ڪارونجهر سميت سموريون ٽڪريون، وڻن ٻوٽن سان چانيل هونديون آهن. اهي وڻ ٽڻ، پارڪر جي سونهن ۽ پيداوار جو ذريعو پڻ آهي. منجهانئن ماکي، کونئر، لاک، عمارتي ۽ ٻارڻ جو ڪاٺ ملي ٿو، جنهن سان اتان جي معاشي حالت سڌريل آهي.[1]

مطلب:

- پارڪر ۾ ڪارونجهر ٽڪري، وڻن ۽ ٻوٽن سان ڍڪيل آهي.

## ٢٨. پٽو/ ڏاتار

٢٨.١ بابرڪت پير پٽو: هڪ مئو، هڪ ٽٽو. (لاڙ، چوڻي)

پير پٺي جي برڪت سان، ٺٽو ٻه دفعا حملي کان بچي ويو. پهريون دفعو مٿس محمد تغلق اول حملو ڪيو. اهو حملي دوران بيمار ٿي پيو ۽ بيماريءَ وگهي مري ويو. ٻيو حملو سلطان فيروز شاهه تغلق ڪيو، سو به بيماريءَ جي ڦهلجڻ سبب ڀڄي يا ٿهي وني پڳو. فيروز شاهه جڏهن بيمار ٿيڻ سبب ڀڄي ٽٽو، تڏهن کان ننگر شهر جو نالو ننگر ٽٽو يا ننگر ٺٽو يا فقط ٺٽو پئجي ويو.[2]

مطلب:

---

[1] آنچلانند، جان ڪي ديوي: سپروائيزر پرائمري ايجوڪيشن، بيٽ عمرڪوٽ، ٿري بوليءَ جي پهاڪن ۽ چوڻين جي روشنيءَ ۾ ٿر جو سماجي، سياسي ۽ ادبي جائزو. (ايم فل لاءِ لکيل مقالو، ص ٥٥)

[2] بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش: سنڌ جي ادبي تاريخ، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ

- پني/بزرگن جي برڪت سان، شهرن تان آپدائون ٽري وينديون آهن.

۲۸.۲ مڪلي ٽڪري، ننگر ٺٽو ۽ پير پٺو،
جنهن نہ ڏٺو، تنهن ڪجهہ ڏٺو. (لاڙ، چوڻي)

سنڌ جا اهي ماڳ، ڪنهن سمي ڏسڻ وٽان هيا. اڄ بہ انهن جا قتل آثار، سندن اوج جي شاهدي ڏين ٿا.

وڌيڪ وضاحت لاءِ ڏسو "ٺٽو" [1]

۲۸.۳ نام پني جو، گام ڏاتار جو. (لاڙ، پهاڪو)

ضلعي ٺٽي جا بہ بزرگ شخص آهن: هڪ سلطان شاهہ عالم عرف پير پٺو ۽ ٻيو جمعيل شاهہ عرف ڄام ڏاتار. ٻنهي بزرگن جون مزارون، هڪ ئي ٽڪريءَ تي، ٿوري وڇوٽيءَ تي آهن. مشهور روايت آهي تہ پير پني ئي ڄام ڏاتار کي چيو: "نام همارا، گام تمهارا." يعني ڳوٺ تي نالو منهنجو هوندو، جڏهن تہ ڳوٺ آهي تنهنجو.[2]

مطلب:

- اڄ بہ ڪير ڏاتار تي ويندو آهي تہ ٻڌائيندو آهي: پني تي ٿو وڃان.
- شاهہ گودڙئي تي وڃڻ وارا، آلي شاهہ تي حاضري ضرور ڀريندا آهن. يا شادي شهيد تي وڃڻ وارا، لونگ فقير تي حاضري ضرور ڀريندا آهن. تيئن پير پني تي وڃڻ وارا، ڏاتار تي حاضري ضرور ڀريندا آهن.[3]

## ۲۹. پُرڻ

۲۹.۱ ڇٽي چنيجن جي، پُرڻ تي پيئي. (ساهتي، پهاڪو)

چورن کي، چوري چنيجن جي ڳوٺ مان ڪرڻي هئي. رات جي وڳڙي ۾ رستو ڀلجي اوجهڙ ۾ پيا ۽ پُل ۾ وڃي پُرڻ شهر مان چوري ڪيائون،

---

[1] الانا، ڊاڪٽر غلام علي، لاڙ جي ثقافتي ۽ ادبي تاريخ، سنڌيالاجي ڄام شورو

[2] لغاري، ڊاڪٽر عبدالجبار عابد: سنڌ: تاريخ ۽ ثقافت جي آئيني ۾، نئين زندگي، فيبروري ۱۹۸۰ع

[3] سنڌي، حافظ حبيب، ماجر ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻولي، سنڌيءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد سنڌ.

تنهن ڪان پوءِ ائين مشهور ٿي ويو. چنيجا ۽ پُرڻ ڳوٺ، تعلقي مورو، ضلعي نوشهرو فيروز ۾، درياهه سنڌ جي ڪاپي ڪنڌيءَ تي اڏيل آهن.[1]

مطلب:

- هڪڙن جي مصيبت، ٻين تي پوي ته ائين چئبو آهي.
- پيٽيو: ٽنڊي جي ٽوٽ، محرابپور تي پيئي.

## ٣٠. پنجاب

٣٠.١ پنجاب جي گڏهه به نه ڏارجي، آٽر به ڪٽي پڃي ويندي. (سرائيڪي، چوڻي)

جنهن علائقي کي اڄ ڏکڻ پنجاب سڏيو ٿو وڃي، تاريخ منجهه ”ملتان سلطنت“ يا ”ملتان صوبي“ جو حصو رهيو آهي. اڄ به ڪي ماڻهو انهيءَ علائقي کي ’سرائيڪستان‘ سڏيندا آهن. انهيءَ علائقي، ڪڏهن به پاڻ کي ’پنجاب‘ نه سڏيو آهي. هن چوڻيءَ منجهه، پنجابي ڳالهائڻ واري پنجاب مٿان، ٽوڪ ڪئي وئي آهي، جنهن رنجيت سنگهه جي زماني کان وٺي اڄ تائين، سرائيڪي علائقي جي مالي وسيلن مٿان قبضو ڄمايو آهي.[2]

مطلب:

- جن پنجابين، سرائيڪي علائقي جو مال گهڻو لٽيو آهي، هاڻي تن جي گڏهه مٿان به اعتبار ناهي. اگر سندن گڏهِ تي ڪنهن آٽر رکيا آهن ته اها ڪوتي، آٽرن جهڙي معمولي شيءِ به نه ڇڏيندي. بلڪ اهي به ڪٽي پڃي ويندي.

٣٠.٢ راڳ پنجاب ۾ ڄائو، سنڌ ۾ پليو ۽ ٽر ۾ مئو. (سنڌ چوڻي)
وضاحت لاءِ ڏسو: ”ٽر.“

## ٣١. جاتي/ چڇ

٣١.١ جاتي، قرب جي ڪاتي. (لاڙ پهاڪو)

ڪاتي، کهڻ جي ڪم ايندي آهي، جنهن سان اڱلي جو سر ڪڄندو آهي ۽ ٻئي جو پيٽ پربو آهي. ڪڏهن ڪي ڪاتي ڦيرائڻ وارا اهڙو ته منڙي

[1] سنڌيلو، عبدالڪريم، پهاڪن جي پاڙ، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد
[2] مغل، شوڪت: سرائڪي آڪاڻ، جهوڪ پبلشر، بيرون دولت گيٽ، ملتان جلد دوم سال ٢٠٠۴ع ۴٠٠

نموني سان ڪاتي ڦيري ويندا آهن جو ڪسڻ واري کي ڪسجي وڃڻ تائين لڪا ئي نہ پوندي آهي. اهڙن ڪهڻن کي، مني ڇريءَ سان تشبيھ ڏني ويندي آهي.

جاتي شهر جي رهاڪن منجھ جيڪا محبت، قرب ۽ پاٻوھ آهي، تنهن بابت اشارتًا ائين چيو ويندو آهي. جاتي شهر جي ماڻهن جي محبت، پاٻوھ سبب اهو پهاڪو مشهور ٿيو آهي.[1]

مطلب:

- چاچي بہ ڪونڻ، ڇهندڙي بہ پائڻ.

٣١.٢ جاتي ڪل جت، ماجر ڪل مي. (لاڙ، پهاڪو)

مي: مئي، ملاح.

جاتي شهر، جتن جي نالي پويان سڏجي ٿو. اتي آباد بہ جت آهن. ٻين لفظن ۾ هيئن چئجي تہ جاتي شهر، خالصتًا جتن جو اڏايل آهي. جڏهن تہ ماجر ۾ مي/ مئي/ ملاح برادريءَ جا ماڻهو آباد آهن. اهو شهر وري، انهيءَ برادريءَ آباد ڪيو آهي.

مطلب:

- جاتي شهر، جتن جو ۽ ماجر مهاڻن جو ٻڌايل آهي.

٣١.٣ جاتيءَ جا جت/ جوان، پيرين اگهاڙا. (لاڙ، چوڻي)

مغل پيين اولياءَ (شيخ سلامت رحمة الله عليه متوفي ٦١٠ ھ)، اٽڪل اٺ صديون اڳ، ١٢ صدي عيسوي ۾، جنهن جاءِ تي اچي ديرو لڳايو، ان کي آڳاٽو ”مغل پيين“ سڏيندا هئا. موجوده وقت ۾ ساڳئي هنڌ/ ماڳ/ شهر کي ”جاتي“ سڏين ٿا.

هڪ روايت مطابق بہ بزرگ: پيءُ ۽ پٽ، سندن نالا مغل ۽ پيين، هتي دفن ٿيل آهن. پڄاري واھ تي اڏيل هن درگاھ جا عقيدتمند، درگاھ جي حدن ۾ داخل ٿيڻ وقت، احترامًا جتيون لاهي هٿ ۾ کڻندا آهن ۽ پيرن اگهاڙا

[1] سنڌي، حافظ حبيب، ماجر ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻولي، سنڌيءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد سنڌ

درگاهه ۾ داخل ٿيندا آهن. ان ڳالهه تان ماڻهن ۾ ائين مشهور ٿي ويو آهي.[1]

مطلب:

- جاتيءَ جا جت، مغليين جي ادب ڪري، جتي لاهي، پيرن-اگهاڙا گهمندا آهن.
- جنين ادب، تنين عجب.

۳۱.۴ جاتيءَ جو جت ته ڪو نه آهين؟ (لاڙ، چوڻي)

جاتيءَ جو جت، وضع قطع ۾، جتڪي ٻوليءَ ۽ پيرن اگهاڙي هئڻ سبب، مغليينءَ جي مڙني زيارتين ۾ پڌرو هوندو آهي.

اگر ڪو سادو ماڻهو به حد درجي جو ادب ۽ لحاظ ڪندي، ملندو آهي ته زبان مان بي اختيار نڪري ويندو آهي: ”جاتيءَ جو جت ته ڪو نه آهين؟“[2]

مطلب:

- ادب ڪرڻ وارو ماڻهو، پري کان پڌرو.

۳۱.۵ ڇڇ مڙيوئي ڇوڪريون، جاتي مڙيوئي جوءِ. (لاڙ، پهاڪو)

ڇوري: نوخيز، الهڙ، اڻ پرڻيل ڇوڪري، ڪنواري. جوءِ: زال، مڙس واري، پرڻيل.

ڇڇ جهان خان واري علائقي ۾، ملاح قوم اندر، ڇوڪريون گهڻيون هونديون هيون. جنهن سببان، اهي سڱابنديون/ مٽيون مائٽيون وجي جاتيءَ وارن جتن سان ڳنڍيندا هيا. نتيجي طور، ڇوڪريون ڇڇ جون، جويون وجي جاتيءَ ۾ ٿينديون هيون.[3]

مطلب:

- ڇوڪري ڇڇ جي، جاتيءَ ۾ جوءِ/ زال ٿي وئي.

---

[1] تميمي، رسول بخش، تاريخ جاتي، مغليين پبلڪيشن جاتي
[2] تميمي، رسول بخش، تاريخ جاتي، مغليين پبلڪيشن جاتي
[3] سنڌي، حافظ حبيب، ماجر ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻولي، سنڌيءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد سنڌ

٣١.٦ سندبو ڦٽو، جاتي ونئي. (لاڙ، پهاڪو)

جاتيءَ جي ڏکڻ ۾، ڪچھ ميلن تي سندبو بندر، جيڪو ١٨١٩ع ۾ جوار ڀاٽا سبب تباھ ٿيو. اتان لڏپلاڻ سبب، جاتي شهر وڏيڪ وڌو تي ويو.[1]

مطلب:

- هڪڙن جي ڦٽڻ سان، ٻيا شهر آباد ٿيو وڃن.

٣١.٧ ڪارو بوٽ هٿ ۾، جت جاتي ٿو وڃي. (لاڙ، پهاڪو)

ڀھراڙيءَ ۾ يا ڪچن رستن تي، بوٽ پائڻ سان بوٽ جي چمڪ دمڪ بہ گھٽجي تي ۽ اندر مٽيءَ جي دز پوڻ سبب هلڻ ۾ بہ هلاڪي ٿئي تي، جنھن سببان ڀھراڙيءَ جا ماڻھو ۽ خاص طور تي جت، شهرن ڏانھن پيرين اگھاڙا ايندا آهن. شهر ۾ پهچي، ڪنهن واهيءَ يا نلڪي تان پير ڌوئي، پوءِ بوٽ پائي شهر ۾ گھمندا ڦرندا آهن.[2]

مطلب:

- ڳوناٺا، راھ ۾ بوٽ نہ پائيندا آهن. اها سندن ڳوناٺي هئڻ جي نشاني آهي.

## ٣٢. جاوا

٣٢.١ جيڪو وڃي جاوي، سو ول نہ آوي،
جيڪڏهن آوي تہ پڙ پوٽي ڏاوي. (سرائيڪي، چوڻي)

جاوا، ڏکڻ ايشيا ۾ هزار جزيرن تي مشتمل علائقو آهي، جنهن ۾ انڊونيشيا ۽ ملائشيا جا ملڪ اچي ٿا وڃن. اتي گرم مصالحا جام ٿين ٿا، جن جي کپت، ٻي دنيا ۾ گھٽي آهي، ڇو جو اهي اتي نہ ٿا ٿين، جڏهن تہ ڪاڏا وڃن ٿا. جنھنڪري اگر ڪو واپاري اتي هڪ دفعو پهچي ٿو ۽ واپار وغيرھ ڪري ٿو تہ ايترو منافعو ٿئيس ٿو جو هو موٽڻ ڪي سوچي ئي نہ ٿو. اتان جو باشندو ٿي ويهي ٿو رهي. جيڪڏهن موٽندو تہ ايترو مال هٿ ڪري ايندو، جو ست پيڙهيون وينيون ڪائنس.

[1] سنڌي، حافظ حبيب، ماجر ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻولي، سنڌيءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد

[2] سنڌي، حافظ حبيب، ماجر ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻولي، سنڌيءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد

مطلب:

- فلاڻن جا ته جاوا آهن.
- وڏو مال ڪمائڻ واري لاءِ ائين مثال ڏنو ويندو آهي.
- جيڪي ويا جاوا، سي آيا ساوا.

## ٣٣. جوڻ

٣٣.١ نر نگر، نار نصرپور، نرت نورائي،
هلي ڏسو جوڻ، جتي ڪپهه جو واپار آ جائي. (لاڙ، چوڻي)

نر يا مرد، ننگر ٺٽي جو ڏسڻ وڻان هوندو. نار/ عورت وري نصرپور جي خوبصورت ٿئي ٿي. نرت/ نظر جي جوت، نورائي شريف (ٽنڊو محمد خان) وارن جي تمام بهتر آهي. ڪپهه جو واپار وري جوڻ شهر (ضلعي بدين) ۾ تمام سٺو هلي ٿو. اهي سمورا شهر/ وسنديون هلي ڏسڻ جهڙا آهن.

مطلب:

- هر ماڳ، ڪنهن نه ڪنهن سبب جي ڪري، مشهور آهي.
- پيٽيو: نرت نورائي، نار نصرپور، ڦل فتح باغ، هلي ڏسو جوڻ، جتي ڪپهه جو واپار.

## ٣٤. جوهي/ لوهي

٣٤.١ جوهي: ڊوهي. (چوڻي)

جوهي شهر، جيترو ڏسڻ جو سهڻو آهي، اوترو وري مسافرن وغيره لاءِ ڪشش رکندڙ ناهي. اتي جي رهاڪن بابت سندن خيال آهي ته: اهي ڊوهي يا ڊوهه ڪندڙ آهن.

مطلب:

- پيٽيو: روهڙائي روهه تي، ننديا وڏا ڊوهه تي.

٣٤.٢ جوهي: مڪڻ موهي. (چوڻي)

جوهي: وڻن جي هڙي، سٽيو سائو ۽ نڪاريل وڻراهه وارو علائقو يا هنڌ، دادو ضلعي جو هڪ شهر. موهي: ڳوهيل اٽي ۾ مرڻ (ڳهه) وجهڻ.

جوهي شهر وارا، پنهنجي شهر کي مڪڻ جي موهه سان تشبيهه ڏيندا آهن. اهو شهر تمام گهڻو خوشحال آهي. جڏهن ته هر شهر اتان جي رهاڪن لاءِ وڏي حيثيت رکي ٿو. ڪو به ماڻهو پنهنجي ڳوٺ، شهر يا ديس کي گهٽ

نہ ٿو سمجهي. ان وانگر جوهيءَ وارا پڻ، پنهنجي شهر جي تعريف ۾ ائين چوندا آهن.

مطلب:

- جوهي، پرڪشش علائقو آهي.

۳۴.۳ جوهي ڪان لوهي: نہ واهي، نہ اوهي. (جغدالي، چوڻي)

هن چوڻيءَ جو ڪاڇي واري علائقي يا روهہ جبل جي آسپاس سان تعلق آهي.

لوهي، جوهي ۽ واهي پانڌيءَ جون وسنديون ضلعي دادوءَ منجهہ، ڪاڇي جي طرف آهن. لوهي، ڪاڇي جي ڪنڌيءَ تي آهي، جتان لوهيءَ ڏانهن بہ رستو نڪري ٿو تہ واهي پانڌيءَ ڏانهن بہ.

جوهي شهر ڪان روهہ جبل وچڙ واري واٽ، لوهيءَ جي وسنديءَ ڪان وهي/ لنگهي ٿي. انهيءَ واٽ تي آڳاٽو ڪا بہ وسندي ڪا نہ هوندي هئي. انهيءَ سبب ڪري، انهيءَ علائقي کي لاوارث علائقو سڏيو ويندو هو. ان لاوارثيءَ سبب، علائقي جي نسبت سان: ”جوهي ڪان لوهي: نہ واهي، نہ اوهي.“ چوڻي جڙي.[1]

مطلب:

- ڪي ماڳ، سڃائيءَ سببان پڻ مشهور ٿين ٿا.
- جوئي ڪئون لوئي: نہ وائي، نہ اوئي. (جغدالي)

## ۳۵. جيسلمير

۳۵.۱ جيسلمير جيسلمير، گهر سان وير، پَرَ سان ميڙ. (راجستاني، چوڻي)

جيسلمير جا رهاڪو، پاڻ ۾ گهٽ نهيل ۽ ٻين سان وڌيڪ نهيل هوندا آهن.

[1] خادم، داد محمد بروهي، ڊاڪٽر: سبي خطي ۾ سنڌي زبان جي محاورن جو لساني جائزو. پي ايچ ڊيءَ لاءِ مقالو، سنڌي يونيورسٽي ڄامشورو.

اهو هڪڙو فطري عمل آهي، جنهن تحت انسان پنهنجن کي پاڻ کان يا ڌارين کان گهٽ سمجهندي مٿن فلڪ نہ آڻيندو آهي. ويجهي وارن تي، ڪنهن جي بہ اک نہ ٻڌندي آهي.

مطلب:

- هر ڪو پنهنجن جو خيال، ٻين/ ڌارين جي ڀيٽ ۾، گهٽ ڪندو آهي.
- ولايت جي ڪبر، ديس جي مينا برابر.
- ويجهي وارن جو قدر، گهٽ هوندو آهي.
- ويجهي: ڪوجهي.

٣٥.٢ سنڌ سمون، ڪڇ چنون، ڀاٽي جيسلمير،
چوٿون چغدو، جنهن جي پيڙهيءَ مٿي پير. (ٿر، چوڻي)

آڳاٽي دور ۾ سنڌ جا حاڪم، سما هيا. اهڙيءَ طرح وري ڪڇ تي حڪمران چنا هيا. جيسلمير جي علائقي جا وري حڪمران ڀاٽيہ/ ڀاٽي هيا. جڏهن تہ چغدو ذات وري انهن ٽنهي هنڌن تي نہ هئي.

مطلب:

- ڪي علائقا، وري ڪن ذاتين سببان مشهور ٿين ٿا.
- سنڌ سمو، ڪڇ چنو، ڀاٽي جيسلمير، چوٿون چغده، جنهن جو پلنگ مٿي پير.

## ٣٦. جيڪب آباد

٣٦.١ جيڪب آباد: دل آباد. (چوڻي)

جيڪب آباد واسين جي، پنهنجي دل کي آٿت ڏيڻ لاءِ، پنهنجي شهر جي تعريف ۾ جوڙيل ڪهاوت آهي. سواءِ ڪوڙي تعريف ۽ تڪبند هئڻ جي منجهانئس ٻي ڪا معنيٰ نہ ٿي نڪري، ڇو جو جيڪب آباد شهر جي جر جو پاڻي ٻاڙو بلڪ کارو آهي، پيئڻ ۽ وهنجڻ جي قابل ناهي. زمينون سم ڪلر جي ڪري آبادي ۽ اپت گهٽ ڏين ٿيون. ڏنڊين ڍورن ۾ ٿيندڙ مڇي بہ ايڏي سوادي ۽ قيمتي ناهي، جنهن سان ماڻهن جي معيشت سڌري. ماڻهو سادڙا ۽ ٿوري تي قناعت ڪرڻ وارا آهن، جيڪي پاڻ کي اهڙي قسم جا آٿت ڏئي پيا وقت جو گذارو ڪندا آهن.

مطلب:

- پيٽيو: دادو: جادو.

- پيٽيو: مورو، ناهي ٽورو.

٣٦.٢ جيڪب آبادي: نہ نر، نہ مادي. (اتر، چوڻي)
جيڪب آباد جي ماڻهن ڏانهن اشارو آهي: اهي طبيعت جا سادڙا آهن. گهڻ پڙهيل ۽ معاملي فهميءَ جي گهٽ ڄاڻ رکڻ سبب، نہ بحث پلو ڪري سگهندا آهن ۽ نہ ئي وري سٺائتي نموني سان ڪنهن ڪان ڪم وٺي سگهندا آهن. اهو ئي سبب آهي جو مٿن، اهڙيون چٽرون بہ ٺهيل آهن. جڏهن تہ ان تڪبند چوڻيءَ جو حقيقت سان تعلق گهٽ آهي. جيئن شڪارپور بابت هن چوڻيءَ جو تعلق گهٽ آهي: ”شڪارپور شهزادي: اڇي نر، وچي مادي.“

مطلب:

- جيڪب آباد جا ماڻهو نہ ماين وانگر زبان سان جهيڙو ڳائي ڄاڻن، نہ ئي نشانبر تي مردن وانگر لٺ يا ڏڪي سان وڙهي ڄاڻن.
- انهيءَ ٽوڪ جي موٽ ۾، جيڪب آباد وارن بہ جواب ٺاهيو آهي: ”جيڪب آبادي: نہ چڏن نر، نہ چڏن مادي.“

## ٣٧. جهول

٣٧.١ ٽر جا وسَ، جهول جا گس. (ٽر، چوڻي)
وضاحت / تشريح لاءِ ڏسو: ”ٽر“.

٣٧.٢ گهوٽڻ مهل گم، چاڻڻ مهل چتا،
پيئڻ مهل ائين آيا، جيئن جهول ۾ ڪتا. (ساهتي، پهاڪو)

جهول: ضلعي سانگهڙ جو شهر، جنهن لاءِ مشهور آهي تہ اتي ڪتا جام آهن.

جڏهن تہ هتي اتان جي ڪتن جي گهڻائيءَ جي تمثيل، انهن ماڻهن لاءِ ڪم آندي وئي آهي جيڪي ڪم ڪان لهرائين ۽ فائدي ۾ اڇي حصو ڳنديين.

مطلب:

- ڪي علائقا ڪن ذاتين سببان مشهور ٿين ٿا.
- گهوٽڻ مهل گم، چاڻڻ مهل چتا،
  پيئڻ مهل جيئن گئو سائينءَ جا ڪتا.
- گهوٽڻ مهل گم، چاڻڻ مهل چتا،

پيئڻ مهل جيئن مير علي مراد جا ڪتا.

## ٣٨. چوهڙ جمالي

٣٨.١ چوهڙ جمالي: ڪيسا خالي، مڙس موالي. (لاڙ، چوڻي)

چوهڙ جماليءَ جا ماڻهو، مسڪين ۽ غريب آهن. جنهن تان سندن لاءِ ائين چوڻ ۾ آيو آهي.

ٻيءَ روايت مطابق: جاتيءَ ۾ غريب، مسڪين ۽ فقيري لڏي جا ماڻهو جام رهن ٿا. روزگار جا ذريعا گهٽ آهن، جنهنڪري نڪمٽن ۽ واندن ماڻهن کي ٽوڪ طور چوهڙ جمالي گهمڻ ۽ اتي وڃي پنڻ يا پورهيو ڪرڻ لاءِ، ائين مشورو ڏنو ويندو آهي.[1]

مطلب:

- اڇا ڪپڙا، ڪيسا خالي: گهمو چوهڙ جمالي.
- اڇا ڪپڙا، ڪيسا خالي: هلي گهم دالي. (ساهتي)
- اڇا ڪپڙا، ڪيسا خالي: ماڻهن ليکي ملڪ جو والي. (ساهتي)

٣٨.٢ شاه بندر ڦٽو، چوهڙ وُٺو. (لاڙ، پهاڪو)

تشريح لاءِ ڏسو: بندر/ شاهه بندر.

٣٨.٣ وڃي چوهڙ جا ڏيئا ٻار! (لاڙ، چوڻي)

چوهڙ جمالي شهر جي اندر، هندو قوم جا ماڻهو، دڪانن جي سينگارڻ واسطي، پتين ۾ ڏياٽيون نهرائي، منجهن ٻرندڙ ڏيئا رکي ڇڏيندا هئا ته جيئن رات جي اونداهي وقت ۾ روشني رهي. اهي شام ڏاري ٻارٽيون پونديون هيون ۽ پنيراڪي مهل وسائٽيون پونديون هيون. اهو ڪم، ڪي ماڻهو ثواب خاطر به اڇي ڪندا هيا، جنهن جو ڪين ظاهري ڪو به معاوضو ڪو نه ملندو هيو. هاڻي بيروزگار ۽ ٽوٽي ماڻهو جنهن کي نوڪري نه ملي، تنهن کي ٽوڪ طور، ائين چيو ويندو آهي.[2]

مطلب:

---

[1] سنڌي، حافظ حبيب، ماجر ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻولي، سنڌيءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد.

[2] سنڌي، حافظ حبيب، ماجر ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻولي، سنڌيءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد.

- جي واندو آهين ۽ ڪم ڪار نہ اٿئي تہ وڃي چوهڙ جماليءَ جي گهٽين جا ڏيئا ٻار!
- بيڪار کان بيگار ڀلي.

## ٣٩. خيرپور/ شاه پور

٣٩.١ اڍائي جهڳا مهتمن جا، نانءُ خيرپور/ شاهپور. (سنڌ، پهاڪو)
شاه پور ڳوٺ ۾، سمات قوم جي مهتم ذات وارن جا بلڪل ٿورا گهر آهن. ان جي بر عڪس شاه جي معنيٰ تمام وڏو ۽ ڳوٺ جو نالو وري شاه پويان آهي. جڏهن ڳوٺ جو نالو، آباديءَ جي حساب سان ابتو هجي تہ ائين مثال ڏيندا آهن. ٺيڪراني پرسان ڳوٺ شاه پور جي مهتمن لاءِ پڻ ٽوڪ طور ائين چوندا آهن.[1]

مطلب:

- نانءُ ٻڙا، ديهہ ٻيران.
- نام ٻڙا، درشن ڇوٽا.
- اکين کان انڌي، نالو نور پري.
- اکين کان انڌو، نالو روشن ميان.
- ڄاڻي اکر ٻہ نہ، نالو فاضل شاه.
- رنگ جو ڪارو، نالو يوسف.
- ڪنهن شهر يا ماڳ جو نالو ان جي سماجي، وايومنڊل جي ابتڙ هجي تہ ٽوڪ طور ائين چيو ويندو آهي.

٣٩.٢ خيرپوري، نيت بري، هٿ ۾ قرآن، ڪڇ ۾ ڇري. (هندي، چوڻي)
انگريزن جي اچڻ کان اڳ، سنڌ اندر ٽالپرن جي حڪومت هئي. انهن جي گادي ٽن هنڌن تي ورهايل/ رکيل هئي: ميرپور خاص، حيدرآباد ۽ خيرپور. جڏهن ١٨٤٣ع ڌاري سر چارلس نيپيئر، افغانستان جي جنگ مان هار کائي موٽيو تہ واٽ تي خيرپور جي ميرن سان ناه ڪندو حيدرآباد پهتو تہ اتي جي ميرن مزاحمت ڪئي. مياڻيءَ ۽ دٻي جون جنگيون لڳيون، جنهن ۾ ميرن جون ٽئي فوجون وڙهڻ لاءِ آيون. خيرپور وارا، اندران اندران، انگريزن سان نهي ويا هيا، تنهن ڪري سنڌن آيل فوج، بجاءِ همت

[1] شيخ، محمد فاضل: ماٿيلي اباوڙي جي ٻولي، سنڌيءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد سنڌ.

# ماڳن مڪانن جي نالن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون

سان وڙهڻ جي، لشڪر اندر، انگريزن جي ڍڪاءَ کي وڌو پيش ڪري، ڪڙين تي زور ڏنو، جنهن تان، انهن لاءِ اها چوڻي مشهور ٿي.[1]

مطلب:

- پيٽيو: شڪارپوري، نيت بري، ڏيکارين جوئر، ڏين ٻري.

۳۹.۳ ”ماسي خوش آن؟“ چي: ”پٽ! خيرپور تي وجان!“

سوال آسمان جو پڇجي ۽ جواب زمين جو ملي ته، اهڙي ٻوڙي/ بيوقوف کي ٽوڪ طور ائين چيو ويندو آهي.

مطلب:

- سوال از آسمان، جواب از ريسمان.
- سوال پچ روس جو، جواب ملي طوس جو.
- ”خوش آن؟“ چي: ”ڪران ٿو.“
- ”ادا ڳالهاءِ!“ چي: ”ڳِلو ٿو ڏيانءِ.“

۳۹.۴ ڪجر تا لنيون هٽن، خيرپور تي خالي ٿئي. (لاڙ، چوڻي)

ڪجر، ڏنڌي ۾ پنهنجي گهر جي عورت وني اچي ويهاري ٿو ته جيئن شام ڏاري ڪمائي ڪري، وجي ٻوڙ ٻاڙيءَ جي ڪري. اهو ڪڏهن به ڏنڌي ۾ ڪٽ پٽ نه چاهيندو، نه ڪنهن سان وڙهندو، نه ٻيائي يا نڱي ڪندو، نه ئي جهيڙو جهٽو ڪندو. ايندي سان مُڇن ذريعي وڏو تاءُ ڏيکاريندو، جو نئون يا بزدل گراهڪ، ڏسندي ئي ڀڄي وڃي، پر پوءِ جڏهن پاڻ ئي گراهڪ کان، دلالي وني ڏنڌي جي پڪ ڏياريندو ته گراهڪ سندس شخصيت کان مرعوب ٿي، دل سان پئسا هاريندو.

جيڪي گراهڪ جي دل وٺڻ جا جتن ڪن، سي لنيون ڪيڏانهن هٽندا؟ منجهائن وڙهڻ جي صلاحيت، ڏنڌي مان آيل حرام جي ڪمائيءَ سبب، مفقود ٿي چڪي هوندي آهي. ڏسڻ جا تلها ٿنيرا پيا نظر ايندا، پر ايمان جي ذري نه هوندن. جڏهن ته وڙهندو ايمان آهي، نلهو بت يا لٺ نه وڙهندي آهي.

ڪجر وڙهڻ کان معذور هوندا آهن. لنيون ڪانئن ڪڳيون ڪو نه پڄنديون آهن ته لڳيون ڪتان ٿينديون؟ اهي خيرپور ڪتان خالي ڪرائيندا؟

---

[1] تيرٿ داس، پيسومل، پهاڪن جي پاڀوهه، بمبئي انديا

مطلب:

- حرام جي ڪمائيندڙ منجهان محنت مزوريءَ جي ڪمائيءَ جو آسرو ئي لاهي ڇڏجي ته چڱو.
- ڪجر تا وڙهن ۽ خيرپور تو فتح ٿئي!

## ٤٠. دادو

٤٠.١ دادو، جادو. (سرو، چوڻي)

سادڙن سودڙن ۽ سنون، ميرڙن پر منڙن ماڻهن جو علائقو، جتي اوائلي زماني ۾ سچ ته جادو هيو. سندن سادگيءَ مان فائدي وٺڻ وارا ائين چوندا آهن.[1]

مطلب:

- تڪ-بند مصرع جي پويان ڪيتري حقيقت آهي، ان لاءِ دادوءَ جو شاعر غلام رسول سومرو سودائي هينيئن طرح چوي ٿو:
  دادوءَ ۾ آهي جادو، دادوءَ ۾ يار منهنجو، ڇا ٻڌايان حال دلبر، دادو زور آ، هر گهڙي هر هر نئون ديدار، دادو زور آ.

## ٤١. دالي

٤١.١ اڇا ڪپڙا، ڪيسا خالي، هلي گهمر دالي. (ساهتي، چوڻي)

ساهتيءَ اندر تعلقي پريا، ضلعي نوشهرو فيروز جو وڏو ۽ مشهور ڳوٺ، جنهن پويان اها چوڻي مشهور آهي.

مطلب:

- پئسي وارو ماڻهو، نمائش ڪان ان ڪري لهرائيندو آهي، جو ڪيس قرجڻ جو پؤ هوندو آهي.
- سجو ماڻهو ئي نمائش تي گهڻو زور ڏيندو آهي.
- پيٽيو: چوهڙ جمالي: ڪيسا خالي، مڙس موالي.

٤١.٢ ڪوٽ ڪنديارو ڪوٽڙي، دالي دغل باز. (ساهتي، چوڻي)

هيءَ ساهتي علائقي جي ٽن شهرن: ڪنديارو، ڪوٽڙي ۽ داليءَ بابت چيل چوڻي آهي. داليءَ جو شهر، ڪنديارو ۽ پريا شهرن جي وچ تي نيشنل هاءِ

---

[1] راشدي، پير علي محمد راشدي: اهي ڏينهن اهي شينهن، جلد ٢، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد

وي ڪان ساڄي پاسي ڪجهه اندر تي آهي. جڏهن تہ ڪوٽڙيءَ مان مراد، ڪوٽڙي غلام محمد ڪبير شهر آهي، جيڪو نيشنل هاءِ وي تي اڏيل آهي. سنڌو درياهہ جي پراڻي وهڪري جي ڪاٻي ڪپ تي واقع آهي. شهر جي اتر ۾، درياهہ جي ڇڏيل ۽ ڦٽل پيٽ جا اهڃاڻ اڄ بہ چٽا بيٺا آهن.

هتي ٻڌايل آهي تہ ڪوٽڙي ۽ ڪنديارو، اتان جي رهاڪن يا مسافرن لاءِ جڻ حفاظت ڪندڙ ڪوٽ آهي. جڏهن تہ دالي شهر اندر، ننگجي پوڻ جا گهڻا امڪان آهن.

مطلب:

- مختلف شهرن بابت، ماڻهن تجنيس حرفيءَ جي مدد سان ڪجهه لفظ ملائي، تڪبند ڪهاوتون چيون آهن. جن منجهان ڪيو ڪجهه نہ فقط انهن شهرن جي ڳالا يا ناموري بيان ڪئي وئي آهي. مثال جي طور ڪجهه هيٺ پيش ڪجن ٿيون.
- ٻن: ٻانڊي، ڏوڙ: دؤڙ، ٻڪ: ٻچيري، سڄ: سرهاڙي، لعنت: لنڊو، اسان ويڊاسين نواز ڏاهري. (سمورا شهر يا وسنديون، نواب شاهہ شهر جي آسپاس جا آهن.)
- ڏنڊ: دوداپور، قهر: ڪوٽڙي، ظلم: زورڳڙهہ، هنيل: حيدرآباد، شير: شيرانپور، دائو: ٻچن ڪائو. (دائو يا جهان پور دائو سميت سمورا ڳوٺ، تعلقي ڳڙهي خيرو، ضلعي جيڪب آباد جا آهن.)

## ۴۲. دڙو

۴۲.۱ دڙو: ڳيهہ جو ڳهڙو. (لاڙ: چوڻي)

ضلعي ٺٽي جي دڙي شهر لاءِ، سندس خوشحاليءَ ۽ شاهوڪاريءَ سببان، ائين چيو ويندو آهي. جيئن ڳيهہ طاقت بخش غذا آهي، ان ڪري شاهوڪار شهر جي ساڃس پيٽ ڪئي وئي آهي.

جنهن ۾ ڳڻ هوندا آهن، تنهن ۾ اوڳڻ پڻ هوندا آهن. بي عيب فقط رب جي پاڪ ذات آهي، تنهنڪري دڙي لاءِ ٻنهي رخن ۾ چوڻيون چيل آهن.[1]

مطلب:

- پئسي وارو ماڻهو، نمائش ڪان ان ڪري لهرائيندو آهي، جو ڪيس

---

[1] سنڌي، حافظ حبيب، ماجر ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻولي، سنڌيءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد.

قرجڻ جو پڻ هوندو آهي.

- دڙو، وِهه جو گهڙو. (چوڻي)
- دڙو، بي وڙو. (چوڻي)

## ۴۳. دهلي/ پالم

۴۳.۱ اجا دهلي دور آهي. (فارسي، چوڻي)

سلطان غياث الدين کي حضرت نظام الدين اولياءَ لاءِ دل ۾ ڪوسائي هئي. هڪ دفعي بنگال جي مسافريءَ تان موٽندي، رستي تان ئي کين نياپو ڪيائين: ”منهنجي پهچڻ کان اڳي دهلي ڇڏي وڃو ۽ غياثپور واري رهڻ واري جاءِ تان به هٿ کڻي وڃو.“

”اجا دهلي دور آهي!“ نياپي آڻيندڙ کي حضرت نظام الدين اولياءَ موٽ ۾ چيو.

انهيءَ پاراتي بعد، غياث الدين، دهليءَ کان ڪجهه ميل پري، ساڳيءَ رات افغانپور ۾ جنهن جاءِ ۾ ترسيل هيو، تنهنجي ڇت ڪرڻ سبب، منجهس دٻجي مري ويو.[1]

مطلب:

- هنوز، دلي دور است. (فارسي)
- دهلي، اجا دور آهي.
- ٿوتي، سست ۽ ڪاهل ماڻهو جيڪو ڪم کان لنوائيندو وتي ۽ بهانا ڳاهي پيجي وجي، ان لاءِ ٽوڪ طور ائين مثال ڏبو آهي
- خرار مان اجا پاڻي نه پيني آهي.

۴۳.۲ شيخ عالم، از دهلي تا پالم. (چوڻي)

شيخ عالم: مغل شهنشاهه شيخ عالم ثاني (۱۸۰۶ -۱۷۵۹) سندس حڪومت وقت، مغل شهنشاهيت جو شيرازو وکري ويو، جنهن سببان، مغلن جي حڪومت پوري بر اعظم تان گهٽجي، اچي دهليءَ کان پالم جي علائقي تي محدود ٿي.

مطلب:

---

[1] سهتو، عبدالوهاب، انجنيئر: ورجيسون، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، ڇاپو پهريون، سال ۲۰۰۳ع

- شيخ عالم، ڪمزور شهنشاهه هيو، جنهن جي راڄڌانيءَ جون حدون گهٽجي ويون هيون.

۴۳.۳ دهليءَ جو لڏو: ڪائبو تہ بہ پڇتائبو، نہ ڪائبو تہ بہ پڇتائبو. (هندي، پهاڪو)

دهليءَ جا لڏون، ڏسڻ جا سهڻا، پر هاضمو خراب ڪندڙ آهن. سونهن اهڙي اٿن، جو ڪائڻ لاءِ نہ ملي تہ اهو سور سڄي عمر نہ وڃي. بدهاضم وري اهڙا آهن جو، هڪ دفعو ڪائجي تہ پيٽ جي تڪليف سڄي عمر نہ وڃي.[1]

مطلب:

- سهڻا توهہ، پٽن تي پيا آهن.
- شادي: جيڪو ڪري سو بہ پڇتائي، جيڪو نہ ڪري سو بہ پڇتائي.

۴۳.۴ دهليءَ جو ٺڳ. (ورجيس)

دهليءَ جا ٺڳ[2] وڏا ڳنڊيچوڙ ۽ چالاڪ هيا. ويني ويني، ماڻهوءَ جي کيسي ۾ پيل پئسن جو تعداد بہ ٻڌائي سگهندا هيا، جنهن تان ائين مشهور ٿيو.

مطلب:

- تمام وڏو ٺڳ.
- بنارس جا ٺڳ بہ بنارسي ٺڳ جي طور مشهور آهن.

۴۳.۵ ڪابل ڪنو چڙهيو، باهہ لڳي ملتان،
دهليءَ ڦوڪون ڏنيون، سڙي ويو هندستان. (سرائيڪي، چوڻي)

هيءَ تاريخي ڪهاوت آهي، جنهن منجهہ انهن حڪومتن ڏانهن اشارو آهي، جيڪي افغانين جي تسلط هيٺ رهيون. ملتان/ سنڌ يا دهليءَ مٿان جيڪي بہ ڪاهون ٿيون، تن جو مرڪز ۽ محور ڪابل ئي رهيو آهي.

اڳاٽي دور ۾ ملتان پڻ سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ رهيو آهي. اگر گاديءَ جو هنڌ نہ رهيو آهي تڏهن بہ سنڌ اندر ننڍين رياستن جي حڪومتن تي، ملتان حڪومت جو اثر رسوخ ضرور رهيو آهي.

[1] تيرٿ داس، پيسومل، پهاڪن جي پاٻوهہ، بمبئي انديا

[2] سهتو، عبدالوهاب، انجنيئر: ورجيسون، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، ڇاپو پهريون، ۲۰۰۳ع

تاريخ ٻڌائي ٿي تہ ملتان، ڪابل جو هڪڙو صوبو رهيو آهي. جيئن ئي ڪابل جي سياسي ڦيرگهير جو اثر ملتان تائين پڄندو هيو، تيئن وري انهيءَ جا اثرات اتان ٿيندا، وڃي دهليءَ پڄندا هيا. جنهن سببان، سڄي هندستان جو سياسي نظام ۽ حڪومت متاثر ٿي ويندا هيا. تڏهن ائين مشهور ٿيو: ”جنهن جو ملتان مضبوط، تنهن جي دهلي مضبوط“. اڄ بہ ملتان جي سياست جو اثر، اسلام آباد تائين پهچي ٿو.[1]

مطلب:

- جنهن جو ملتان مضبوط، تنهن جو اسلام آباد مضبوط.

## ۴۴. ڊيرو

۴۴.۱ ڊيري جو ڪمي. (ساهتي، ورجيس)

ڊيرو يا دربيلو، تعلقو ڪنڊيارو، ضلع نوشهرو فيروز ۾ آهي. منجهس سيدن جو وڏو اثر رسوخ آهي. مريد خادم، سيدن جي درن تي، خدمت ڪرڻ کي عبادت پيا سمجهندا آهن. شوق ۽ محبت سان پيا سندن در تي ٻيلپا ڏيندا آهن، جنهنڪري سندن حالت، انهن ڪمين يا ڪاسبين جهڙي هوندي آهي، جيڪي پيٽ تي اميرن جا گولپا ڪندا آهن.

اڄ بہ جيڪڏهن ڪير ڪنهن کي مفت ۾ وهائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي تہ اڳلو ڪانئس ائين چئي جان ڇڏائيندو آهي: ”مون کي ڊيري جو ڪمي سمجهيو اٿئي ڇا؟“

مطلب:

- شوق ۽ محبت سان، بنا معاوضي ونڻ جي خدمت ڪندڙ کي، ڊيري جي ڪميءَ طور پيٽ ڏني ويندي آهي.

۴۴.۲ نہ ويو آهين ڊيري، نہ ڏٺيون اٿئي آندل شاهہ جون اکيون. (ساهتي، پهاڪو)

ڊيري شهر جو سيد الهندو شاهہ يا آندل شاهہ، جنهن نوشهروفيروز ۾ پهريون سنڌ مدرسه اسڪول کولرايو هيو، سو وڏي ڏيا وارو هيو. سندس

[1] مغل، شوڪت: سرائڪي آڪاڻ، جهوڪ پبلشر، بيرون دولت گيٽ، ملتان جلد دوم ۲۰۰۴ع ص ۴۲

رعب ۽ دٻدٻو، ڏيهان ڏيهه مشهور هيو. ڪو بہ سندس آڏو، ڪڇي نہ سگهندو هيو.

روايت آهي تہ هڪ ڏينهن پاڻ شهر کان ٻاهر ويل هيو جو نوڪرن هڪ ڍهلاريءَ مسافر کي اوطاق ۾ آڻي ترسايو. ڏيڍيءَ تي ماني چئي آيا. ايتري ۾ خبر پئي تہ آندل شاهہ موٽي آيو آهي. اها ڪٽڪ پوندي، ڍهلاري ڍهل سميت، ان دريءَ مان ڀڄي ويو، جنهن مان ڏينهن ڏٺي جو عام ماڻهو اڪيلي سر بہ مشڪل سان لنگهي سگهي. اها ڳالهہ مڱڻهارن وڏائي چڙهائي ڪٽي مشهور ڪئي.[1]

مطلب:

- الهندي شاهہ سان يا ڪنهن ڏاڍي سان معاملو نہ پيو اٿئي، تنهن ڪري خبر نہ اٿئي.
- جيڪو بنا ڪنهن سوچ ويچار ۽ تحقيق جي، ڪنهن لاءِ راءِ مقرر ڪري، تنهن کي آپي ۾ رهڻ لاءِ ڏڙڪي طور ائين چيو ويندو آهي.
- ڏاڍي جي سامهون ويندي، هر ڪو لهرائيندو آهي.

۴۴.۳ ڊوهي ماڻهو ڊيري جا، چڱي نہ اٿن چِت،
توڻي ڪِرين پِتِ، تہ بہ ڊوهہ نہ وڃي ڊيري مان. (ساهتي)

ان قسم جون چوڻيون ٻين شهرن ڏانهن بہ منسوب آهن، جيڪي ڪنهن دور ۾ مٿن ڪن سببن جي ڪري جڙيون، جڏهن تہ وقت گذرڻ پڄاڻان، اهي معدوم ٿي ويون. اڄ انهن چوڻين جو انهن شهرن سان ڄڻ پري جو واسطو بہ ناهي رهيو. جيئن: روهڙائي روهہ تي، ننڍا وڏا ڊوهہ تي. يا جوهي: ڊوهي، وغيره.

مطلب:

- پيٽيو: ڪوڙ ڪوڙي ڪنڌياره، دالي دغل باز.

## ۴۵. راڄڙي.

۴۵.۱ ٿمر هجئي ساڻ، رات نہ پوئي، راڄڙيءَ ۾. (وچولو، چوڻي)

راڄڙي: ٻيلي جو نالو آهي، جيڪو چوراڪاريءَ ۽ بدامنيءَ سبب بدنام آهي. اتي رهڻ تہ خطري کان خالي ناهي پر ان جي ڀرسان لنگهڻ وارو بہ

---

[1] منگيو، محمد صديق: قلواڙي (سنڌي پهاڪا ۽ چوڻيون)، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، ۲۰۱۵ع، ص ۲۰۲

غير محفوظ رهي ٿو. ان ڪري هن ڪهاوت اندر، ڏس ڏنو ويو آهي ته اگر ٿمر يا ڪاڏو پيتو ساڻ آهي ته راڄڙيءَ جي شهر/ ٻيلي منجهه رهڻ کان، بهتر آهي ٻاهر رهي، پنهنجو وقت ٽپائي وڃجي.

مطلب:

- ٿمر هجئي ساڻ ته پيچ پاڏاين ڪان.
- هجئي ساڻ ٿمر، گهڙي پؤ منجهه گهٽهڙ.
- پيٽيو: ٿمر نه هجئي ساڻ، گهڙي پؤ منجهه گهٽهڙ.

## ۴٦. راهوجا/ ٻاهوجا/ ڪوريجا

۴٦.١ راهوجن ۾ رات، قادر نه وجهي ڪنهن جي،
پليجن مان پاٿ، پرجي آئي پت جي. (سرو، چوٽي)

پليجا ۽ راهوجا: سکر ضلعي جا هڪٻئي جي ويجهو ٻه ڳوٺ.

هڪ بزرگ، راهوجن جي ڳوٺ ۾ مهمان ٿي آيو. ڪيس، نه ماني ڪارايائون ۽ نه سمهڻ لاءِ چڱو هنڌ ڏنائون. مڇرن به ڏاڍو تنگ ڪيس. جڏهن ته پليجا ڳوٺ ۾ رهڻ دوران، اتان جي رهواسين پاٽ پت جي پري موڪلي هيس ۽ رهڻ لاءِ هنڌ به چڱو ڏنائونس. راهوجن جي اهڙي رکي ورتاءَ کان بيزار ٿي ائين چيائين.

مطلب:

- هر ڪو پنهنجي اخلاق سان پنهنجي ذات جي ناموس وڌائي ٿو ۽ پنهنجي پرڪارن سببان پنهنجي ذات لڄائي ٿو.
- راهوجن ۾ رات، قادر نه وجهي ڪنهن جي،
  رنون رب رلايون، آهر اڳلي وات،
  پليجن مان پاٿ، پرجي آئي پت جي. (لوڪ ڏاهپ جو بيت)

۴٦.٢ رهي راهوجين، بهي ٻاهوجين، ڪتي ڪوريجن جي. (سرو، چوٽي)

راهوجا، ٻاهوجا ۽ ڪوريجا: علحده ذاتين جي نالن پويان، سکر ضلعي جا ڳوٺ آهن.

رولاڪ ماٽهو، ان ڪت ڪندڙ ڪتيءَ مثل آهي، جنهن جو ڪو نام نڪاٽو نه هجي. رڳو پنهنجي ٻک جو پورائو ڪرڻ جي ڪِد هجي. اهڙو ماٽهو

جيڪو هجي هڪڙن جو، پلجي ٻين وٽ ۽ نفعو ٽين کي ڏئي، تنهن لاءِ ايئن چيو ويندو آهي.[1]

مطلب:

- جنهن جا گهٽا ٽاڪ هوندا آهن، تنهن جو ڇڻ هڪ ٻه نڪاٽو ناهي.
- ڌوٻيءَ جو ڪتو: نه گهر جو، نه گهاٽ جو.
- ڪتي ڪوريجن جي: رهي راهوجين، ٻهي ٻاهوچين.

## ۴٧. رڙي

۴٧.١ رڙي، ٽڪن ۾ پڙي، جتن کي مليو جواب. (لاڙ، پهاڪو)

جاتي شهر جي اوپر طرف، ضلعي ٺٽي اندر هڪ شهر آهي، جيڪو مائيءَ رڙيءَ جي نالي سان منسوب ۽ مشهور آهي. پنهنجي دور جي حسين ترين مائي رڙي، جنهن تي جتن جو ملڪ حمر خان، عاشق ٿي پيو. ڪيس ڌوتيءَ هٿارئون، شاديءَ جو پيغام ڏياري موڪليائين. مائيءَ رڙيءَ، ڪانئس موت ۾، ڪاري گونگڙي (واھ) کان رڙيءَ (ڳوٺ) تائين، رات جي پيٽ ۾ پاڻي پهچائڻ لاءِ واھ کوٽرائڻ جو مطالبو ڪيو. حمر نالي سان منسوب واھ، حمر مَلڪ هڪ ئي رات ۾ کوٽرايو هيو. اهو واھ ان وقت وڏي خرچ سان نهيو هيو، جنهن سببان حمر کي رڙيءَ جو سڱ مليو. ٻين لفظن ۾: مائي رڙيءَ جو سڱ، ملڪ حمر کي، ڇڻ انهيءَ ملھ تي پيو هيو.[2]

مطلب:

- پئسي تي وڪامندڙ شيءِ جا مالڪ متجي ويندا آهن.

۴٧.٢ رڙيءَ جو شاهوڪار ته نه آهين؟ (لاڙ، چوڻي)

رڙيءَ جو شهر، پنهنجي شاهوڪاريءَ جي ڪري ڏاڍو مشهور هو. اتان جا ماڻهو شاهوڪار ۽ شاه خرچ هئا. جيئن ڍنڍيءَ جا شيخ، امير ۽ بي تحاشا خرچائو آهن. انهيءَ ڪري اڄ به جيڪڏهن ڪو گهڻو خرچ ڪندو آهي ته ڪيس ٽوڪ طور ائين چيو ويندو آهي.[3]

---

[1] آڏواڻي، ديوان سلامت لاءِ ڪيولرام، گلشڪر، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ

[2] سنڌي، حافظ حبيب: "ماجر، ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻولي" سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد.

[3] سنڌي، حافظ حبيب: "ماجر، ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻولي" سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو.

مطلب:

- ڍنڍيءَ جو شيخ تہ نہ آهين؟

## ٤٨.   روم

٤٨.١  توڙي وڃي رومر، تہ بہ نصيبان اڳرو،
ڏوڏي مٿان ٿوم، لکيئي لوح قلم ۾. (سنڌ، چوڻي)

ماڻهو دنيا اندر پنهنجو نصيب کائي ٿو. ان کان وڌيڪ جي حاصل ڪرڻ جي پٺيان جستجو ڪري پر ملندس يا ڦبندس اوترو جيترو سندس قسمت منجهہ لکيل آهي. ڪو بہ ماڻهو وِتَ کان واڌو، نہ ماني ٿو کائي، نہ لٽا ٿو پائي ۽ نہ وري ٻن ٻيڙين يا گاڏين يا سوارين جي اندر چڙهي سفر ٿو ڪري سگهي. نہ ئي وري هڪ کان وڌيڪ بسترن تي يا ڪمرن منجهہ سمهي سگهي ٿو. انسان کي حرص ۽ هوس سبب، هڻ-وٺ يا وٺ-پاڄا وڌي لڳل آهي، جيڪا اجائي آهي. جيڪو نصيب ۾ لکيل اٿس، سو پورو پورو کيس ملي ٿو. نہ گهٽ مليس ٿو، نہ وڌ مليس ٿو.[1]

مطلب:

- ڪنهن کي نہ نصيب کان وڌ مليو آهي، نہ گهٽ.

٤٨.٢  روم ۾ رهي، پوپ سان نہ اڇائجي. (انگريزي، پهاڪو)

پوپ، عيسائي مذهب وارن جو رهبر يا رهنما ٿئي ٿو. اهو وڏي مانَ ۽ مرتبي وارو مقام آهي. جيڪو اهو مقام ماڻي ٿو، تنهن جي هلندي پڄندي بہ وڏي هوندي آهي. ان سان ڦٽائڻ معنيٰ پنهنجو سر ڪٽائڻ.[2]

مطلب:

- ڏاڍي جي ملڪ ۾ رهي، ساڻس نہ ڦٽائجي.
- درياهہ ۾ ويهي، وڄهجي نہ واڳونءَ سان وير.

## ٤٩.   روهڙي

٤٩.١  روهڙائي روهہ تي، ننديا وڏا ڏوهہ تي. (سرو، چوڻي)

روهڙيءَ جو علائقو، اروڙ جي ويجهو آهي. ڪنهن لڳا، اروڙ ۾ راجا ڏاهر جي حڪومت هوندي هئي. حڪومت جي واڳ حاصل ڪرڻ لاءِ، اُن

[1] آڏواڻي، ديوان سلامت لاءِ ڪيولرام، گلشڪر، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ.
[2] Kam Chuan Aik, M.A, Times Dictionary of Proverbs

علائقي ۾ ڏاڍي رسا ڪشي ٿيندي هئي. روهڙيءَ جي روهه (جبل) تي رهندڙ، حڪومت جي واڳ هٿ ڪرڻ لاءِ، ٻوهه به ڪندا هيا. سندن ٻوهن/ سازشن سبب، اروڙ تباهه ٿيو. روهڙيءَ جو شهر، اروڙ جي ڦٽڻ ڪان پوءِ روهه نالي ٽڪريءَ تي آباد ٿيو. اقتدار جي هوس، منافرتن ۽ منافقتن جو ٻج وڌو. جنهنڪري اروڙ ڪان آيلن هر وقت اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ هڪٻئي سان ٻوهه يا دوڪو پئي ڪيو.[1]

مطلب:

- جابلو علائقن جا ماڻهو، جبل واريون خاصيتون رکندا آهن. ڏسڻ جا ڏاڍا ۽ سخت ٿيندا آهن. هڪ ٻئي سان دوڪي بازي ڪندي به نه مڙندا آهن.
- پيٽيو: روهڙائي روهه تي، ننڍا وڏا ڊوءَ تي.

۴۹.۲ روهڙائي روهه تي، ننڍا وڏا ڊوءَ تي. (سرو، چوڻي)

اڳاتي دؤر ۾، ٽڪر/ روهه تي رهڻ جي ڪري، روهڙيءَ جو ننڍو وڏو رهاڪو، گهٽيءَ جا پٽر گهر ڏانهن ڊوئڻ ۾ مشغول هوندو هئو. ڇو جو ان کي اها خبر هئي ته اهي پٽر گهر ۾ اڏاوت جي ڪم ايندا.[2]

مطلب:

- جاجڪ چڙيو ته به لٽا لاهي پنهنجن ڏانهن اچلي.
- چانديا چڙيا ته به ڳڙ جا پيند پنهنجن ڏانهن اچلين.
- پيٽيو: سيوهاڻي چڙيا ته به پٽر گهر ڏانهن ڊوئين.

۴۹.۳ روهڙيءَ جا مومن: روئڻ جا به ٽڪا، روئارڻ جا به ٽڪا. (پهاڪو)

جيڪو ماڻهو ڪوڙي بهاني سان، ڳالهه لنوائيندو آهي، تنهن کي ايئن چيو ويندو آهي. ”هل! روهڙيءَ جا! خبر آهي.“ ان جو اصل پسمنظر هڪ آزاريل ذاڪر ڏانهن منسوب ڪيو ويندو آهي. جنهن سر ۾ چيو هئو: ”روهڙيءَ جا مؤمن، روئڻ جا به ڏاڍا ته ..... جا به ڏاڍا.“

مطلب:

- دوکي باز ماڻهوءَ کي، طعني طور ائين چيو ويندو آهي.

---

[1] منگي، نقش ناياب، شڪارپور، ڪانئس واتين ويٽين ٻڌل

[2] منگي، نقش ناياب، شڪارپور، ڪانئس واتين ويٽين ٻڌل

## ٥٠. رُهي

٥٠.١ رهيءَ ۾ رهڻ، رب نہ رڏڻ. (پهاڪو)

ٿر جي عمرڪوٽ ۽ ڇاڇري واري علائقي ۾، پاٽيءَ جي بلڪل اڻاٽ رهي ٿي، جنهن ڪري ان کي رُهي بہ سڏيو ويندو آهي. ٿر جي ٻين ڀاڱن جا ڪجھ حصا بہ رُهيءَ جهڙا آهن. اتي جو ڪاڏو، عام طور رب آهي. جيڪو قناعت/ ڪفايت جو بهترين اصول آهي. جيڪو قناعت نہ ڪندو، سو هڪ نہ هڪ ڏينهن پڇتائيندو. رب تي گذر ڪري، اَنَ بچائڻ وارا ئي، ڏکئي وقت سان منهن ڏئي سگهن ٿا.[1]

مطلب:

- ڏکين علاقن ۾ رهڻ لاءِ، حالتن سان سمجهوتو ڪرڻو ئي پوندو آهي.
- رهين تي رُهيءَ ۾، رڏئين نہ تي رب. (ٿر)
- رهيءَ ۾ رهبو تہ رب بہ رڏبي.

## ٥١. ساڏوري

٥١.١ آزادي مليي، ساڏوري بہ اڌ نمبر. (ٿر، چوڻي)

انگريز دؤر ۾، تحريڪ خلافت جي هلچل دوران، ڪراچيءَ ۾ هڪ وڏو جلسو ٿيو، جنهن ۾ مولانا محمد علي، مولانا شوڪت علي، ڊاڪٽر ڪچلو ۽ ٻيا برک ليڊر شريڪ ٿيا هئا. جيئن تہ هي جلسو ڪراچيءَ ۾ هئو، ان ڪري منجهس سنڌ جي ماڻهن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي هئي. تعلقي عمرڪوٽ جي ”ساڏوري“ ڳوٺ جو عبدالرزاق شيدي بہ ان جلسي ۾ پهتو ۽ ڪنهن جي چوڻ تي جلسي ۾ نظم پڙهيو هئائين. انهيءَ نظم جو ٽلھ هئو:

”سگهو جارج پنجين جو هتان لاشو روانو ٿيندو“.

[1] آنچلانند، جان ڪي ديوي؛ سپروائيزر پرائمري ايجوڪيشن، بيٽ عمرڪوٽ، ٿري ٻوليءَ جي پهاڪن ۽ چوڻين جي روشنيءَ ۾ ٿر جو سماجي، سياسي ۽ ادبي جائزو. (ايم فل لاءِ لکيل مقالو) ص ٦٤

جلسي جي آخر ۾ گرفتاريون ٿيون ته عبدالرزاق به ٻڌجي ويو. اسپيشل ڪورٽ ۾ انگريز جج جي اڳيان حاضر ٿيو ته جج ڪانئس پڇيو: ”تو اهو نظم ڇو پڙهيو؟“

”اهو نظم مون فقط چاٻو حلوو کائڻ لاءِ پڙهيو.“ عبدالرزاق ٻڌايو.

”جيڪر سرڪار تو کي معافي ڏئي ته پوءِ؟“ جج صاحب ڪيس سادڙو سمجهندي، ڪانئس پڇيو.

”معافي ملي ته ساڏوري اڌ نمبر“، ٽڪڙ ۾ چيائين، جيڪو جملو، جج صاحب لاءِ اجا وضاحت طلب هيو. جج صاحب پرووڻئن جي اشاري سان جڏهن اجا وضاحت جو منتظر رهيو ته وڪيل ڳالهه اچو ڪندي چيو: ”سائين منهنجا! هيءُ چوي ٿو ته سرڪار جيڪر معافي ڏئي ته پوءِ ساڏوري، جيڪا هتان ٢٠٠ ميل آهي، سا مون لاءِ اڌ نمبر جيترو پنڌ ٿي پوندي.“

اهي لفظ ٻڌي، جج صاحب کليو ۽ ڪيس معافي ڏئي ڇڏيائين.[1]

مطلب:

- پنڌ تمام ٿورو آهي.
- مڙس ماڻهن لاءِ: ٻيلو به ٻرانگهون.

## ٥٢. ساڪرو

٥٢.١ ايتري ٻڌو، جو ساڪرو ست جهلي. (لاڙ پهاڪو)

ميرن جي دؤرِ حڪومت ۾، مقرر ڪيل ٻاڏارا، ٻنيون/ پوکون گهمي، محصول جو حصو ٻڌندا هيا. هڪ سال ٻاڏارن، ساڪري طرف سخت ٻَڌَ ڪئي، تنهن تي هڪڙي هاريءَ رڙ ڪري ائين چيو.[2]

مطلب:

- زيادتي، چڱي ڳالهه نه آهي.

---

[1] آنچلانند، جان ڪي ديوي: سپروائيزر پرائمري ايجوڪيشن، بيٽ عمرڪوٽ، ٿري ٻوليءَ جي پهاڪن ۽ چوڻين جي روشنيءَ ۾ ٿر جو سماجي، سياسي ۽ ادبي جائزو. (ايم فل لاءِ لکيل مقالو) ص ٤٠

[2] ٽالپر، الله بخش: پهاڪن جي پيڙهه، آر ايچ احمد اينڊ برادرس شاهي بازار حيدرآباد سنڌ

- اهڙي ڪر، جو ساڪرو سٽ سهي. (لاڙ)

۵۲.۲ ساڪرو: آڪرو. (لاڙ، چوڻي)

ساڪرو، اٺ جو قسم آهي. اهو هلڻ جو چوهو ۽ قد جو هلڪو آهي. ميرپورساڪري طرف ٿئي ٿو. ان ڪري علائقي جي نسبت سان، اهو متس نالو پيل آهي.[1]

مطلب:

- ساڪرائي اٺ، بيهڪ مان پڌرو هوندو آهي.

۵۲.۳ سنگت ساڪري ۾، سست آسري ۾. (لاڙ، پهاڪو)

هڪڙي همراه پنهنجي سنگتين سان، ساڪري شهر گهمڻ جو پروگرام رٿيو هيو. پروگرام مطابق ڪين هلڻ کان اڳ هڪ هنڌ ڪنو ٽيٽو هيو، جتان کان پوءِ سفر جي شروعات ڪرڻي هين. مقرر وقت تي پاڻ ته طئي ٿيل هنڌ تي پهتو پر سنگت منجهان ڪو به ڪو نه پهتو. ٿيو ائين هيو جو ملڻ جو وقت آخري وقت ۾ تبديل ٿيو هيو، جنهن جي ڄاڻ هن کي نه هئي. سنگت ان وقت تي پڳي ۽ راهي ٿي وئي. جڏهن ته هيءُ همراهه طئي ٿيل هنڌ تي سندن ڪني ٿيڻ جو آسرو ڪندو رهيو. تيستائين سنگت وڃي ساڪري شهر پهتي هئي. ساڪري کان موٽندڙ مسافرن/واقفڪارن جڏهن ڪيس انتظار ۾ ڏٺو ته سبب پڇيائونس. هن جي جواب تي ڪلندي ڪيس ٽوڪيائونس: ”سنگت ساڪري، سست آسري ۾.[2]

مطلب:

- واعدو ڪري، پجي وڃڻ واري کي ٽوڪ طور ايئن چيو ويندو آهي.
- آسري يار جي، سيءَ سڪائي ڪل.
- سنگت ساڪري ۾، همراه آسري ۾.

## ۵۳. سعيدپور

۵۳.۱ سعيدپوري، نيت بري، هٿ ۾ قرآن، ڪڇ ۾ ڇري. (لاڙ، چوڻي)

[1] سنڌي، حافظ حبيب: ماجر ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻولي، سنڌيءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد

[2] سنڌي، حافظ حبيب، ماجر ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻولي، سنڌيءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد

سعيدپوري: سعيد پور ٽڪر جو رهاڪو. سعيد پور ٽڪر جي رهاڪن بابت چيڙ.

گمان آهي تہ، پور لفظ جنهن شهر سان لڳل آهي، تنهن شهر سان ٽڪبند طور ائين پچ ڳنڍي ڇڏيندا آهن. هتي سعيدپور ٽڪر وارن لاءِ بہ ائين ئي محسوس ٿئي ٿو.

اسان جو معاشرو يا سماج ڳڏيل سرشتي تي اڏيل آهي. منجهس حلالي حرامي هر هنڌ آهن. اندازو آهي تہ سعيدپور منجهہ بہ ڪي ڏنگا ماڻهو هجن، جن جي ڏاڍائيءَ تان ڪنهن جي واتان اهو جملو نڪري ويو هجي. پوءِ: ”ناٿ ڪٽي هڪڙو، نڪر اچي مڙني تي.“ وانگي ڪارنهن سڀني تي چاڙهي ڇڏي هجائين.

مطلب:

- گهيلپوري، نيت بري، هٿ ۾ قرآن، ڪڇ ۾ ڇري. (بدين)
- آيا يار لاهوري: منهن جا منا، نيت بري. (پنجابي)
- آيا يار لاهوري: ڏيڪاري دروازو، ٽپائين موري. (پنجابي)
- آيا يار چنيوٽي: شڪل سهڻي، نيت کوٽي. (پنجابي)
- آيا يار پشوري، لش پش گهڻي، محبت ٿوري. (پنجابي)
- آيا يار کهروڙي، لش پش ڊير، محبت ٿوري. (پنجابي)

## ٥٤.   سنڌ

٥٤.١ جڏهن تڏهن سنڌ ڪي، قنڌارئون جوکو. (سنڌ، چوڻي)

سنڌ تي جيڪي بہ حملا ٿيا آهن سي يا تہ ايران کان ايندڙن ڪيا آهن يا ڪابل/ قنڌار کان آيلن/ موٽ ڪاڏلن ڪيا آهن. چو جو سنڌ تي حملہ آور، گهڻا تڻا قنڌار جي رستي کان آيا آهن، جن اچي سنڌ منجهہ بائيتال ۽ رڻ ٻاري ڏنو. انگريزن ١٨٤٣ع ڌاري ڪابل/ قنڌار کان شڪست کائي، واپسيءَ تي، سنڌ مٿان ڪاهہ ڪئي، جنهنڪري، سنڌ لاءِ ائين مشهور ٿيو آهي.[1]

مطلب:

[1] سرڪي، نياز عودائي، سنڌي پيشن گوئيون (مامونئين جا بيت)، ڪافي پبليڪيشن ڪراچي سنڌ

- سنڌ هميشھ قنڌار ڪان آيل حملھ آورن جو شڪار پئي رهي آهي.
- جڏهن ڪڏهن سنڌ کي، قنڌار ڪان جوکو.
- لڳندي لڙائي، سونچو سري ڪان ٽيندو، جڏهن ڪڏهن، سنڌڙي تو کي قنڌاران جوکو.

۵۴.۲ سنڌ: چورا پال. (سبي، پهاڪو)

سبي خطي جا بروهي ۽ ٻروچ خاندان، اونهاري جي موسم ۾ لڏ پلاڻ ڪري، ڪمائڻ ۽ گذر سفر ڪرڻ لاءِ سنڌ ۾ اچن ٿا. اونهارو ڪمائي، سياري لاءِ پاچي ڪن ٿا. سياري ۾ هو واپس جابلو علائقن اندر پنهنجن گهرن ۾ وڃي آباد ٿين ٿا. ان روزگار ۽ گذر ڪرڻ سبب، هن علائقي ۾ سنڌ بابت ائين چون ٿا.[1]

مطلب:

- سنڌ علائقي کي، منجهس ڄاولن/ ٻاهران آيلن جي پالڻ جي سگھ آهي.

۵۴.۳ سنڌ سمون، ڪڇ چنون، ڀاٽي جيسلمير،
چوٽون چغدو، جنهن جي پيڙهيءَ مٿي پير. (ٽر، چوٽي)

وڌيڪ تشريح لاءِ ڏسو: جيسلمير.

۵۴.۴ سنڌ سنئين، وڻ ڏنگا، ماڻهو خام،
ڏندو جنهن جي هٿ ۾، تنهن کي ڪن سلام. (سرو، چوٽي)

سنڌ خِطي جي زمين جابلو ناهي. منجهس هيٺ-مٿانهيون ٻه ايڏيون ناهن. بلڪ سنئين سڌي زمين آهي، جيڪا زراعت ۽ ڪاشتڪاريءَ جي ڪارج هيٺ گهٽي رهي ٿي. پاڻ ايتري سنئين ۽ سڌي آهي، جو مٿس ٿيندڙ وڻ جي ڏنگائي ٻه جلد نظر اچيو وڃي. اهڙي زرعي زمين تي هر هاري ناري، محنتي مزور، فقير فقرو، لالچي لوڀي چڪجي اچي ٿو، جيڪو پنهنجي پيٽ قوتَ هٿ ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات ڪوشان رهي ٿو. يا ٻين جي مال

[1] خادم، داد محمد بروهي، ڊاڪٽر: سبي خطي ۾ سنڌي زبان جي محاورن جو لساني جائزو. پي ايچ ڊيءَ لاءِ مقالو، سنڌي يونيورسٽي ڄامشورو.

تڳائڻ جي جُوھ ۾ رهي ٿو. جنهن سببان سندس خام خيالي نروار ٿيو پوي. ٻين جي ڏندي کي ڏسي، ڪين نِوڙي سلام ڪندو رهي ٿو.[1]

مطلب:

- جڏهن ماڻهو نصيحت سان نه سڌري ۽ پادرن سان سڌو ٿي هلي، تڏهن ڪيس ٺوڪ طور ايئن چيو ويندو آهي.
- سنڌي ماڻهو، ڏاڍي سان سينو ساهي نه سگهندا آهن ۽ پيا ڪيس اٿندي ويهندي سلام ڪندا آهن.

۵۴.۵ سنڌ ڳلي/ موچڙي سان سڌي آهي. (ساهتي/ سرو، چوڻي)

موچڙي ۾ سوپ آهي. ان سان هر هڪ سڌو آهي. اهڙو مثال آڳاٽي دور جي تاريخ ۾ به ملي ٿو. جيئن، حضرت موسىٰ عليه السلام کي لٺ وارو معجزو ڏنو ويو هيو.

مطلب:

- سنڌ جا ماڻهو، هينانهين ڪرڻ واري تي فلڪ ئي نه آڻيندا آهن. ڏاڍي سان سڌا هوندا آهن.
- عرشان لٿيان چار ڪتابان، پنجوان لٺا ڏنڊا،
  ڪتابان اوه نه ڪيتا، جو ڪيتا ڏنڊا. (پنجابي)

۵۴.٦ سنڌ گدڙن ڪو نه کاڌي آهي. (ساهتي، چوڻي)

سنڌ جي ماڻهن جي نفسيات آهي ته: پاڻ ۾ نه نهندا آهن. ٻاهران آيل کي ائين لڳندو ته پاڻ ۾ وڙهيل آهن. ڪين پاڻ ۾ وڏيڪ ويڙهائڻ جي ضرورت ناهي. بس فقط مٿن حڪمراني ڪرڻي آهي. جڏهن ته ٻاهران آيل آپدا کي ڏسي، سنڌين کان پنهنجيون ڪدورتون وسري وينديون آهن ۽ ٻاهران آيل حملہ آور سان مقابلو ڪرڻ لاءِ پاڻ ۾ يڪدم يڪمشت ٿي ويندا آهن. جنهنڪري سنڌ جي ماڻهن کي ڌاريا ۽ ڪمزور ماڻهو، ڪو به نقصان نه ڏئي سگهندا آهن.

مطلب:

- ڪير به ڪنهن کي نقصان نه ٿو ڏئي سگهي، جيستائين خدا نه چاهي.

---

[1] سائل، سترامداس جڙيا سنگهاٽي، دردن جي دبلي عرف سنڌي پهاڪا ۽ چوڻيون، سائل پون، جهونا واڙيچ احمد آباد

٥٤.٧ سنڌ ۾ آهي ڪڻ تي، ٿر ۾ آهي ٿڻ تي. (ٿر، چوڻي)
ڪڻ تي: ڪڻڪ تي گذران. ٿڻ تي: مال جي ٿڻ تي، مال جي کير تي، ڏڳن ڏورن تي.[1]

مطلب:
واڌو تشريح لاءِ ڏسو: "ٿر."

٥٤.٨ سنڌ ۾ ٻارهين ڪوهين ٻولي ٻي. (سنڌ، چوڻي)
هر علائقي جي ماڻهن جو پنهنجو پنهنجو لهجو ۽ پنهنجي پنهنجي ٻولي آهي. اهو عام خيال آهي ۽ مشاهدي سان ٻہ معلوم ٿيو آهي تہ پنجويهن ٽيهن ميلن ڪان پوءِ، ماڻهن جي لهجي ۽ لفظي محاوري ۽ معنيٰ ۾ فرق اچي ويندو آهي.

مطلب:

- سنڌ ۾ ويهين ڪوهين، ٻولي ٻي.

٥٤.٩ سنڌ ۾ پڇي بہ ڪو ڪو نہ، ڪڇ ۾ ڪنورٻائي. (لاڙ، پهاڪو)
وضاحت لاءِ ڏسو: "ٿر"

٥٤.١٠ ڪڇ ڦريو جوڳين، سنڌ ڦري نوڳين. (ٿر، چوڻي)
ڪڇ علائقي جا ماڻهو، جوڳين ۽ سنياسين ۾ انڌو اعتقاد ٿا رکن، جنهنڪري ڪانئن پاڻ ڦرائين ٿا. جڏهن تہ سنڌ جي ماڻهن ڪي ابوجهائپ سبب، نڱ نڱي ٿا وڃن.[2]

مطلب:

- ڏيهاڙي ڦرجن تہ گهٽا ئي ٿا پر بدنام فقط سنڌي ئي آهن.

### ٥٥. سنڌو

٥٥.١ سنڌو ڦٽو، جاتي ونئي. (لاڙ، چوڻي)

[1] هريجن، رائچند، تاريخ ريگستان (ٻہ ڀاڱا)، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ
[2] هريجن، رائچند، تاريخ ريگستان (ٻہ ڀاڱا)، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ

سندو بندر جو نالو، جيڪو هاڻي ڦٽي چڪو آهي. جاتي: شهر جو نالو جيڪو هن وقت به موجود آهي. هڪ شهر جي ويران ٿيڻ پڄاڻان، ٻيو شهر آباد ٿيو وجي.[1]

مطلب:

- تشريح لاءِ ڏسو: جاتي.

## ٥٦. سوڪي

٥٦.١ بندر ڦٽو، سوڪي وٺي. (لاڙ، چوڻي)

بندر يا شاهبندر ۽ سوڪي، ٻئي بندرن جا نالا آهن، منجهانئن بندر ته ڦٽي ويران ٿي ويل آهي. جڏهن ته ان جي پرسان سوڪي بندر، شاهه بندر جي ڦٽڻ پڄاڻان، وڏيڪ آباد ٿيو آهي.[2]

واڌو تشريح لاءِ ڏسو: "بندر."

## ٥٧. سيوهڻ

٥٧.١ سيوهاڻي چريا، ته ٻه پٽر گهر ڏانهن ڍوئين. (سرو، پهاڪو)

سيوهڻ، روهڙيءَ وانگر، پٽريلي علائقي ۾ واقع آهي. درياهه جي ساڄي ڪنڌيءَ تي اڏيل هن شهر ۾ قلندر جي مزار آهي، جتي ڏيهاڙي سوين بلڪ هزارين زيارتي اچن ٿا. ان شهر جي اڏاوت ۾ اڳاٽن ماڻهن، پٽرن جو استعمال ڪيو، جنهن لاءِ هو پٽر ٻين کي چُنڻ/ هٽڻ بجاءِ گهر ڏانهن هٽڻ/ اچلڻ کي ترجيح ڏيندا هيا، ته جيئن اهو پٽر وري به گهر جي ڪنهن اڏاوتي ڪارج ۾ ڪتب اچي سگهي.

مطلب:

- چرين کي به پنهنجن پراون جي ۽ نفعي نقصان جي خبر پوندي آهي.
- هر ڪو ڪسر مڙيو ئي پاڻ کي ڏيڻ چاهيندو آهي.
- سيوهاڻي چريو، ته به پٽر پنهنجن ڏانهن اچلي. (ساهتي)
- چريو سيوهاڻي، پتر اُڇلي پنهنجي گهر. (لاڙ)
- پيٽيو: روهڙائي روهه تي، ننڊيا وڏا ڊوهه تي. (سرو)

---

[1] سنڌي، حافظ حبيب، ماجر ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻولي، سنڌيءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد

[2] سنڌي، حافظ حبيب، ماجر ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻولي، سنڌيءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد

٥٧.٢ سيوهاڻي: نه اَنُ، نه پاڻي. (لاڙ، چوڻي)
اڳئين دور ۾ حاڪمن جا فوجي/ ڪارندا، گهوڙن تي چڙهي ايندا هيا ۽ غريبَ-مار ڪندا هيا، تن کي گهل سڏيو ويندو هيو. اهي به سڪين ستابن کي تنگ ڪري مال ڦريندا هيا. سجن بڪين ماڻهن کي هوندو ئي ڪجهه نه هيو، تن کان ڪجهه نه ڦريندا هيا. سيوهڻ منجهان ڪين ڪجهه نه ملندو هيو ته سندس سجائيءَ کي، ائين لوئيندا هيا.

مطلب:

- سجي کي سرڪار چا ڪندي.
- چور به پريل پڪيل گهر ۾ ئي ڪاٺ هڻندو آهي.
- سجو ماڻهو سرڪار کان به ڏاڍو.

٥٧.٣ سيوهڻ: ڏي ته وڻ، نه ته ٽپڙ کڻ. (لاڙ، چوڻي)
قلندر لال شهبار جي مزار، ماڻهو زندگيءَ ۾ هڪ ڀيرو ڏسي ته به ڪافي آهي. هڪ ته اتي لُڙُ بغاغو ۽ هُڙُ چُڙُ يا گوڙُ گهمسان ايڏو هوندو آهي جو بس ئي پلي. ٻيو وري فقيرن جي پن ۽ پچر اهڙي چتي، جو جڻ آزار. هڪ دفعو وڃڻ وارو ته وري ڏسڻ کان توبه ڪري ڇڏي ٿو. سيوهڻ منجهه جيتري آدمشماري آهي، اوترا وري پينو فقير ۽ ڦرٽا ماڻهو به گهٽا آهن، جن کي ڪجهه ڏيڻ کان سواءِ اتي رهڻ اهنجو ٿيو پوي.[1]

مطلب:

- پيٽيو: سيوهاڻي: نه انُ، نه پاڻي.

٥٧.٤ سيوهڻ کي گهلِ چا ڪندي؟ (لاڙ، پهاڪو)
گهل: پوليس، گهوڙن تي چڙهي ايندڙ هٿياربند لٽيرا.

سيوهڻ: الله لوڪ فقير، دنيا کي تياڳيندڙ.

اڳي، لٽيرا گهوڙن تي چڙهي هلائون ڪندا هيا، جن کي گهل يا پوليس سڏيو ويندو هيو. اهي جڏهن آبادين منجهه گهڙندا هيا، ته انهن کي تهس نحس ڪري ڇڏيندا هيا. ماڻهو ماڻهن کي ڦريندا ۽ ڪهندا هيا، انهن جا وهٽ ٻنين ۽ آبادين جو ستياناس ڪندا هيا.

---

[1] سنڌوءَ جو سفر ١٨٣١ ص ٢٣٧

اهڙي قسم جا لٽيرا بہ انهن کي ڦريندا هيا، جن منجهان ڪجهہ ملڻ جو آسرو هجين. سيوهاڻي، جتي ان نہ پاڻي، تتان ڪين ملڻ جو ڪو آسرو نہ هيو، تنهن کي گهل ڇا ڪري؟

مطلب:

- مستانڙن کي، لٽيرا ڇا لٽيندا؟
- سڄي ماڻهوءَ کي: نہ هيٺين وات پوءِ، نہ مٿينءَ وات پوءِ.
- نہ ڏڳو، نہ ڏور: ڇا ڪاهيندو چور؟
- جنهن کي ڏڳو نہ ڏور، تنهن جو ڇا ڪاهيندو چور.

## ٥٨. شادي شهيد

٥٨.١ وڃي شادي شهيد تي، تورو ٽڪي لونگ فقير تي. (سرو، پهاڪو)

لونگ فقير ۽ شادي شهيد، پيرن جي نالن پويان، ضلع خيرپور جون بہ وسنديون آهن. خيرپور شهر کان لونگ فقير، هڪ ڪلوميٽر ۽ شادي شهيد ڏهہ ڪلوميٽر پري آهي. شادي شهيد تي وڃڻ واري کي لونگ فقير وٽان لنگهڻو پوندو آهي، ان ڪري اتي بہ زيارت ڪندو آهي. انهيءَ تان هيءَ چوڻي مشهور ٿي آهي.

ڪاڇي جي علائقي ۾ موجود شاهہ گودڙيي جي مزار تي وڃڻ وارا پهرين آلي شاهہ تي ويندا آهن. اتان تي پوءِ شاهہ گودڙيي تي ويندا آهن. يا پير پٺي تي وڃڻ وارا، پهرين جام ڏاتار تي حاضري ڏيندا آهن، پوءِ پٺي جي زيارت ڪندا آهن.

مطلب:

- مخاطب هڪڙي سان ٿيڻ، لاهڻي ٻئي تي لاهڻ.

## ٥٩. شڪارپور

٥٩.١ شرم ويو شڪارپور، لڄ وئي لاڙڪاڻي. (ساهتي، چوڻي)

جنهن ماڻهوءَ ۾ لڄ ۽ شرم نہ هجي يا لحاظ داري نہ هجيس، تنهن کي ٽوڪ طور ائين چيو ويندو آهي.[1]

مطلب:

- لڄ ۽ شرم، اڄڪلهہ لڌيندا تا وڃن.

---

[1] سومرو، ڊاڪٽر غلام قادر، ٻڻن لفظن جي لغت ثقافت سياحت کاتو، حڪومت سنڌ ڪراچي

## ماڳن مڪانن جي نالن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون

- لڄ وئي لال تي، شرم ويو شڪار تي.
- لڄون ويون لال تي، شرم ويو شڪارپور. (سرو)
- پيٽيو: شرم ويو شهداد پور، حياءُ ويو حڪيماڻين. (لاڙ)

۵۹.۲ شڪارپور شهزادي، ڏيهان ڏور مشهور. (سرو، چوڻي)

شڪارپور، سنڌو درياءَ جي ساڄي ڪپ تي موجود، شڪارگاهه واري هنڌ تي دائود پوٽن جو اڏايل شهر، سکر شهر جي مٿان بولان لڪ واري رستي تي واقع آهي. سڄي سنڌ هند توڙي ست سمنڊ پار، واپار جي لحاظ کان مشهور هئو. هتان جا واپاري سڪيا ستابا ۽ جڳ مشهور هئا. سندن ڪاروبار، ڏيهان ڏيهه ڦهليل هيو، جنهن سببان سندن، سڄي جڳ ۾ هُنڊيون هلنديون هيون. انهيءَ ڪري شڪارپور شهر کي گهڻي مقبوليت حاصل هئي.

مطلب:

- واپار ۽ پئسي جي ريل پيل سبب، شهرن جو ڏيهان ڏيهه ناموس ٿئي ٿو.

۵۹.۳ شڪارپور شهزادي، اچي نر، ٿئي مادي. (سرو، چوڻي)

شڪارپور شهر، واپار جي ڪري مشهور هيو، جنهنڪري جيڪو ٻه هتي، نر وانگر خالي پيٽ / ڪُڪِ سان آيو، ماديءَ وانگر ڀريل پيٽ / سائي ڪُڪِ سان موٽي ويو.

مطلب:

- شڪارپور شهزادي، وڃي نر ٿئي مادي.

۵۹.۴ شڪارپوري صلاح. (سرو، ورجيس)

شڪارپور اندر، واپار تمام گهڻو هلندو هيو. واپاري ماڻهو، سلام ڪلام ۾ پاڻ کي ڪلي ڳالهائڻ تائين محدود رکندو آهي. غرض، ڏنڌي سان رکندو آهي. وڏ ۾ وڏ جنهن خريداري ڪئي، تنهن کي آخر ۾ نلهي چانهه جي صلاح ڪندو آهي. شڪارپوري واپاري پڻ ائين هيا. سندن انهيءَ روش تان، هيءَ ورجيس مشهور ٿي.

مطلب:

- غرض خاطر، صلاحڻ.

۵۹.۵ شڪارپوري، نيت بري،
هٿ ۾ قرآن، ڪڇ ۾ ڇُري. (سنڌ، چوڻي)

شڪارپور، ڏيهان ڏيهه مشهور هئي ۽ ڏيهن سان واپار هلندڙ هيس. واپار وڙي جي حساب سان، هتان جا واپاري به پڪا هيا. گراهڪن سان ڪلي ڳالهائڻ، نرمائي ڪري پنهنجو وکر ڪٽائڻ ۽ ڪائڻن پئسا ڪڍڻ به هڪ فن آهي، جيڪو هيءُ ڄاڻندا هيا، جنهن تان اها چوڻي وجود ۾ آئي.

مطلب:

- شڪارپور جا واپاري، گهڻي ڪمائي ٿيڻ بعد، لالچي تي پيا هيا. قرض ۾ ڪنهن مان به ڪين مڙندا هيا.

۵۹.٦ شڪارپوري: نيت بري،
ٻولين ٻاجهر، ڏين ٻري. (چوڻي)

شڪارپور جو شهر، قديم زماني کان، سنڌونديءَ جي ساڄي هٽ تي آباد آهي. اڳاتي زماني ۾، وڻج واپار جي لحاظ کان جڳ مشهور هيو ۽ سموري دنيا سان وهنوار هلندڙ هيس. ان وقت سنڌ ۾، واپار جا فقط ٻه مرڪز هيا: هڪ ٺٽو يا ڪراچي، ٻيو شڪارپور.

واپاري ماڻهوءَ جي ڪوشش اها هوندي آهي ته گهٽ خرچ تي وڏا فائدا حاصل ڪيان. مهمان جي خدمت گهٽ ڪيان ۽ منجهانئس فائدو به چڱو حاصل ڪري وڃان. ظاهر ۾ دوستي رکي، اعتبار ڏياري، اندران اندران ڪل لاهيانس ۽ چڱو منافع ڪمائي وٺانس.

شڪارپوري واڻيا به، واپار جي لحاظ کان وڏا چالاڪ هيا. منڙو منڙو ڳالهائي، سادي شيءِ به اوچيءَ واري اگهه ۾ هٽي ويندا هئا. جنس اُچي مال جي ڏيکاري، سارو مال ڪٽائي ڇڏيندا هيا. آخر تائين ماني ته ڇا، چانهه به نه پياريندا هيا. اُٽڻ مهل فقط صلاحيندا هيا ته: ”چانهن پي وڃو ها! الا!“ جيڪڏهن ڪو ضد ڪري ويهي رهيو ته چوٿاڙ ڪوپ چانهه جو، گهُرائي ڪيس پياريندا هيا. چوٿي ۽ اڌڙ چانهه جي ڪوپ جو رواج، اڃا به شڪارپور شهر جي هوٽلن تي آهي.

سندن انهيءَ ورتاءَ سبب، ٻين واپارين ۾ ڏيتي ليتي رکندڙن، مٿن اها ڪهاوت مڙهي ڇڏي، جيڪا اڄ سوڏو مشهور آهي. جيئن ته ان وقت

شڪارپور شهر جي، دنيا ۾ نمائندگي، انهن واپارين پئي ڪئي، تنهنڪري انهن جي ورتاءَ کي شڪارپورين جو ورتاءُ ئي سمجهيو ويو.

تنهن هوندي به اڄ جا شڪارپور واسي، موٽ ۾ پنهنجي دلين کي تسلي ڏيڻ خاطر، انهيءَ ٽوڪ کي ٽورو تبديل ڪري جواب ڏيندا آهن.

”شڪارپوري: نيت بري، ڏيکارين گجر، وجهن موري.“

مطلب:

- ٻول ۾ چول نه ڪرڻ گهرجي.
- يار اچن: ته ڇيڇڙا به وڪامن.
- شڪارپوري، نيت ٻُري، ڏيکارين گجر، ڏين موري.
- شڪارپوري، نيت ٻُري، هٿ ۾ قرآن، بغل ۾ ڇُري.
- پيٽيو: خيرپوري، نيت بري، هٿ ۾ قرآن، ڪڇ ۾ ڇري.
- ٽورو احسان ڪري، گهڻو فائدو حاصل ڪرڻ واري ماڻهوءَ کي ٽوڪ طور ائين چيو ويندو آهي.

۵۹.۷ شڪارپوري، نيت بري،
ڏيکارين گجر، وجهن موري. (شڪارپور، چوڻي)

هيءَ چوڻيءَ، عام ماڻهن جي نه بلڪ شڪارپورين جي پنهنجي ٺهيل آهي، جيڪا هو، مٿن ٺهيل ڪهاوت: شڪارپوري، نيت بري، هٿ ۾ قرآن، بغل ۾ ڇري، جي اُگري مطلب کي پرڪيندي جواب ۾ چوندا آهن. ٻين لفظن ۾ اها ڪهاوت شڪارپورين، پنهنجي چيڙ جي جواب ۾ ناهي آهي.

مطلب:

- ٻول ۾ چول ڪرڻ وارا، اخلاقي حدون به اورانگهي ويندا آهن.

## ٦٠. شهدادپور

٦٠.١ شرم ويو شهداد پور، حياءُ ويو حڪيماڻين. (لاڙ، چوڻي)

جڏهن ڪو ماڻهو، حد ڪان وڌيڪ بي حياءُ تي پوي ۽ مٿئون ڏاڍ-مڙسي به ڏيکاري ته مٿس ڇڙ ضرور ايندي آهي. ساڻس پڇي به نه ڪائي سگهبو آهي ته پوءِ دل جي ڀڙاس ڪڍڻ لاءِ اهڙا لفظ چئبا آهن، جن جي ذريعي اهو اوبر نڪري ويندو آهي. هيءَ چوڻي به اهڙن موقعن تي استعمال ٿيندي

آهي. بي حياءَ ۽ ڏاڍي ماڻهوءَ آڏو، اهڙا ڪيئي الفاظ بي اختيار نڪري ويندا آهن.

مطلب:

- پيٽيو: شرم شڪارپور، لڄ وئي لاڙڪاڻي.

## .٦١ شهدادڪوٽ

٦١.١ شهدادڪوٽ: اصل نہ موٽ، موٽ تہ مري موٽ. (سرو، چوڻي)
ضلعي قمبر-شهدادڪوٽ جو مکيہ شهر، جيڪو لوڙ جي سٽن واري زمين تي آباد ٿي ويو آهي. منجهس منو پاڻي اٽلپ آهي. حياتي تڪليف سان گذري ٿي. اڳاٽي دور ۾، ڪو بہ ملازم ان شهر وڃڻ لاءِ ورلي تيار ٿيندو هيو. جيڪو اتي پهچندو هيو، تنهن جي بدلي ڏاڍي ڏکي ٿيندي هئي. يا مرڻ پڄاڻان جان ڇٽندي هيس يا رٽائر ٿيڻ سان. يا تہ نوڪريءَ مان خارج ٿيڻ ڏاران، جان آجي ٿيندي هيس.

مطلب:

- پيٽيو: ڪنڌڪوٽ، ول نہ موٽ.

## .٦٢ عراق

٦٢.١ جيسين عراق مان ترياق اچي، تيسين نانگ ڏنگيل مريو وڃي. (پارسي، پهاڪو)
عراق جو ملڪ، سنڌ ملڪ کان تمام گهڻو ڏورانهون آهي. ترياق: نانگ جي زهر کي ختم ڪندڙ دوا، اگر اتان ايندي تہ سنڌ اندر پهچندي پهچندي، تمام گهڻي دير ٿي ويندس. جڏهن تہ نانگ-ڏنگيل کي دوا ترت کپي. دير سان پهتل شيءِ، ڪنهن فائدي جي ناهي.

اگر ٽاڻو ٽري وڃڻ بعد، فائدي ڏيڻ واري شيءِ ملي تہ ڪم جي نہ ليکبي. بلڪ کيس حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيل خرچ ۽ تڪليف پڻ بيجا ۽ فضول سمجهبا.

مطلب:

- شيءِ اها فائدي واري آهي، جيڪا وقت تي ميسر هجي.
- نہ نوَ مڻ تيل اچي، نہ ئي رادا نچي.
- اهڙو شرط، جيڪو وقت تي پورو نہ ڪري سگهجي، تنهن لاءِ ائين

مثال ڏبو آهي.

## ٦٣. قندار

٦٣.١ جڏهن تڏهن سنڌ ڪي، قندارئون جوڪو. (سنڌ، چوڻي)
تشريح لاءِ ڏسو: ”سنڌ.“

٦٣.٢ ڪنڌيئون پار، قندارئون پار. (سنڌ، پهاڪو)
گهر جي عالم پناهه/ چوديواريءَ مٿان ناهيل ڪانن جي اولي کي ڪنڌي ڪونبو آهي، جيڪا پردي يا پناهه خاطر ڏبي آهي. گهر ياتي، ڪنڌيءَ کان نڪتو ته ڄڻ پري ٿيو. ايترو پري، جيترو قندار پري آهي.

جڏهن درياهه تي نه پل هجي ۽ نه ٻيڙيءَ جي سهوليت هجي، اهڙيءَ حالت ۾ درياهه پار جو يا پاريچو عزيز ائين آهي، ڄڻ قندار ۾ ٿو رهي.

مطلب:

- گهران نڪري ويل عزيز کي پهرين دل ۾ ساربو آهي. نيٺ دل تان به لهي ويندو آ.
- قندارئون پار، ڏر قندار.
- ڪنڌي ڪون پار، ڏر قندار.
- ڪنڌي ڪون پار، قندارئون پار.

٦٣.٣ گهر جي نِيت، قندار جي ڪُتي. (سنڌ، پهاڪو)
پنهنجي گهر جي پِڃ پاٽي يا دال ماني به قندار جي مالِ غنيمت کان ڀلي آهي.[1]

مطلب:

- گهر جو ٽڪر به ٻاهر جي سڄي مانيءَ کان بهتر آهي.
- چڱو آهي گهر جو ڳنُ، ٻاهر جو سڄو پيو ٻَنِ.

## ٦٤. ڪابل

٦٤.١ ڇا ڪابل ۾ گڏهه نه هوندا آهن؟ (سنڌ، چوڻي)

[1] سائل، سترامداس جڙيا سنگهاڻي، دردن جي دبلي عرف سنڌي پهاڪا ۽ چوڻيون، سائل پون، جهونا واڙيچ احمد آباد

ڪابل ۽ قابل لفظ، چوڻ ۾ تہ هڪجهڙا آهن پر معنيٰ ۾ هڪجهڙا نہ آهن. ضروري ناهي تہ ڪابل ۾ سمورا قابل ئي رهندا هجن، جنهن تان متس اهو نالو پيو آهي. اتي گڏهہ بہ رهندا هوندا. ڇو جو ڪڏهن ڪڏهن نالي جي ابتڙ بہ ماڻهن منجھہ تاثير پيدا ٿي پوندا آهن.

مطلب:

- ڇا هتڙ ئي محمد قابل، قابل هوندا آهن؟

٦٤.٢ ڪابل ڪنو چڙهيو، باهہ لڳي ملتان،
دهليءَ ڦوڪون ڏنيون، سڙي ويو هندستان. (سرائيڪي، چوڻي)
تشريح لاءِ ڏسو: ”دهلي“

## .٦٥ ڪاشي

٦٥.١ راند، ساند، سيڙهي، سنياسي،
ان سي بچي تو سيوي ڪاشي. (هندي، چوڻي)
راند: رنڊي وئيشا. ساند: سانُ، ڍڳو. سيڙهي: ڏاڪڻ، چاڙهي. سيناسي: ساڌو، حڪيم. ڪاشي: شهر جو نالو.

ڪاشي شهر جي اندر، هيٺ ٻڌايل شين جي گهڻائي آهي.

١. وئيشائون تمام گهڻيون آهن، جيڪي رڳو گراهڪن ڦاسائڻ ۾ رڌل هونديون آهن.

٢. سانَ يا ڍڳا جام آهن، جيڪي سوڙهين ۽ تنگ گهٽين ۾ پيا ڦرندا آهن.

٣. گنگا جي گهاٽن وانگر، هتي بہ ڏاڪڻيون يا سيڙهيون جام نهيل آهن. مٿن هر وقت پاڻيءَ جي هارويڙ ۽ اچل اچلان هوندي آهي. بيخياليءَ سان هلڻ واري جو اوچتو پير ترڪڻ جو امڪان تمام گهڻو هوندو آهي. نئون آيل زيارتي، جيئن بي خيالو ٿيو، تيئن ئي پير نڪري ويندس ۽ وڃي مٿڪي پر ڏاڪي ۾ لڳندو.

٤. پوڄا پاٺ جي گهاٽن تي ساڌو ۽ سنياسي جام هوندا آهن. ڪي نڱ انهن جو روپ ڌرن ڪري اچي ابوجهہ خلق جي ڪل لاهيندا آهن. ڪين ڦري فقير ڪري ڇڏيندا آهن. آئي وئي ڪان خيرات ۽ دان گهري، پيا ڪيس پريشان ڪندا آهن.

انهن چئني ڪان جيڪو پاڻ بچائي هلي، سو ئي ڪاشيءَ ۾ رهڻ جو مزو ماڻيندو.[1]

مطلب:

- پاڻ بچائڻ لاءِ هر جاءِ تي جتن ڪرڻ گهرجن.

## ٦٦. ڪاڇو

٦٦.١ ڪاڇي پيئي ڪوڪ، سچ ڪ سنگهارن لڏئو،
من تن مارياڻون، پاڻان وجهي گوندرين. (شاهه، ڏهر، چوڻي)

ڪاڇي جي علائقي ۾ برسات پوي ته آبادي ٿئي. حياتيءَ جو دارومدار پاڻيءَ تي آهي. هر ساهوارو پاڻيءَ طرف لڏ پلاڻ ڪري ٿو.[2]

مطلب:

- جتي پاڻي، تتي پاڻ.

٦٦.٢ ڪاڇي واءُ: ٻوڙي. (ٿر، چوڻي)

ٿر علائقي ڪي، ڪاڇو ڏکڻ ۾ پوندو آهي. ان طرف ڪان آيل مينهن گهٽي ٻوڙان ٻوڙ ڪندو آهي.

مطلب:

- ڏاڪڻا نه وسڻا، وَسي ته ٻوڙي، ڪانئر ڏک نه هٽڻا، هٽي ته جهوري.

## ٦٧. ڪاڪ

٦٧.١ ڪاڪ نه جهليا ڪاپڙي، موهيا ڪنهن نه مال. (شاهه، مومل راڻو، چوڻي)

ڪاڪ: نديءَ جو نالو.

روايت آهي ته مومل پنهنجي ماڙي، ڪاڪ نديءَ جي ڪنڌيءَ تي اڏرائي هئي. هتي ڪاڪ منجهان مراد، مومل جو طلسماتي محل آهي، جيڪو هن ڪاڪ نديءَ جي ڪنڌيءَ تي اڏايو هيو. اهو محل پرڪشش هئڻ جي باوجود به ڪاپڙي فقيرن کي موهي يا لالچائي نه سگهيو.

---

[1] ٽيڪچنداڻي، روي پرڪاش، ڊاڪٽر: سنڌي پهاڪا: لسانياتي ۽ سماجي- ثقافتي اڀياس، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، ڇاپو پهريون (عربي لپي) سال ٢٠١٠ع ص ٩٦

[1] سومرو، ڊاڪٽر غلام قادر، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي بيتن ۾ چوڻيون، نئين زندگي، سيپٽمبر ١٩٩٣ع

سچي عاشق يا ڪاپڙيءَ ڪي راهه ۾ موجود رڪاوٽون ۽ مال جو موهه عشق جي واٽ تي هلڻ کان روڪي ڪين سگهنديون. اهو مڙني حالتن مان وجي پار پوندو.[1]

مطلب:

- الله وارن کي دنيا، الله جي راهه کان روڪي نه سگهي آهي.

## ٦٨. ڪپور/ متور

٦٨.١ منهن متور ۾، ڪنڌ ڪپور ۾. (لاڙ، چوڻي)

متور يا محمد طور، قديم تاريخي شهر آهي، جيڪو سومرن جو تختگاهه پڻ رهيو آهي، بعد ۾ ڦٽي ويو ۽ ان جا ڪنڊرات، شاهه ڪپور يا شاهڪ-پور جي لڳ موجود آهن.

نظر هڪ شيءِ ۾ هجي ۽ جواب ٻيءَ لاءِ پيو ڏجي ته ائين چيو ويندو آهي.[2]

مطلب:

- منهن مڪڻ جو، جهوري جهڻ جي.

## ٦٩. ڪڇ

٦٩.١ سنڌ سمون، ڪڇ چنون، ڀاٽي جيسلمير
چوڻون چغدو، جنهن جي پيڙهيءَ مٿي پير. (لاڙ، چوڻي)

سنڌ تي سما خاندان، ڪڇ تي چنا ۽ جيسلمير تي ڀاٽين حڪومت ڪئي آهي. اهي علائقا انهن جي نالن پويان ڄاتا سڃاتا وڃن ٿا.

واڌو تشريح لاءِ ڏسو: ”جيسلمير“.

٦٩.٢ سنڌ ۾ پڇي ٻه ڪو ڪو نه، ڪڇ ۾ ڪنور ٻائي. (لاڙ، پهاڪو)

جنهن ڳائٽي کي سنڌ ۾ ڪير ٻه نه سڃاڻي، اهو ڪڇ منجهه وڏو ڳائٽو ليکيو وڃي ٿو، جو اتي يا ڳائٽن جي ڪوٽ آهي يا وڏو قدر آهي.

مطلب:

---

[1] سومرو، ڊاڪٽر غلام قادر، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي بيتن ۾ چوڻيون، نئين زندگي، سيپٽمبر ١٩٩٣ع

[2] سنڌي، ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ، سنڌ جي ادبي تاريخ

- واڌو تشريح لاءِ ڏسو ”سنڌ“.

٦٩.٣ ڪان تان ڏنگ ڏڙو، ڪان تان ڪپو ڪڇ ۾. (لاڙ، پهاڪو)

ڏنگ ڏڙو، رڻ ڪڇ جي پهرين وسندي آهي، جيڪا سنڌ ڪان ويندڙن کي آدر ڀاءُ ڪندي آهي.

جيڪڏهن ڪوشش ڪري پنڌ ڪبو ۽ ڳولا ۾ نڪري پئبو ته پوءِ منزل تي ضرور رسبو يا واٽ تي رلي وڃبو. اهڙيءَ طرح ڪڇ ۾ موجود شهر ڏنگ-ڏڙي لاءِ نڪربو ته پوءِ يا ته ڏنگ ڏڙي شهر ۾ وڃي پهچبو يا ته رڻ جهاڳڻ ڪان پوءِ، پنڌ وارو ڪپو ڪٽي، ڪڇ (ملڪ) ۾ ئي پيو پِنبو.[1]

مطلب:

- يا ڪپو ڪڇ ۾، يا ڏونگهو ڏر ۾. (لاڙ)
- يا ڪپو ڪڇ تي، يا ڍينگو ئي ڍيري. (ساهتي)
- توڪل ڪري ڪيل ڪم مان يا ته وڏو فائدو پوندو يا وڏي ٽوٽ پوندي.

٦٩.٤ ڪڇ ڦريو جوڳين، سنڌ ڦري نوڳين. (لاڙ، چوڻي)

رڻ ڪڇ منجهه، سنياسي جوڳي گهڻا آهن، جيڪي ماندا وغيره جاٽي ماڻهن کي پيا ڦريندا ڦٽيندا آهن. ان جي بر عڪس سنڌ اندر تعليم ته آهي پر ماڻهو ايترا سادا آهن جو ڪين ٺڳ به ڦريو وڃن.[2]

مطلب:

- واڌو تشريح لاءِ ڏسو: ”سنڌ“.

## ٧٠. ڪراچي

٧٠.١ ڪراچي آهي چورن جو نيپاج (سنڌ، چوڻي)

ڪراچيءَ ۾ چورا چنن کي به سنهو تلهو روزگار ۽ پيٽ قوت ميلو وڃي. اهي به اتي پيا پيٽ پالين.

مطلب:

- پيٽيو: سنڌ: چورا پال آهي.

---

[1] بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش، ڪڇهري بدين، ٽه ماهي مهراڻ ٢/١٩٩٥ع ص:٤٥، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ

[2] هريجن، رائچند، تاريخ ريگستان (ٻه ڀاڱا)، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ.

٧٠.٢ ڪراچي شهر مثل هڪ وڏي قبر،
جيڪو آيو اندر، نہ نڪتو سو ٻاهر.

ڪراچي تمام گوناگون شهر آهي، جيڪو بہ منجهس هڪ دفعو آيو آهي، سو وري منجهانئس لڏي ڪو نہ ويو آهي. اتي هر ماڻهوءَ جو گذارو ٿيو وڃي.

مطلب:

- ڪراچيءَ ۾، ڏوهي/ سجو/ عيبدار لڪيو وڃي.

## ٧١. ڪرهيو

٧١.١ ڪرهيي جي ميلي ڪان پوءِ، ڪپڙن ڪي ٻاهہ ڏبي؟! (لاڙ، چوڻي)
بدين طرف بزرگ ڪرهيي پانداريءَ جي درگاهہ آهي. ان اولياءَ جي ميلي تي سنا ڪپڙا پائڻ لاءِ نہ مليا تہ پوءِ ڪهڙي ڪم جا. جيئن چيو ويندو آهي: عيد ڪان پوءِ، ڪپڙا ساڙبا؟[1]

مطلب:

- ڪپڙا لٽا بہ وقت تي وڻن ٿا.

## ٧٢. ڪمال ديرو

٧٢.١ ڪمال ديرو، جتي بک مري ٿو ڳيرو. (ساهتي، چوڻي)
ڪمال ديري جا ماڻهو، ڪمائي ڪرتي، سڄي ڪمائي اچي هوٽلن تي کپائن. ان سبب ڪري، پاڻ وٽ اڙيءَ اڏيءَ لاءِ ڪجهہ بہ نہ بچين، جنهنڪري ائين مشهور ٿيو آهي.[2]

اهڙي تڪ بند چوڻي جيڪب آباد ضلعي جي شهر ڳڙهي خيرو لاءِ بہ چئي ويندي آهي. ڳڙهي خيرو: جت بک مري ٿو ڳيرو.

مطلب:

- جتي جا ماڻهو نڪما هوندا آهن، اتان جا پکي بہ بک مرندا آهن.

[1] سنڌي، حافظ حبيب، ماجر ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻولي، سنڌيءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد
[2] سومرو، سنڌي محمد ادريس، ڊاڪٽر، ڪنڌيارو: ڪانئس واتين وڻي ٻڌل.

## ٧٣. ڪنڌڪوٽ

٧٣.١ ڪنڌڪوٽ: ول نہ موٽ. (چوڻي)

ڪنڌ ڪوٽ شهر ڪي، وڏي ٻهراڙي آهي، جنهن سببان واپار وڙي جي لحاظ کان وڏي چلتي وارو شهر آهي. جيڪو بہ واپار يا روزگار سانگي اتي آيو، اڏجي ويو. شهر ۾ اڪثر آبادي ٻاهران لڏي آيلن جي آهي. منجهانئن ڪيئي نوڪريءَ سانگي آيا، اتي رهي پيا. ڪن تہ اتان شاديون ڪيون ۽ اتان جا ٿي ويا. ڪي محنت مزدوريءَ سانگي آيا، تن سان بہ ساڳي ويڌن ٿي ۽ رهجي پيا.

مطلب:

- وڃين ڪنڌڪوٽ، تہ ٿين گهوٽ.
- شهداد ڪوٽ: وري نہ موٽ، موٽ تہ مري موٽ.
- شڪارپور شهزادي، ڏيهان ڏيهہ مشهور.
- شهر ڪراچي، چورن جو نيپاچ.

## ٧٤. ڪنڊيارو

٧٤.١ ڪوٽ ڪنڊيارو ڪوٽڙي، دالي دغل باز. (ساهتي، چوڻي)

ڪنڊيارو، ڪوٽڙي ۽ دالي، ساهتي پرڳڻي منجهہ شهرن جا نالا آهن.

واڌو تشريح لاءِ ڏسو: ”دالي.“

٧٤.٢ ڪنڊيارو، وينو رو. (ساهتي، چوڻي)

ڪنڊين واري علائقي ۾، ساهتيءَ جو شهر، جيڪو هڪ دڙي تي ٻڌو ويو هو، تنهن ۾ رهڻ وارا، پنهنجن ڏکن سورن جو اظهار ائين ڪي ڪن. سور تہ هر انسان سان ساڻ آهن. هر ڪو پنهنجي سورن جو داستان پنهنجي پنهنجي نموني سان ڪري ٿو. جڏهن تہ ڪنڊياروي، پنهنجو ڏک سور، شهر جي نالي منجهہ لڪائي ڪن ٿا.

مطلب:

- پيٽيو: ٻنورو، بينو رو.

٧٤.٣ ڪنڊياري ۾ ڪنڊ گهٽي،
ننڍي وڏي ڪي ٽِنڊِ گهٽي. (ساهتي، چوڻي)

ڪنديارو جي علائقي ۾ زمينن اندر ڪنڊيون جام ٿينديون آهن. ان سببان ماڻهن جو مزاج پڻ ڪنڊن وارو آهي. هر هڪ ڪي من ۾ مستي، ٽيڳر ۽ وڙهسان وڙهسان هوندي آهي.[1]

مطلب:

- طبعي حالات جو، ماڻهوءَ جي طبيعت تي پڻ اثر پوندو آهي.
- ڪنڊياري ۾ ڪنڊ گهٽي، نندي وڏي کي جنگ گهٽي.

## ٨٥. ڪوهه

٨٥.١ وسي ته ڪوهه، نه ته روهه. (ٿر، چوڻي)

مينهن وسي ته ڪوهستان جو علائقو سرسبز ۽ آباد ٿي پوي. نه وسي ته جبل ۽ پٿر وانگر نوٽ، ڪا به آبادي نه ٿئي. هونئن به حياتيءَ جو سڌو سنئون تعلق، پاڻيءَ سان آهي. جتي پاڻي ناهي، اتي ڪا به پهر ناهي. نه وڻ نه ٽڻ، نه ماڻهو نه چيڙو، نه پکي نه پکڻ. رڳو سڄ ئي سڄ پئي واڪا ڪندي آهي.

مطلب:

- وسي ته ٿر، نه ته بر.
- پيٽيو: وُٺو ته ٿر، نه ته بر.

## ٨٦. ڪارو

٨٦.١ ڪارو قِٽو، ڳاڙهو وُٺو. (لاڙ، چوڻي)

ڪاري چاڻ جو شهر قٽي وڃڻ ڪان پوءِ، ان جي ويجهي ڇڪ وارو شهر ڳاڙهو وسي ويو. اڄ، ڳاڙهو ئي ڪيٽي بندر ۽ ڪاري چاڻ جو مرڪزي شهر آهي.[2]

مطلب:

- هڪ جي مرڻ پڇاڻان ٻين کي وارو ملي ٿو.

٨٦.٢ ڪاري جي ڏوري، ماجر جي چوري،
ٻاهر سوڙهي، هيٺ اوڙهي. (لاڙ، چوڻي)

---

1 لڇمڻ ڪومل: وهي ڪاتي جا پنا، آپ بيتي.

2 سنڌي، حافظ حبيب، ماجر ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻولي، سنڌيءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد

ڪاري جي ڊوري، ڏسڻ ۾ سوڙهي ۽ اونهائيءَ ۾ گهري هوندي آهي، منجهس پاڻي تمام گهڻو هوندو آهي. اهڙيءَ طرح، ماجر جي هڪ ننڍڙي ڇوڪري به پنهنجي دَمَ ۽ خَمَ جي لحاظ کان، ايتري قدر گهري هوندي آهي جو پنهنجو راز وس ويندي ٻئي سان نہ سليندي آهي.[1]

مطلب:

- جاگرافيائي حالتن جو، ماڻهوءَ جي طبيعت تي سڌو اثر پوندو آهي.

## ٧٧. ڪاهہ

٧٧.١ جيڪو وڃي ڪاهہ، تنهن جو نالو ئي ڪٽي لاهہ. (لاڙ، چوڻي)

ڪاهہ: ڳوٺ جو نالو.

مطلب:

- ٻٽ علائقن منجهہ، روزگار ۽ گذر سفر ڏکيو ٿيو وڃي.

٧٧.٢ ڪاهہ، لڳنئي باهہ. (لاڙ، چوڻي)

(ڪاهہ: ڳوٺ جو نالو)

مطلب:

- ٻٽ علائقن منجهہ، روزگار ۽ گذر سفر ڏکيو ٿيو وڃي.

## ٧٨. ڪاهي.

٧٨.١ جنهن ڪاهيءَ ڪان پيچ، اها ئي ڪاهي. (لاڙ، پهاڪو)

ساهتيءَ اندرڪاهي نالي پويان چڱا ڳوٺ يا شهر موجود آهن. جهڙوڪ: ڪاهي راهو، ڪاهي ڪُنڊيا، ڪاهي قاسم، ڪاهي هاشم ۽ ڪاهي مَمَنُ. ڪپري، لکي غلام شاهہ ۽ ڪشمور تعلقن ۾ پڻ ”ڪاهي“ جي نالي سان شهر آهن. ان کان علاوهہ قمبر تعلقي اندر پڻ ڪاهي مينهون نالي سان هڪ ڳوٺ آهي. جڏهن تہ هيءَ چوڻي، ڪپري تعلقي جي ڪاهيءَ بابت آهي.

مطلب:

- لنگهو پيچي ڪاهيءَ ڪان، اڳيان ڪاهي.
- لنگهو پيچي مڳن ڪان، اڳيان لنگهن مڱ.
- جيڪا لڳي لٺ، سا ڪاٺي اک ۾.

---

[1] سنڌي، حافظ حبيب، ماجر ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻولي، سنڌيءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد

٨.٢> ڪاهي، عشق جي ڦاهي. (لاڙ، چوڻي)
ڪاهي، تعلقي ڪپري ضلعي سانگهڙ جو هڪ قديم ۽ تاريخي شهر آهي. ١٩٩٨ع جي آدمشماريءَ موجب ڪاهي شهر جي آبادي ٤٠ هزار هئي. چوڏهن ديهون رڪندڙ ۽ ١٢٠ چورس ڪلوميٽرن تي پکيڙيل ڪاهي، تعلقي ڪپري کان ٢٥ ڪلو ميٽرن جي مفاصلي تي آباد آهي. هي شهر ١٩٥٣ع کان يونين ڪائونسل آهي.[1]

اتي جا ماڻهو، پنهنجي شهر جي ساراهه يا گلا، ائين ڪن. عشق جي ڦاهيءَ جي ڦندو يا ڳٽ ڳچيءَ ۾ وجهڻ سولو ڪم ناهي. جنهن وڌو آهي، تنهن جي سر ڪي خبر.

مطلب:

- عشق بہ بمثل ڦاهيءَ جي ڦندي جي آهي. جيترو ڇڏائڻ لاءِ وس ڪر، اوترو ويندو گهِرڪندو. تان جو وجي ساهه جي رڳ کي سوڙهو ڪندو.

## ٧٩. ڪائڙ

٧٩.١> ڪائڙ ڪاٽي، جڪي ۾: نڪو ڏان، نڪو پاٽي. (چوڻي)
عمر ڪوٽ جي اوپر ۽ ڇاڇري تعلقي جي اتر وارو حصو، ڪائڙ ۾ اچي وڃن ٿا. ٿر جي هن حصي ۾ اهڙو بہ پٽ آهي، جنهن کي روهي/ رهي سڏيو ويندو آهي، جيڪو اٽڪل ٥٠٠ چورس ميلن جي ايراضيءَ ۾ آهي. ان پٽ ۾ پاڻي آهي ۽ نہ ئي ڪو گاهه اپري ٿو.

ان کان علاوه، ڪائڙ جو ٻيو حصو بہ سموري ٿر کان پوئتي پيل آهي، جتي اَن تہ نهيو پر پاڻيءَ جي بہ ڪوٽ آهي. پاڻي ڪارو آهي، جنهنڪري اتان جي رهاڪن جا اڳيان ٻئي ڏند ڳاڙها هوندا آهن.[2]

مطلب:

- جنهن علائقي جو پاڻي خراب آهي. اتي جي رهندڙن جي زندگي

---

[1] خالد ڪنيار: سنڌ جا مداري قبيلا (مضمون)، پندرهه روزهه افيئر، ڪراچي
[2] آنچلاننڊ، جان ڪي ديوي: سپروائيزر پرائمري ايجوڪيشن، بيٽ عمرڪوٽ، ٿري بوليءَ جي پهاڪن ۽ چوڻين جي روشنيءَ ۾ ٿر جو سماجي، سياسي ۽ ادبي جائزو. (ايم فل لاءِ لکيل مقالو) ص ٦٦

ڏاڍي ڏکي گذري ٿي. گاهه پنو گهٽ ٿئي، جنهن سان مال کي تڪليف ٿئي ٿي. اناج ۽ ميوا گهٽ ٿين، جنهنڪري ماڻهو مڙئي تڪليف ۾ رهن. نه مال سکيو، نه ماڻهو.

## ٨٠. ڪورواهه

٨٠.١ ڪور واهه جي لاري، گڏهه جي سواري؛ سدائين خواري. (چوڻي)

ڪور واهه، بدين ضلعي جو پراهون شهر يا وستي آهي، جتي ويندڙ لاري، گڏهه جي سواريءَ وانگر خوار ڪندڙ آهي.

مطلب:

- سواري توڙي سڙڪ؛ سهنجي.
- سڙڪ به سڌي ۽ سنئين ته چڱي.
- ڪوهه ولو، ته به ڏڳ پلو.

٨٠.٢ ڪوورواهه ڪاٽي، جنهن ۾: نه ان، نه پاٽي. (لاڙ، چوڻي)

ڪوورواهه، بدين ضلعي جو شهر آهي، جتي ڪنهن زماني ۾، پاٽي نه هئڻ سبب فصل وغيره نه ٿيندا هئا. پاٽي ۽ اَن نه هئڻ واري صورتحال سبب، ماڻهن ۽ حلال ڍورن جو جياپو ڏکيو ٿيندو هيو، جنهن سببان اتي رهڻ اهنجو هيو.[1]

مطلب:

- پيٽيو؛ ڪائڙ ڪاٽي، جڪي ۾: نڪو ڏان، نڪو پاٽي. (ٿر)

## ٨١. گاجي مهيسر / ميهڙ

٨١.١ گڏيو پيو آهي ميهڙ سان، گاجي خان مهيسر. (سرو، چوڻي)

ميهڙ شهر ۽ ڳوٺ گاجي خان مهيسر، دادو ضلعي جون به وسنديون آهن. ميهڙ اندس هاءِ وي تي آهي ۽ گاجي خان مهيسر پاسي ۾ هڪڙو ڳوٺ اٿس. هڪ ٻئي سان گڏوگڏ آهن.

موڪلائڻ وقت، هڪٻئي کي ايئن چيو ويندو آهي: ”گڏيو پيو آهي ميهڙ سان، گاجي خان مهيسر.“

---

[1] ميمڻ، عبدالحفيظ: ايڊيٽر، به ماهي ڪوڪ، شاهه ڪريم بلڙي.

اهو گفتو ائين آهي، جيئن چئبو آهي؟ ”موڪلاڻي ناهي.“ ته اڳلو موٽ ۾ چوندو آهي: ”سدائين گڏ!“

مطلب:

- گڏيا پيا آهيون، موڪلاڻي ناهي.

## ٨٢. گمبٽ/گنبٽ

٨٢.١ جنهن جون ڄنگهان يارن وٽ، سا ڪيئن ويندي گمبٽ. (سرو، پهاڪو)

پنڌ، پيرن ۽ ڄنگهن سان ٿيندو آهي. هڪڙي جون ڄنگهون جيڪڏهن ڪٽي ڦاٿل يا سُڪ هجن، ته پوءِ اهو پنڌ ڪين ڪري سگهندو. اگر ڪير ڪيس ڪنهن سواريءَ تي به ڪٽي ۽ پهچائڻ به چاهي ته ائين نه ڪري سگهندو، ڇو جو جسم جا عضوا، ڪجهه هڪ هنڌ ۽ ڪجهه ٻئي هنڌ نه ٿا ٿي سگهن. ماڻهو يا پوري جو پورو، ڄنگهن واري هنڌ هوندو يا پوري جو پورو سِسَ واري هنڌ هوندو. اهو ڪنهن لاءِ به ممڪن ناهي ته ڄنگهون هڪ هنڌ هجنس ۽ پاڻ ٻئي هنڌ هجي.

مطلب:

- جيڪو ماڻهو، هڪڙي معاملي ۾ ڦاٿو پيو آهي، سو ٻيو ڪم ڪيئن ڪري سگهندو.
- خيال هڪ هنڌ اٽڪيل هوندا ته ٻئي هنڌ جو ڪم نه ٿي سگهندو.
- ڄنگهان يارن وٽ، هلي آ گمبٽ. (سرو، پهاڪو)

٨٢.٢ ويجر جن جي وچ تي، سي گمبٽ ڪيئن گهارين؟ (لاڙ، چوڻي)

ويجر، هڪ ذات جو نالو آهي. ڏاڍا قربائتا آهن. وس ويندي مهمان کي ٽڪائڻ کان نه مڙندا آهن، جنهنڪري گمبٽ ويندڙ مهمان، رات تائين گمبٽ نه پهچي سگهندو آهي.

مطلب:

- منزل تي سو پهچندو، جنهن کي رستي-روڪ نه ٿيندي.

## ٨٣. ڳاڙهو

٨٣.١ ڪارو ڦتو، ڳاڙهو ونو. (لاڙ، چوڻي)

ڪارو ۽ ٻاڙهو، لاڙ اندر بندرن جا نالا. ڪارو ڦٽي چڪو آهي، جڏهن ته ٻاڙهو اجا آباد آهي. هڪ جي ڦٽي وڃڻ ڪان اڳ ٻيو ورسجي ويو آهي.[1]

واڌو تشريح لاءِ ڏسو: ”ڪارو“.

## ۸۴. ڳِنو

۸۴.۱ پرمانُ پلي پرڻي، جڏهن ڳِني جا وڻ اڪري. (لاڙ، چوڻي)

ڳِنو ڊورو: بدين ضلعي ۾ تاجهيري ڪان الهندي طرف آهي.

ڳِني جا وڻ: ڳِني ڊوري جا وڻ.

پِرمان جو پيءُ غريب هو، پر پنهنجي ڳالهه ڳت وارو هو، سو جڏهن تاجن ٻاهر ويل هو تڏهن هن پرمان پرڻائي ڇڏي. چاڪاڻ ته تاجن جي هوندي، تاجن جي اجازت ڪان سواءِ ڪنهن جي به شادي تي نه سگهندي هئي.

چوڌاري ڳالهه هُلي وئي ته پرمان پرڻجي وئي! چيائون ته، ”نيڪتي ڪيئن ٿيندي!؟ پرمان کي ڳوٺ مان وني ڪيئن ويندا، جو تاجن جي موڪل ڪان سواءِ پرمان جي شادي تي آهي!“

تاجن جو ڌهڪاءُ وينل هيو. هر ڪنهن کي دٻ هيو ته تاجن جي اچڻ ڪان پوءِ، پرمان نيڪتيءَ لاءِ به نڪري نه سگهندي. هر ڪنهن ائين پئي چيو ته: ”پِرمان جو اصل پرڻو تڏهن ٿيندو، جڏهن ڳِونان نڪري.[2]

مطلب:

- ٻاهر ڏنل چوڪريءَ جو پرڻو، تڏهن مجبو جڏهن اها پالڪيءَ چڙهي ساهرين پهچندي.

۸۴.۲ پِرمان تڏهن پسندين، جڏهن ڳِني جا وڻ ڏسندين. (لاڙ، چوڻي)

تاجن، تاجهيري جو چڱو مڙس ۽ جاننو جوان هيو. سندس منشا ڪان سواءِ ڪنهن جي به شادي نه ٿيندي هئي. ڳِني جي ڳوٺ جي حسين چوڪري پرمان، وهيءَ چڙهي ته ملڪان ملڪ سندس حسن جي هاڪَ هُلي هئي.

[1] سنڌي، حافظ حبيب، ماجر ڪڪرالي ۽ ڪاري جي بولي، سنڌيءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد

[2] بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر: ڪڇهري بدين، تماهي مهراڻ ۲/ ۱۹۹۵ع ص ۵۴

تڏهن اهو مشهور ٿيو ته: ”پِرمان ان کي ملندي، جيڪو تاجن سان مقابلو ڪري، ڳَني جي ڳوٺ ۾ اچي.“

ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي چڙهاين دوران، منڊرن جي قبيلي مان ٻه جوڌا جوان سندس مقابلي لاءِ سينو سپر ڪري بيٺا. هڪ هئو راڌڻ، ٻيو هئو تاجن منڊرو. راڌڻ جو مرڪزي ماڳ، مالهين جو دڙو هئو، جيڪو سيراڻي کان ڇهه ميل کن اتر اوپر طرف آهي. تاجن جو مرڪز ڳَنو هو، جيڪو تاجهيري واري علائقي ۾ هو- اتي سندس تاجن ڪوٽ هو، جيڪو سيراڻي کان پنج ميل کن اولهه طرف آهي. تاجن منڊرو، اهڙو ته ارڏو ۽ اڙٻنگ ساماڻو جو چڙهي چوڌاري هلائون پيو ڪري! رڳو پاڻ تي نظر هئس، باقي ٻئي تي مڃ ئي نه پيو چندي.

تاجن جي طاقت جڏهن اوج تي هئي تڏهن سندس ڳوٺ ڳَني ۾ توڙي چوڌاري ڪڪ پن به سندس رضا کان سواءِ چري نٿي سگهيا. مجال آهي جو سندس موڪل کان سواءِ ڪو پرڻجي ۽ ڪنهن جي شادي ٿئي!

ڳَني جي ڳوٺ اندر، هڪ غريب گهر ۾، پرمان نالي ڇوڪري سامائي، جيڪا جيئن پئي وڏي ٿي، تيئن پئي سونهن ۾ سرس ٿي. سندس حسن جي هاڪ هُلي وئي ۽ سيڪو پيو پرمان پرمان ڪري![1]

تڏهن پهاڪو هليو ته:

”پرمان تڏهن پسندين، جڏهن ڳَني جا وڻ ڏسندين.“

مطلب:

- تمام ڏکئي ڪم لاءِ ائين چيو ويندو آهي.
- پِرمان سو پسي، جو ڳَني جا وڻ ڏسي. (پهاڪو)

## ٨٥. گهتاڻ

٨٥.١ ثمر نه هجئي ساڻ، گهڙي پؤ منجهه گهتاڻ. (لاڙ، چوڻي)

گهتاڻ: لاڙ اندر ضلعي ٺٽي جو هڪ ڳوٺ، جتان جي ماڻهن جي مهمان نوازيءَ سبب، هيءَ چوڻي مشهور ٿي آهي.

مطلب:

[1] بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر: ڪڇهري بدين، ٽماهي مهراڻ ٢/ ١٩٩٥ع ص ٤٤

- ڪائڻ لاءِ ڪجهه نه هجي ۽ ڪيسي ۾ ڏوڪڙ به نه هجن ته اهڙيءَ حالت ۾ گذر سفر ڪرڻ لاءِ گهڻاڻ ۾ گهڙي پئجي.

## ٨٦. گهٽهڙ

٨٦.١ ثمر نه هجئي ساڻ ته گهڙي پؤ گهٽهڙ ۾. (سرو، چوڻي)

گهٽهڙ: ضلعي قمبر-شهدادڪوٽ ۾، قمبر-وڳڻ روڊ تي، اڌ ميل اولهه طرف اندر، ٻرڙن جو وڏو ڳوٺ آهي، جتي جا ماڻهو مهمان نواز آهن، جنهن تان هيءَ چوڻي مشهور ٿي آهي.

مطلب:

- پيٽيو: ثمر نه هجئي ساڻ، گهڙي پئو منجهه گهڻاڻ.
- ثمر هجئي ساڻ، پيچ پاڌائن ڪان.
- ثمر نه هجئي ساڻ، پر وٺ پاڌاين جي.

## ٨٧. گهيلپور

٨٧.١ گهيلپوري، نيت بري، هٿ ۾ قرآن، ڪڇ ۾ ڇري. (لاڙ، چوڻي)

گهيلپور، بدين ضلعي جو شهر آهي. ان جي رهاڪن بابت چوڻي آهي.

مطلب:

- پيٽيو: سعيدپوري، نيت بري، هٿ ۾ قرآن، ڪڇ ۾ ڇري.

## ٨٨. لاڙ

٨٨.١ لاڙ، ساڙ. (لاڙ، چوڻي)

لاڙ ۾ پاڻيءَ جي لاٽ سبب، ڪڏن ڪوٻن ۾ رنديل پاڻي، مڇرن جي افزائش جو سبب ٿئي ٿو. مڇرن ڪان، پاڻ ۽ مال کي بچائڻ لاءِ، هر ڪو دونهيون ڪري ٿو. هوائن تي ڪک ڪاڄر پاڻيءَ ۾ ڪرن ٿا ۽ اهو پاڻي، مال ۽ ماڻهو واپرائين ٿا. ان ڪان علاوه دونهين ۽ ڏنڌ جي ڪري، اکين تي اثر پوي ٿو. هر ڪو بيمارين ۾ ورنجيو وڃي، جنهن تان اها چوڻي مشهور ٿي آهي.[1]

مطلب:

- جتي پاڻيءَ جي پيڙي، اتي زندگي ئي ٻيڙي.

---

[1] سمون، الهبچايو يار محمد، لاڙ جو سير، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ

- لاڙ آهي ساڙ، ٻيو ميڙن جو آزار، اندر منگهڻ ڪارڙا، ٽيون ٻاهر ماڪ ماري. (لاڙ)

٨٨.٢ لاڙ جو پڙهيو، سري جو ڏڳو. (سنڌ، چوڻي)

اها چوڻي سري جا ماڻهو پنهنجي تعريف ۾ چوندا آهن. جڏهن ته لاڙ جا ماڻهو پنهنجي تعريف ۾ هيئن چوندا آهن: ”لاڙ جو ڏڳو، سري جو ماڻهو“. حقيت حال جي، خدا کان سواءِ ڪنهن کي خبر ناهي.

مطلب:

- هر ڪو پنهنجي تعريف ڪرڻ ۽ ڪرائڻ ۾ وسان ڪين ٿو گهٽائي.

## ٨٩. لاڙڪاڻو

٨٩.١ لاڙڪاڻو، ساه سيباڻو. (سرو، چوڻي)

لاڙڪاڻو شهر، درياه جي ڪنڌيءَ تي هئڻ سبب، واپار وڙي، اناج جي جنسن خاص طور تي سڳداسي چانورن ۽ ميون خاص طور تي زيتونن جو مرڪز رهيو آهي. خوش ۽ شاداب شهرن منجهان آهي، جنهن جو زير زمين پاڻي منو رهيو آهي. موهن جي دڙي جهڙو قديمي ماڳ سندس ارڙ ۾ رهيو آهي ۽ ملڪي سياست تي پڻ سندس وڏو اثر رهيو آهي.

مطلب:

- لاڙڪاڻي جو شهر، روح پرور ۽ پر ڪشش شهر آهي.

٨٩.٢ لڄ وئي لاڙڪاڻي، شرم ويو شڪارپور. (سرو، چوڻي)

وضاحت لاءِ ڏسو: ”شڪارپور“

٨٩.٣ گهوڙي جي ڦتي: وهي ٽانگي ۾،
ڏاند جي ڦتي: وهي گهاڻي ۾،
ڪاموري جي ڦتي: نوڪري ڪري لاڙڪاڻي ۾. (سرو، چوڻي)

لاڙڪاڻي شهر منجهه نوڪري ڪرڻ ڏاڍي ڏکي آهي. جيڪو آفيسر/ڪامورو اتي بدلي ٿي ايندو آهي ته روئندو ايندو آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته اتان وڃڻ وارو ٻه روئندو ويندو آهي. ان ڪري جنهن جي بدلي لاڙڪاڻي ڏي ٿيندي آهي، تنهن کي ائين چئي آٿت ڏبو آهي ته: تنهنجي طاقت ۽ مڙسي، بيشڪ ڏاند ۽ گهوڙي جهڙي آهي، پر جڏهن انهن جي ڦٽندي آهي

تہ سخت محنت اندر ڦاسندا آهن ۽ تو تي بہ اهڙي قسم جي آزمائش آئي آهي. هاڻي ان کي منو ڄاڻي، رب تي رکي، وينو سهہ.

مطلب:

- مهلون: مڙسن تي اينديون آهن.

۸۹.۴ هجئي ناڻو تہ گهم لاڙڪاڻو، نہ تہ وت ويڳاڻو. (سرو، چوڻي)

هيءَ تاريخي ڪهاوت، ڪلهوڙا دور جي پيدائش آهي، جڏهن ميان شاهل محمد ڪلهوڙي، ۱۰۲۵هہ مطابق ۱٦۷۵ع ۾ گهاڙ واهہ کڻايو هو، تڏهن درياهہ کان ويندي، گهاڙ واهہ جي چوڙ تائين، لاڙڪاڻو هڪڙو ئي مشهور شهر ۽ بندر هو. واپاري، ايران ۽ ڪوهستان کان ڪَهي، هتي اچي واپار ڪندا هئا ۽ لاڙڪاڻي کي ٻيڙين جي رستي، ٻين شهرن سان ملائي، گويا مرڪزي حيثيت ڏني ويئي هئي، جتي اناج ۽ ٻين شين جا قافلا اچي، منزل انداز ٿيندا هئا. انهيءَ هنڌ کي ”قافلا سراءِ“ سڏيندا هئا. گهاڙ واهہ جي ڏائي ڪپ تي، اڄ بہ ساڳئي نالي سان مشهور محلو، انهيءَ ڳالهہ جو ثبوت آهي.

ڪلهوڙن طرفان پنهنجي دور حڪومت ۾ نهرايل رستن ۽ واهن سبب، لاڙڪاڻو ساوڪ ۽ گلزاريءَ ۾ ايترو تہ وڌي ويو، جو ڪيترا سياح ان کي ”سنڌ جو عدن“ سڏڻ لڳا.

جنهن جاءِ تي ٻيڙيون، مختلف طرفن کان اچي لَنگرُ هڻنديون هيون، اُتي رات ڏينهن ماڻهن جا ميلا لڳا پيا هوندا هيا. خشڪيءَ جي رستي، ڪيترا ئي قافلا ۽ گهاڙ واهہ جي رستي، سنڌو درياهہ کان، مال سان پريل ٻيڙا ايندا ۽ ويندا هئا. واپار سبب، ڏيهي خواهہ پرڏيهي واپارين کي ججهو فائدو ٿيو ٿئي، جنهنڪري ڪين، پئسن سان راند ڪرڻ سولي ٿي پيئي.

وڏي واپار سبب، شهر جي رونق، تمام گهڻي ۽ ملڪان ملڪ مشهور هئي. اڄ بہ ساڳئي نالي سان موجود، بندر روڊ ۽ قافلہ سراءِ جا علائقا، ان وقت ڏاڍا متل هوندا هيا. ان کان علاوه حسن جي بہ بازار هئي. جتي شوقين ۽ پئسي وارن جو کيل هوندو هو. انهيءَ تان اها چوڻي وجود ۾ آئي آهي.[1]

---

[1] سنديلو، عبدالڪريم: پهاڪن جي پاڙ، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ، سال ۱۴۰۹هہ / ۱۹۸۹ع ص ۱۳٦

مطلب:

- پئسي سان هيءُ جهان آهي.
- پئسي سان جهان جون رونقون قائم آهن.
- هجئي ناڻو ته چڙهه لاڙڪاڻو.
- ڳنڍ ۾ ڪٽي تون ناڻو، گهمُ خان لاڙڪاڻو. (سرو)
- هجئي ناڻو ته گهم لاڙڪاڻو، نه ته ڏس رحيم ڏنو ڪاڻو. (لاڙ)

٨٩.٥ هو قوم لاڙڪن جو هتڙي قديم ٺاڻو،
پيو نانءُ هن تي، لاڙڪ تان لاڙڪاڻو. (سرو، چوڻي)

لاڙڪاڻو شهر، لاڙڪ قوم جي نالي پويان نهيل آهي. هاڻي لاڙڪ، ڄڻ اتان لڏي ويا آهن.

مطلب:

- هر شهر ڪنهن نه ڪنهن قوم/ذات جو بڻايل آهي.

## ٩٠. لاهور

٩٠.١ جنهن نه ڏٺو لاهور، سو ڏسي ڪلانور. (پنجاب، چوڻي)

ڪلانور: درياهه راوي جي ڪناري، ضلع امرتسر جو هڪ شهر، جتي هڪ دفعو اڪبر بادشاهه جي تاجپوشي ٿي هئي. منجهس سرڪاري نوعيت جون چڱيون عمارتون آهن. چلڪي تجلي ۾ لاهور جهڙو لڳندو آهي. اگر ڪنهن ۾ لاهور شهر ڏسڻ جي سڪت ناهي، سو ڪلانور ڏسي، پنهنجي سڪ يا سڌ پوري ڪري سگهي ٿو.[1]

مطلب:

- جهنے لہور نہیں ویکھیا، اوہ ویکھے کلانور.
- پيٽيو: لاهور جون ٻتيون، جنهن نه ڏٺيون، سو ڄڻ ڄائو ئي ناهي.
- هجئي ناڻو ته گهم لاڙڪاڻو، نه هجئي ناڻو ته گهم ترڙي ۾ ٽاٽو.

٩٠.٢ لاهور جون ٻتيون، جنهن نه ڏٺيون، سو ڄڻ ڄائو ئي ناهي. (پنجاب، چوڻي)

---

[1] ”جهنے لہور نہیں ویکھیا، اوہ ویکھے کلانور.“ ٿنوار چڏڙ: لوڪ تواريخ، سانجهه پبليڪيشن، ٽيمپل روڊ، لاهور، جولاءِ ٢٠٠٨ع، ص ١٩٣.

# ماڳن مڪانن جي نالن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون

لاهور شهر، مغلن جي دور کان، پنجاب صوبي جي گاديءَ جو هنڌ رهندو آيو آهي. ان کان علاوه موجوده هندستان کي، پاڪستان جي مختلف حصن سان ملائڻ لاءِ، گيٽ وي پڻ رهيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو لاهور جنڪشن تي هر وقت چهل پهل ۽ رش رهي ٿي. ٻتين جي جهرمر، ڪڏهن سائو ٿيڻ ته ڪڏهن ڳاڙهو ٿيڻ، هر نئين آيل جي اکين کي ڪيرو ڪري ڇڏي ٿي. من جي اندر، زندگيءَ جي لهر ڊوڙي پوي ٿي.[1]

مطلب:

- پيٽيو: جنهن نه ڏٺو لاهور، سو ڏسي ڪلانور.
- لاهور شهر، ٻين شهرن جي ڀيٽ ۾ تمام سهڻو شهر آهي. زندگيءَ ۾ هڪ دفعو، ضرور ڏسڻ گهرجي.

۹۰.۳ لاهوري: ڏيکارين دروازو، ٽپائين موري. (پنجاب، چوڻي)

لاهور شهر جي چوڌاري، ٽيهه فوٽ اوچو شاهي قلعو، اڪبر بادشاهه پنهنجي دور حڪومت ۾ اڏرايو هيو. منجهس ٻارنهن دروازا هيا، جيڪي هن ريت آهن: ۱. دهلي دروازو. ۲. اڪبري دروازو. ۳. موتي يا موچي دروازو. ۴. شاهه عالمي دروازو. ۵. لوهاري يا لُهاري دروازو. ٦. ڀاٽي دروازو. ۷. ٽڪسالي دروازو. ۸. راشنائي دروازو. ۹. مسيتي يا مسجدي دروازو. ۱۰. ڪشميري دروازو. ۱۱. شيران والا يا خضري دروازو. ۱۲. ذڪي يا يڪي دروازو.

ان کان علاوه منجهس گند ڪچري جي نيڪال لاءِ، هڪ موري پڻ هئي، جيڪا ساخت ۾ دروازي جيتري هئي پر بيهڪ جي لحاظ کان هيٺ تي هئي. جنهن ليول تان دروازن جي چانئٺ شروع پئي ٿي، ان کان ٿورو مٿي، ان جي سر در پوري پئي ٿي.[2]

مطلب:

- لاهورين جي چالاڪين ڏانهن اشارو آهي. يعني اهي ٺورو قسم جا واپاري آهن، سندن منٺڙين ڳالهين تي اعتبار نه ڪجي.

---

[1] ” جس نے لہور دیاں بتیاں نہیں ویکھیاں، اوہ جمیا ہی نہیں.“ احسان باجوه، آکهن لوڪ سياڻي، جلد ۲، پنجاب انسٽيٽيوٽ آف لئنگئيج، آرٽ ائنڊ ڪلچر، لاهور، پنجاب، سال ۲۰۱۱ع.

[2] ” آئے یار لہوری، ڈکھاون دروازہ، ٹپاون موری.“ ثناور چڌڙ: لوڪ تواريخ، سانجه پبليڪيشن، ٽيمپل روڊ، لاهور، جولاءِ ۲۰۰۸ع، ص ۴۳.

- لاهور چوي ٿو: لي آ هور.
- شڪارپوري، نيت بري: ڏيکارين گجر، ڏين مُوري.
- آيا يار پشوري، لش پش گهٽي، محبت ٿوري، ڏيکارين دروازو، ٽپائين موري.

## ٩١. لنڪا

٩١.١ گهر جو ڀيدي، لنڪا ڍاهي. (اردو، پهاڪو)

سورهين صدي ق م ڌاري ايوڌيا جي راجا دسرٿ جي پٽ رام چندر کي سندس ويڳي ماءُ، چوڏهن سالن جي عمر ۾ بن واس ڏياري موڪليو. جنهن سبب هو هڪڙي جنگل ۾ وڃي، جهوپڙي ٺاهي رهڻ لڳو. پنهنجي زال سيتا به ساڻ هيس.

هڪ ڏينهن پاڻ ڪنهن طرف شڪار تي نڪري ويو ته لنڪا جو راجا راوڻ سندس جهوپڙيءَ ۾ آيو ۽ سيتا جي سونهن تي موهت ٿي، کيس کڻي ويو.

شڪار تان موٽڻ بعد، رام چندر کي انهيءَ ڳالهه جي خبر پئي ته لنڪا تي چڙهائي ڪيائين. انهيءَ ۾ راوڻ جو ڀاءُ ڀوشين به ساڻس اچي مليو، جو جو اهو به پنهنجي ڀاءَ سان بغاوت ڪري چڪو هئو. ڀوشين کي لنڪا جي قلعي جي ڀيدن ۽ ڳجهن رستن جي خبر هئي، تنهنڪري رام سولائيءَ سان قلعو فتح ڪري ورتو ۽ سيتا کي به ڇڏائي آيو.

جنهن بعد بن واس جا ڏينهن پورا ڪري، رام ايوڌيا واپس اچي راڄ ڀاڳ سنڀاليو.[1]

مطلب:

- رازدار جي دشمني، سخت خراب آهي.

## ٩٢. ماڃر

٩٢.١ جت ڪل جاتي، ماڃر ڪل مي. (لاڙ، پهاڪو)

وضاحت يا تشريح لاءِ ڏسو: "جاتي".

---

[1] محمد اقبال سلمان: ڪهاوتين، قومي ڊائجسٽ، آڪٽوبر ١٩٩٩ع ص ٥٩

٩٢.٢ ڪاري جي ڍوري، ماجر جي ڇوري.
باهر سوڙهي، اندر اوڙهي. (لاڙ، چوڻي)
وضاحت يا تشريح لاءِ ڏسو: ڪارو!

## ٩٣. مٽياري

٩٣.١ مٽيارين جو موت، ويندي جي ويرم. (لاڙ، چوڻي)

مٽياري: متعلوي بزرگن جي نالي پنيان، حيدرآباد کان ٢٠ ڪلوميٽر اتر طرف ٻڏايل شهر، نيشنل هاءِ وي تي واقع آهي. اتي جا بزرگ وڏي ڪانيءَ ڪرامت وارا هئا، جن کي ڏسي يا اثر ۾ اچي، هندو هڪدم مسلمان ٿيندا هئا.

ڪلهوڙن ۽ ميرن جي دور ۾، مٽياريءَ جي ڪن عالمن فتويٰ جاري ڪئي هئي: ”جنهن هندوءَ ڪنهن مسلمان کي، ’ادا‘، ’ڀائو‘، ’يار‘ يا ’دوست‘ جهڙي رشتي ڏيکاريندڙ لفظ سان سڏيو ته اهو ڄڻ مسلمان ٿي پيو.“

ان دور ۾ باقيل پوٽا سيدن جي پڳدار حاجي مير اول شاهه وٽ ته، هندن کي مسلمان ڪرڻ جي سند هئي. ’ادا‘، ’ڀائو‘، ’يار‘ يا ’دوست‘ چوڻ وارن هِندن کي جهلي وٽس آندو ويندو هيو. ڪيس زوريءَ مسلمان ڪري، هٿ تي مهر هڻي ڇڏيندا هيا. ويتر هندن جو اندر ساڙڻ لاءِ، ان همراهه کي ڪلهن تي ڪڻي، سڄي شهر جو سرگس ڪرايو ويندو هيو. اهو سلسلو انگريز دور جي ڪجھ عرصي تائين هليو، پوءِ وڃي بند ٿيو.[1]

مطلب:

- هر شهر جي ڪا نه ڪا خوبي آهي. مٽياري شهر، پنهنجي مدفون بزرگن جي ڪرامتن سببان مشهور آهي.
- مسلمانن خلاف، هندن جي پروپئگنڊا ته اهي ڪين زبردستيءَ مسلمان ڪندا ٿا وتن.
- ترت سزا ملڻ واري جاءِ تان جڏهن تڪڙي موت ملي ته ائين واتان نڪري ويندو آهي.

## ٩٤. مٽياڻي

[1] منگيو، محمد صديق: ڦلواڙي (سنڌي پهاڪا ۽ چوڻيون)، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، ٢٠١٥ع، ص ١٨٥

٩۴.١ منياڻي: اڳيان ماڻهو، پويان پاڻي. (ساهتي، چوڻي)
ضلعي نوشهري فيروز اندر، سنڌو درياه جي ڪاپي پاسي تي واقع شهر، ريل ۽ روڊ ذريعي مورو ۽ نارو شاهه سان ڳنڍيل، دادو مورو پل کان اڳ ۾ مشهور پتڻ هو. درياهه جي چاڙهه سبب، اونهاري ۾ ٻوڏ جو چوويهه ئي ڪلاڪ خطرو موجود رهي ٿو. ڪنهن زماني ۾ درياهه جي ساڄي پاسي کان هوندو هيو ۽ هاڻي درياهه ساڄي کان ٿو وهيس.

مطلب:

- درياهه جي ويجهي چڪ وارن شهرن کي، ٻوڏ جهڙين قدرتي آفتن جو خطرو رهي ٿو.

## .٩۵ محراب پور

٩۵.١ ٽنڊي جي ٽوٽ، محراب پور تي پئي. (ساهتي، پهاڪو)
وضاحت لاءِ ڏسو: ”ٽنڊو مير علي“

## .٩٦ مدينو شريف

٩٦.١ مهاجرين، مديني جا جاءِ نشين. (اردو، چوڻي)
نبي آخر زمان، حضرت محمد مصطفیٰ ﷺ جن مڪي پاڪ مان هجرت ڪري يثرب شهر ۾ مهاجرين تي آيا. سندن اچڻ پڄاڻان، يثرب جي رونق وڌي وئي ۽ بجاءِ يثرب سڏجڻ جي، مدينة النبي يا نبيءَ جو مدينو يا نبيءَ جو شهر سڏجڻ لڳو. هجرت ڪرڻ پڄاڻان، پاڻ سڳورا ﷺ جن، مديني عاليه جا جاءِنشين بڻيا.

مطلب:

- مديني جا جائنشين، مهاجرين ئي آهن.

## .٩٧ مڪلي

٩٧.١ شيخ جيئو، مڪليءَ جو ڏيئو. (لاڙ، چوڻي)
مڪليءَ جي مقام ۾، تمام وڏا اهل الله دفن ٿيل آهن، جن مان شيخ جيئو کي، ڏيئي يا سج جهڙي حيثيت حاصل آهي.[1]

مطلب:

---

[1] لغاري، ڊاڪٽر عبدالجبار عابد: سنڌ: تاريخ ۽ ثقافت جي آئيني ۾، نئين زندگي، فيبروري ١٩٨٠ع

- مڪليءَ جو نالو، بزرگن جي موجودگيءَ سبب مشهور آهي.

٩٧.٢ مڪلي ٽڪري، ننگر ٺٽو ۽ پير پنو،
جنهن نہ ڏٺو، تنهن ڪجهہ نہ ڏٺو. (لاڙ، چوڻي)
وضاحت لاءِ ڏسو: ”ٺٽو.“

٩٧.٣ مڪلي، پرديسين جو مقام. (لاڙ، چوڻي)
مڪلي، جيئن تہ تمام گهڻن اهل الله ۽ اولياءَ الله جو مدفن آهي. انهن جي مزارن تي عاشق ۽ اڙيل، مرادون حاصل ڪرڻ ۽ دعا لاءِ اچن ٿا. ڪي تہ اميد ۽ آسري تي زندگي بہ ڳاري ڇڏين ٿا، جنهن سببان اها چوڻي وجود ۾ آئي آهي.

مطلب:

- مڪليءَ جي آباديءَ ۾ ٻاهران آيلن جو گهڻو حصو آهي.
- پيڻيو: ٺل؛ آين جو، ڇاين جو نہ.

## ٩٨. مڪو شريف

٩٨.١ گڏهہ سؤ دفعا مڪي پاڪ وڃي تہ بہ ساڳيو گڏهہ. (سنڌ)
مڪي پاڪ ۾ بہ اهو پاڪ صاف ٿيندو، جنهن جي دل ۽ نيت پاڪ هوندي. جيڪڏهن اتي رهڻ سان ڪو جنتي ٿئي ها تہ پوءِ ابوجهل ۽ ابولهب بہ ٿي وڃن ها. جنتي اهو ٿيندو، جيڪو مڪي پاڪ جو دل سان احترام ڪندو.

مطلب:

- عملن جو دارومدار، نيت تي آهي.
- جاءِ يا مڪان، ماڻهوءَ جو مقام نہ وڌائيندا آهن، بلڪ سندس لڇڻ ۽ مانُ وڌائيندا آهن.
- حضرت عيسىٰ جو گڏهہ، ڀلي مڪي وڃي، پر موٽڻ ڪان پوءِ، ساڳيو گڏهہ جو گڏهہ.
- حضرت عيسىٰ جو گڏهہ، سؤ دفعا مڪي شريف وڃي، اٿن ڪان نہ مڙي.

٩٨.٢ قلب اندر ڪعبو ڏٺوسين، مڪي وڃڻ جو ڪهڙو ضرور؟ (سنڌ، پهاڪو)

انسان جي عملن جو دارومدار، سندس دل يا ايمان تي آهي. ايمان زبان سان نه آڌبو آهي. پر اصل ايمان آهي، دل سان تصديق ڪرڻ.

مطلب:

- عمل به ڪجي، نيت به سڌارجي.

٩٨.٣ مڪو: پڪو. (چوڻي).

مڪي وارا هر ڳالهه ۾ پڪا آهن. ڪفر ۽ شرڪ تي هيا ته به پڪا ۽ ڪٽا هيا، جڏهن ايمان آڻي مسلمان ٿيا ته به پڪا ۽ سچا مسلمان ٿيا. منجهن منافقي ڪا نه هئي. اڄ به مڪي وارا ڳالهائڻ ۾ کهرا ۽ سڌا آهن. منجهن جوش ۽ جلال آهي. منافقي ناهي.

مڪي ۾ الله ﷻ جو گهر آهي. فقط جلال ئي جلال آهي. مديني عاليه ۾، رحمة للعالمين ﷺ جن جو مسڪن آهي، اتي فقط نرمي ئي نرمي آهي.

مطلب:

- مڪي ۾ جلال آهي.
- مڪي جا رهندڙ پنهنجي عقيدي ۾ پڪا آهن.

٩٨.٤ ميمڻ وڃي مڪي، ته به وٽ تارازيون تڪي. (سنڌ، چوڻي)

ميمڻ ذات وارن مسلمانن جو اڪثر گذران واپار وڙي تي آهي. واپاري ماڻهوءَ کي نماز ۾ به پنهنجو ڌنڌو ياد هوندو آهي. واپاري قسم جي ماڻهن جي ذهنيت به خاص قسم جي هوندي آهي. اگر اهي مڪي وڃن تڏهن به سندن ڌيان، هتان جي ڌنڌي ڪاروبار تي هوندو.

مطلب:

- ميمڻ کي هر ڳالهه ۾ بوءِ بن رپين جي فائدي جي ڳڻتي يا لوري هوندي آهي.
- ميمڻ وڃي مڪي، ته به ڪائي توري تڪي. (سنڌ)
- ميمڻ وڃي مڪي، ته به وٽ تارازيون ڪوٽا رکي. (ساهتي)
- ميمڻ وڃي مڪي، ته به سير ساهميون تڪي. (سنڌ)

## .٩٩ ملتان

٩٩.١ ٺٽي جا ناٿ هيا، جو ملتان پئي اڏيو. (لاڙ، چوڻي)

ننگر ٺٽو، ملتان شهر کان اڳي جو آباد ۽ قديمي آهي. جڏهن ٺٽو تعميرات ۽ جلوي جي حساب سان پُور-جوانيءَ ۾ هيو ۽ ٺاٺ باٺ هيس، تڏهن ملتان اڃا مس اُڏيو/ ٺهيو پئي.

مطلب:

- علم ۽ عالم، ملتان کان اڳي، ٺٽي ۾ هيا.

٩٩.٢ اٺدن ملتان لڏو آهي. (سنڌ، پهاڪو)

ملتان، آڳاٽي دور ۾ سنڌ جو گاديءَ جو هنڌ رهيو آهي. اتي گهڻن ئي بزرگن جون مزارون آهن، جن تي باسون لاهڻ لاءِ ڪيئي قافلا روان دوان هوندا هيا. مفاصلو لاشڪ ڏگهو هيو پر واٽ وهندڙ هئي، جنهن تي هلندي ماڻهو نيٺ وڃي ملتان پڄندو هيو. اتان وري ڪشالا ڪندو پنهنجي ڳوٺ ٻه موٽي ايندو هيو. اڄ سونهان ۽ اڪين کان انڌا پڻ رستي جون پڇائون ڪري اتي وڃي پهچندا هيا ۽ سڪائون لاهي، ساڳين رندن تي، ماڳين موٽندا هيا.

مطلب:

- دنيا ۾ ڪو به ڪم ڏکيو ناهي.
- پڇي پڇي هر ڪو واٽ وني ٿو.

٩٩.٣ جنهن بڪيرا نه پيٽيا، تنهن جو ملتان به نه ٿيو. (لاڙ، چوڻي)

وضاحت لاءِ ڏسو: ”بڪيرا“.

٩٩.۴ جنهن نه ڏٺو ملتان: نه سو هندو، نه سو مسلمان. (چوڻي)

اسلام جي اچڻ کان به اڳي ملتان هڪ علمي، تهذيبي، ثقافتي ۽ مذهبي مرڪز رهندو آيو آهي. اسلام کان اڳي، ملتان هندن جو مرڪز هيو. منجهس سندن پوڄا جو مرڪز، ”پرهلاد مندر“ موجود هيو. سورج ڪنڊ ۾ سج ديوتا جي پوڄا ٿيندي هئي. هندو، ملتان کي برڪت وارو شهر سڏيندا آهن. اسلام جي اچڻ کان پوءِ، هيءُ اسلام جو قلعو ٻڻجي ويو. مسلمان بزرگ ۽ ولي به هتي گهڻا آيا. ڪجهه هتان هليا ويا، منجهانئن گهڻا هتي ترسي پيا. هتي ئي رحلت فرمايائون، هتي ئي سندن مدفن ٿيو.[1]

---

[1] مغل، شوڪت: سرائڪي آکاڻ، جهوڪ پبلشر، بيرون دولت گيٽ، ملتان جلد دوم سال ٢٠٠۴ع، ص ۴١

مطلب:

- ملتان شهر جي زيارت ضرور ڪجي. جنهن مذهبي حساب سان گهمي نه ڏٺو، سو چڱ نه هندو آ ۽ نه وري مسلمان آ.

٩٩.٥ ڪابل ڪنو چڙهيو، باھ لڳي ملتان،
دهليءَ ڦوڪون ڏنيون، سڙي ويو هندستان. (سرائيڪي، چوڻي)

وضاحت لاءِ ڏسو: ”دهلي“.

٩٩.٦ ملتان، پيرن جو استان. (چوڻي)

گورستان ۽ گرمي، گرد ۽ گداگرن واري شهر ملتان ۾، پيرن فقيرن جي پڻ ججهائي آهي. غوث بهاؤالدين زڪريا، شاھ رڪن عالم ۽ شمس تبريز جهڙن بزرگن/ اوليائن جو مدفن هئڻ سبب، اتي گهڻن ئي درويشن جا ڦيرا/ مدفن رهيا آهن. سنڌ جا تنيا فقير ۽ سندن پيا عقيدتمند ته گهڻا وني، پيرين پنڌ پڄائي، اتي بخشرائيندا هئا.

مطلب:

- ملتان، پيرن سان پريل.
- چار چيز است تحفات ملتان: گرد، گدا، گرم و گورستان.

٩٩.٧ ملتاني گهيتلو. (سرائيڪي، ورجيس)

ملتاني گهيتلي جا ٻئي پادر، ساڄو ۽ کابو، جڙاوت ۾ هڪجهڙا هوندا آهن. پهرئين ڏينهن پائڻ واري کي ساڄي کابي جي خبر نه هوندي آهي. آهستي آهستي انهن جي شڪل ڦرندي ويندي آهي. اهڙيءَ طرح جنهن ماڻهوءَ جو رويو، دوست ۽ دشمن سان هڪجهڙو هجي، ان کي به ملتاني گهيتلي سان مشابهت آهي.[1]

مطلب:

- منافق يا دوغلي پاليسي رکندڙ ماڻهو.

## ١٠٠. ملير/ مول

١٠٠.١ ملير پل موج ڪري، جنهن جي مول آهي ماءُ. (لاڙ، چوڻي)

[1] سهتو، انجنيئر عبدالوهاب، ٻن لفظن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون، ڪينجهر ٥٣ مارچ ١٩٩٧ع

مول يا ميل: پاڻيءَ جو نمنديءَ ڏانهن وهڻ. پاڻيءَ جي هيٺ لاڙ وارو پاڳو.

ملير: هڪ علائقي جو نالو. هڪ نئن جو نالو.

ٺاڻي بولا خان کان هيٺ، ڪراچيءَ طرف وهندڙ هڪ نئن جو نالو، پڻ مول آهي. متس ٻڌل شهر جو نالو به مول آهي. سانوڻ ۾ مول جي نئن، ملير نئن/ نديءَ کي پري ٿي. جڏهن، مول جو پاڻي، ملير منجهه پوي ٿو، تڏهن اها تارئون تار وهي، موجان ڪري ٿي، جنهن تان، انهن لفظن ۾ سندس ساراهه ٿئي ٿي.[1]

مطلب:

- جنهن کي وڏڙن جي پٺ هجي، سو پلي ارڏايون ڪري.

## ١٠١. مورو

١٠١.١ مورو، ناهي ٿورو. (ساهتي، چوڻي)

مورو ساهتي پرڳڻي جو مشهور شهر آهي، جيڪو سکر ۽ حيدرآباد جي بلڪل وچ تي واقع آهي. عورتون سهري طور اهي لفظ چونديون آهن. جيڪا محض تُڪ-بند چوڻي آهي. منجهانئس مورو شهر بابت ٻي ڪا ڄاڻ نه ٿي ملي.

مطلب:

- مورو، ناهي ٿورو: سڄڻ مورو ويني ڏيان.

## ١٠٢. مومل جي ماڙي

١٠٢.١ مومل جي ماڙيءَ کي چوڏاري چارا. (ساهتي، پهاڪو)

سهڻي ۽ آزاد مومل، جنهن طلسماتي ماڙي جوڙائي، ڪئين ڪونڌر ڪنا. سندس مايا ۽ ڪايا، سونهن ۽ سوپيا، ڪيئي راڻا موهيا ۽ ماريا. مختلف طرفن کان آيل راڻا، پنڌ ۽ پيچرا ناهي مومل جي ماڙيءَ ڏانهن آيا. جنهن جاءِ، شهر ۽ ماڻهوءَ وٽ، گهڻي اچ وڃ هجي، تنهن لاءِ ائين چيو ويندو آهي. انگريزيءَ ۾ پڻ مشهور چوڻي آهي:

"All roads lead to Rome"

[1] نبي بخش بلوچ: رهاڻ، هيرن ڪاڻ -٢- ص؟

مطلب:

- چڱي هنڌ ڏانهن هر ڪو پنڌ پوي ٿو.

## ١٠٣. ميرپور/ چانداڻ/ عودي/ ڳڙهي حسن

١٠٣.١ ميرپوري مندي، چانداڻ چندي، عودي سنجن سوڏي،
نل ڏنو نڪاءُ، هلي ڏسو ڳڙهيءَ جو لقاءُ. (چوڻي)

اڳي سماع هٽندڙ فقير، غريبن سان ظلم ڪندڙن کي سمجهائڻ ويندا هيا. سندن ڳالهه نہ مڃڻ تي ڪين پاراتا يا پٽون، سماع ۾ ڏيندا هيا.

ميرپور برڙو، چانداڻ، عودي ۽ ڳڙهي حسن، تعلقي نل جا وڏا ڳوٺ/ وسنديون آهن. گمان آهي تہ ڪنهن فقير ٿيل ظلم پڄاڻان، ڪين سمجهايو هجي ۽ اتان جا رهواسي سندس چوڻ تي نہ مڙيا هجن، جنهن تان فقير سماع ۾ ائين چيو هجي.

محترم نظام الدين ڪوسو، ڪامريڊ محمد امين ڪوسي جو پاءُ، پنهنجي مقالي: "نئين نل جا پراڻا گل" جي ٻيءَ قسط ۾، ٽِہ- ماهي 'مهراڻ' جي پرچي ١٩٩٥/۴ جي ص ٩٢ تي اها چوڻي هيئن لکي آهي: "ميرپور مندي، چانداڻ چندي، نل ڏنو نڪاءُ تہ عودي ويئي سنجن سوڏي".

تاويل ۾ لکيو اٿائين تہ ڪنهن زماني ۾ ڪنهن درويش جي زبان مان نڪتل هي گفتا، ڏاڍي چؤبول ۾ هوندا هئا. اڳتي لکيو اٿائين: "خبر ناهي تہ درويش ائين چو چيو. انهن گفتن جو اثر، ڪنهن وقت تائين انهن ڳوٺن تي ڏاڍو رهيو. هينئر مس مس وڃي انهن ڳوٺن ساهي پٽي آهي ۽ اڳتي قدم وڌائڻ شروع ڪيو آهي."

مطلب:

اهڙيون ڪوڙ پٽون يا پاراتا ساريءَ سنڌ ۾ بين ڳوٺن لاءِ پڻ مشهور آهن. منجهانئن ڪجهہ هتي ڏجن ٿا:

- ٿهل ويئي مَهل، مهتي موٽي آئي،
  نل ڏنو نڪاءُ، ڏُبي ٻين دبائي. (سماع)
- قاضي ويندا قلات، وِڪيا ڪين وسندا. (پاراتو)
- محبت سندا ٻار، پيالي منجهہ پنندا.
- ٻُٽيءَ دڪيءَ ڪاڻ، مُنن مٽ پڃايا.

- نَتِ ڏنو نڪاءُ، ڳوراها سپ ڳري ويا.
- ٽرڙي تي ڍرڙي، لٽو لاڏ لغارين جو.
- ڪو جو وايو واءُ، ڳچل سپ ڳري ويا.
- ڳچل پنهنجي ڳوٺ، پيالي منجهه پنندا.
- ڏُبيءَ لڳي باهه، چٽنگون چمن ۾.
- پيٽيو: ”نل، آهي گل“.

## ١٠٤. ناڙي

١٠٤.١ مينهن وٺو ته ناڙي وٺي. (جغدالي، چوڻي)

ناڙيءَ جو علائقو برسات سبب آباد ٿئي ۽ ماڻهو به خوشحال ٿين ٿا، تنهن ڪري پنهنجي رب جا شڪرانا بجا آڻين ٿا. اهڙي وقت لاءِ ائين چيو ويندو آهي.[1]

مطلب:

- جابلو علائقا وُٺي تي آهن.

١٠٤.٢ ناڙي وسي ته ڳاڙهي، نه ته اگهاڙي. (جغدالي، چوڻي)

ناڙي: بلوچستان جو علائقو.

ناڙيءَ ۾ برسات ڪان پوءِ ڳاڙهي جوئر ٿئي، جنهن سبب ماڻهو خوشحال رهن. برسات نه پوي ته ڪپڙي لاءِ به پئسو نه هجين، جنهنڪري اڌ ڍڪيل رهن.[2]

مطلب:

- برسات جو، ماڻهوءَ جي معيشت تي سڌو سنئون اثر پوي ٿو.

## ١٠٥. نصرپور/ نورائي/ فتح باغ

١٠٥.١ نرت نورائي، نار نصرپور، ڦل فتح باغ،

هلي ڏسو جوڻ، جتي ڪپهه جو واپار آهي جائي. (لاڙ، چوڻي)

---

[1] بروهي، ڊاڪٽر داد محمد، سبي خطي ۾ سنڌي زبان جي محاورن جو لساني جائزو، پي ايچ ڊي لاءِ پيش ڪيل ٿيسز، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو

[2] بروهي، ڊاڪٽر داد محمد، سبي خطي ۾ سنڌي زبان جي محاورن جو لساني جائزو، پي ايچ ڊي لاءِ پيش ڪيل ٿيسز، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو

ننگر، نصرپور، نورائي ۽ جوڻ، سنڌ جا آڳاٽا آباد شهر، جن جو اوج ۽ چلتو، ٻيڙن جي ذريعي واپار جي دور ۾، پنهنجو مٿ پاڻ هيو.[1]

وڌيڪ تشريح لاءِ ڏسو: ”جوڻ“.

مطلب:

- پيٽيو: نر ننگر، نار نصرپور، نرت نورائي، هلي ڏسو جوڻ جتي ڪپهه جو واپار آ جائي.

## ١٠٦. ننگر

١٠٦.١ ننگر پهچي ڪينڪي، بنا پنڌ ڪئي. (لاڙ چوڻي)

ننگر: ٺٽي شهر جو آڳاٽو نالو آهي، جيڪو ڪنهن سمي سنڌ جو گاديءَ وارو هنڌ پڻ رهيو آهي. منجهس علمي درسگاهون هيون، جتان علم جا پياسا علمي اڃ اجهائڻ ايندا هيا. اتي پهچڻ لاءِ ڪشالا ڪرڻا پوندا هيا. بنا ڪشالي ڪڏڻ جي، اتي پهچڻ ممڪن نه هيو.

مطلب:

- ٽٽيءَ ٿڌيءَ ڪاهه ڪانهي ويل ويهڻ جي.
- مسلسل پنڌ ڪرڻ سان، مفاصلو ڪٽي ٿو ۽ منزل آسان ٿئي ٿي.

١٠٦.٢ ننگر جي آڏار، متان ويهجو ماڙهئا،
پراٽا پراڙ، نوان اڏجئو نجهرا. (لاڙ چوڻي)

درياهه جي رخ موڙڻ ڪري، ماڻهن ننگر ٺٽي ڏانهن لڏ پلاڻ شروع ڪئي، جنهن تي ڪين نصيحت ڪئي وئي ته، اڄ درياهه ايڏانهن رخ رکيو آهي. سياڻي ٻئي پاسي موٽ ڪندو، تنهنڪري پراٽا پڪا ڇڏي، اتي وڃي نوان نه اڏيو.[2]

مطلب:

- غربت ۽ ڏکر سبب، ديس نه ڇڏجي.

١٠٦.٣ ننگر ڪيئن ڦٽو؟ چي: ”ڄٽو وٽو.“ (چوڻي)

ننگر: ٺٽي شهر جو پراڻو يا آڳاٽو نالو.

---

[1] سنڌي، حافظ حبيب، ماجر ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻولي، سنڌيءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد

[2] تيرٿ داس، پيسومل: پهاڪن جي پاڀوهه، بمبئي انڊيا.

ٺٽو، سنڌ جي گاديءَ جو شهر رهيو آهي. ديبل بندر وغيره ويجهو هيس، جنهنڪري وڏي رونق هيس. علم ادب جو مرڪز پڻ رهيو. مڪلي ٽڪريءَ اندر ترخانن، ارغونن ۽ سمن بادشاهن جون قبرون، ڪينجهر ڍنڍ جا داستان ان ڳالهه جا شاهد آهن.

اهو شهر نيٺ ويران ٿيو. هن وقت سندس اهو اوج ۽ موج ناهي. سندس ڦٽڻ جو سبب، منجهس رهندڙ ماڻهن جي دلين اندر فتور ۽ ڇٽو وٽو تي وڃڻ آهي. جڏهن پاڻ ۾ ٻڌي نہ رهندي آهي، تڏهن ٻاهرين کي حملو ڪرڻ ۾ آساني ٿيندي آهي. ان سببان وسنديون ويران ٿينديون آهن.[1]

مطلب:

- ڇڙ ڇڙ ڪابڙا ٿيڻ سان نقصان ئي پرائبو.
- ڪٽو ڪٽو ٿيڻ سان، ٻاهرين جي سڌ وڏي وڃي ٿي.

## ١٠٧. نهارو ڳوٺ

١٠٧.١ ايرازي آندي، ڳور نهاري ڳوٺ ۾. (سنڌ، چوڻي)

ڳور: قبر، جيڪا هر روز هر ماڻهوءَ جي اچڻ جو انتظار ڪري ٿي. نهاري ڳوٺ ۾ قسمت ڪٽي آئي آهي، جنهنڪري منجهس قبر جڙي آهي.[2]

مطلب:

- ماڻهوءَ کي: يا پيٽ ٿو لوڙائي، يا موت ٿو ڊوڙائي.
- ماڻهوءَ کي ڪير ٿو پڄائي: يا پيٽ، يا موت.
- رزق ۽ موت، ماڻهوءَ کي ڳوليندا ٿا وتن.

## ١٠٨. وندر

١٠٨.١ ڪو ئي وات وندر جي ڏسي. (چوڻي)

وندر: بلوچستان اندر، سسئيءَ جي قبر ۽ هنگلاج جي وچ تي هڪ علائقو يا هنڌ. وندر ڏانهن ويندڙ رستو: پٿريلو، ور وڪڙ ۽ اٽانگن لڪن وارو هيو، جنهن سان مسافر الجهي ويندا هيا. منزل تي رسڻ کان اڳ

[1] منگيو، محمد صديق: ڦلواڙي (سنڌي پهاڪا ۽ چوڻيون)، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، ٢٠١٥ع، ص ٢٠١

[2] سرڪي، نياز عودائي، سنڌي پيشن گوئيون (ماموئين جا بيت)، ڪافي پبليڪيشن ڪراچي

مري ويندا هيا. اتي ڪنهن سٽوپري هاديءَ يا رهبر جي ضرورت هئي، جيڪو واٽ ڏسي ۽ اڪاري منزل واري دڳ لائي.

مير رستم خان هڪ وڏو نرم دل وزير، خدا ترس ۽ فقير دوست ماڻهو هوندو هو. پيرن، فقيرن ۽ درويشن کي جاگيرون ۽ پروانا ڏيندو هو. هڪ دفعي هڪڙي درويش، ڪلام پئي چيو: ”ڪو ئي واٽ مندر جي ڏسي“. اهو ٻڌي هڪ ٻئي درويش، ڪلام چوندڙ درويش کي طعنو هڻندي چئي ڏنو:

”ڏئي جاگير جٽ ڪري، ويئي رمز رستم ڪسي،
لج وڃايئہ لوڙهي جي، لڳين پورهئي لسي،
پڇ وري بہ رستم ڪان، تہ تو کي واٽ مندر جي ڏسي.“ [1]

مطلب:

- حقيقت جي راهہ بہ ڪي صاحب دل ئي ونندا ۽ ڏسيندا آهن.

١٠٨.٢ وندر مَٽي وانت، پوءِ ويري بہ مان جها ياءُ. (لاڙ پهاڪو)
وندر: بلوچستان جو هڪ علائقو، هنڌ. مَٽِي: لنگهي. وانت: الهندي. ويري: دشمن. مان جها: منهنجا.

سسئي، وندر ٽپڻ بعد پاڻ کي پنهونءَ جي علائقي ۾ سمجهندي، دشمنن کي بہ ياءُ سڏيو آهي. پنهنجي علائقي مان ٽپي پرائي علائقي ۾ وڃڻ بعد، اتان جي رهاڪن کي ياءُ چوڻ کان سواءِ گذارو ناهي.

مطلب:

- وندر کان الهندي مٽڻ بعد، دشمن بہ منهنجا يائر آهن.

## ١٠٩. وٺڪار/ سال ڏياٽي

١٠٩.١ وسي جي وٺڪار تہ سرهي ٿئي سال ڏياٽي. (چوٽي)
وٺڪار: ڳوٺ جو نالو. سال-ڏياٽي: سال-مڪان علائقي اندر موجود ڳوٺ جي گهر-ڏياٽي.

[1] حامي، ڊاڪٽر عطا محمد: خيرپور جي ميرن جو ادب، سياست ۽ ثقافت ۾ حصو، ص ٢٨۴

وڏڪار جو ڳوٺ، لس بيلي جي اتر اپرندي طرف، ڪيرٿر جبلن جي قطار سان لڳو بيٺو آهي. هتان نئن باران نڪري ٿي، جيڪا پڙهيارا پٽ لتاڙيندي، ڪوٽڙي تعلقي جي ڳوٺ ”سال مڪان“ وٽان لنگهي، سنڌو نديءَ ۾ وڃي چوڙ ڪري ٿي.

ڪوٽڙيءَ کان ”سال مڪان“، ستن ڪوهن جي مفاصلي تي آهي. انهيءَ ڳوٺ جي آباديءَ جو دارومدار نئن باران جي پاڻيءَ تي آهي. جڏهن ڪيرٿر جبل جي وڏڪار ڳوٺ ۾، وس ٿئي ٿي تڏهن سال مڪان جي ڳوٺ اندر گهرن ۾ رهندڙ گهر-ڌياڻين کي آيل پاڻيءَ سبب سرهائي ٿئي ٿي.[1]

مطلب:

- ڪيرٿر جبل تي ٿيل برسات سببان سال مڪان، ڳوٺ جي گهر ڌياڻيءَ کي سرهائي ٿئي ٿي.

## ١١٠. هالا

### ١١٠.١ دعا جا داتا: هالا پراڻا. (لاڙ، چوڻي)

هالا پراڻا، اوليائن ۽ بزرگن جو مسڪن، مولد ۽ مدفن رهيو آهي. منجهس مخدوم نوحؒ جهڙا بزرگ پيدا ٿيا. مخدوم صاحب، سنڌ جو پهريون عالم آهي، جنهن قرآن مجيد جو پهريون ترجمو، سو بہ فارسي زبان منجهہ ڪيو. سندن درگاهہ عاليہ تي رب پاڪ کان گهريل جائز دعا، اگهي ٿي، جنهن سبب، هر ڪو دعا جا داتا چوندڻ لاءِ، اوڏانهن پنڌ پوي ٿو.

مطلب:

- هالا پراڻا جي درگاهن تان ملندڙ فيض ڏانهن اشارو آهي.

### ١١٠.٢ ”ڪيئن؟!“ چي، ”هالا ۽ پينءَ.“ (لاڙ، پهاڪو)

هالا ۽ پينءَ، اوليائن جي گادين جا هنڌ آهن. اتان جا پانديئڙا، اتان جو نالو ٻڌي هر معاملي تي سيس نوائيندا آهن. اگر ڪو نہ نوائي تہ اهڙي ضدي ماڻهوءَ لاءِ چوندا آهن: ”ڪيس نہ هالا جي بزرگن جو احترام آهي ۽ نہ وري پينءَ جو پؤ اٿس.“[2]

---

[1] آڏواڻي، پيرومل، مهرچند: سنڌ جو سيلاني، ص ٧٠

[2] سنڌي، حافظ حبيب، ماجر ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻولي، سنڌيءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد سنڌ

مطلب:

- بي پيرو ماڻهو، ڪنهن جي به چوڻ ۾ نه هوندو آهي.
- وضاحت لاءِ ڏسو: ”پيىءُ“.

١١٠.٣ هالا آهي: ها ۽ لا. (لاڙ، چوڻي)
ها: ها. لا: نه.

هالا شهر لاءِ سندس نالي اندر لفظن جي معنوي مفهوم ڏانهن ڌيان ڇڪائي، ٽوڪ ٺاهي وئي آهي ته اهو هڪ ئي وقت هاڪار به آهي ته نهڪار به آهي. اتي ئي اتي اقرار به آهي ته اتي ئي اتي انڪار به آهي. ان ادا کي ڇا سمجهجي؟

مطلب:

- اقرار پڻ هي، انڪار پڻ هي: اس ادا ڪو ڪيا ڪهيئي!

## ١١١. هندستان

١١١.١ مور گهرجئي، ته هندستان جي سختي سَهڻي پوندئي. (پارسي، پهاڪو)

گڏيل هندستان جي ٿر ۽ ريگستان وارن علائقن ۾ مور جام رهن ٿا، جنهن ڪري مور گهرجي/ منزل گهرجي، تنهن کي اڻانگن رستن جون تڪليفون ۽ سختيون سهڻيون پونديون.

مطلب:

- منزل ماڻڻ لاءِ ڪشالا ته ڪڍڻا ئي پوندا آهن.

١١١.٢ ڪابل ڪنو چڙهيو، باھ لڳي ملتان،
دهليءَ ڦوڪون ڏنيون، سڙي ويو هندستان. (سرائيڪي، چوڻي)
وضاحت لاءِ ڏسو: ”دهلي“.

١١١.٣ هاٿيءَ کي هندستان نه ڏيکارجي. (اردو، پهاڪو)

هندستان جي اندر، گهاٽن گاهن وارا جنگل آهن، جيڪي هاٿين جي لاءِ مرغوب آهن. منجهن رهڻ وارا هاٿي ميا متارا رهن ٿا. اتي اگر ڪو بکيو ڏکيو هاٿي بيهر پهتو ته جهنگ ڏسندي ئي مست ٿي پوندو. مهابت ۽

## ماڳن مڪانن جي نالن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون

مالڪ ڪان چنائي،راتب جي پرواهه ڪئي بغير، جنهگ منهن ڪري پڄي ويندو.

اهڙيءَ طرح، ڪنهن ماڻهوءَ کي جيڪڏهن ڪنهن معاملي جي تَهَ تائين جي ڄاڻ ناهي، ته ان کي هرويرو ڳالهه تفصيلي نه ٻڌائجي. ان کي وڏائي ٻڌائڻ معنيٰ معاملي کي گنجرائڻ، جيڪو معاملي فهميءَ جي حساب سان چڱو نه آهي. جيڪڏهن ڪير ائين ڪري وجهندو آهي ته ڪيس روڪڻ يا منع ڪرڻ جي ارادي سان چيو ويندو آهي: ”خواه مخواه، هاٿيءَ کي هندستان نه ڏيکار! ان مان ڪو فائدو ناهي!“

مطلب:

- ڏکئي معاملي جي ڄاڻ، اڄاڻ کي هرويرو نه ڏجي. ائين ڪرڻ سان معاملو ويتر بگڙجي پوندو.
- هاٿيءَ کي هندستان ڏيکارڻ مان، ڪهڙو فائدو. (پهاڪو)

***

## مددي ڪتاب ۽ حوالا


١. جيٽلي، ڊاڪٽر مرليڌر، سنڌي پهاڪا ۽ محاورا هڪ اڀياس، صفحو٤٤، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو ١٩٩٦ع
٢. Kam Chuan Aik, M.A, Times Dictionary of Proverbs.
٣. الطاف شيخ: رڻي آهي ڳهوٽ سان، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد.
٤. منگي، نقش ناياب، شڪارپور، ڪانئس واتين ويٺين ٻڌل.
٥. سنديلو، عبدالڪريم، پهاڪن جي پاڙ، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، سنڌ.
٦. سرڪي، نياز عودائي، سنڌي پيشن گوئيون (ماموئين جا بيت)، ڪافي پبليڪيشن ڪراچي.
٧. سنڌي، حافظ حبيب، ماجر ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻولي، سنڌيءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد.
٨. آڏواڻي، ديوان سلامت لاءِ ڪيولرام، گلشڪر، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.
٩. ٻروهي، ڊاڪٽر داد محمد، سڀي خطي ۾ سنڌي زبان جي محاورن جو لساني جائزو، پي ايڇ ڊي لاءِ پيش ڪيل ٿيسز، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو.
١٠. سومرو، ڊاڪٽر غلام قادر، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي بيتن ۾ چوڻيون، نئين زندگي، سيپٽمبر ١٩٩٣ع.
١١. تميمي، رسول بخش، تاريخ جاتي، مغلپين پبلڪيشن جاتي.
١٢. هريجن، رائچند، تاريخ ريگستان (ٻه ڀاڱا)، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.
١٣. الانا، ڊاڪٽر غلام علي، لاڙ جي ثقافتي ۽ ادبي تاريخ، سنڌيالاجي ڄامشورو.
١٤. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش: سنڌ جي ادبي تاريخ، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

١٥. لغاري، ڊاڪٽر عبدالجبار عابد: سنڌ: تاريخ ۽ ثقافت جي آئيني ۾، نئين زندگي، فيبروري ١٩٨٠ع.
١٦. تيرٿ داس، پيسومل، پهاڪن جي پاپوهه، بمبئي، انديا.
١٧. راشدي، پير علي محمد راشدي: اهي ڏينهن اهي شينهن، جلد ٢، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.
١٨. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش، ڪڇهري بدين، ٽه ماهي مهراڻ ٢/١٩٩٥ع ص:٤٥، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، سنڌ.
١٩. سومرو، ڊاڪٽر محمد ادريس، ڪانئس واتين وڻي ٻڌل.
٢٠. ٽالپر، الله بخش، پهاڪن جي پيڙهه، آر ايچ احمد اينڊ برادرس شاهي بازار حيدرآباد.
٢١. سائل، سترامداس جڙيا سنگهاڻي، دردن جي دبلي عرف سنڌي پهاڪا ۽ چوڻيون، سائل پون، جهونا واڙيچ، احمد آباد.
٢٢. سهتو، انجنيئر عبدالوهاب، ٻن لفظن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون، ڪينجهر ٥٣ مارچ ١٩٩٧ع.
٢٣. سنڌي، ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ، سنڌ جي ادبي تاريخ.
٢٤. سمون، الهبچايو يار محمد، لاڙ جو سير، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.
٢٥. سومرو، ڊاڪٽر غلام قادر، ٻٽن لفظن جي لغت ثقافت سياحت کاتو، حڪومت سنڌ ڪراچي.
٢٦. عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر: اوسر پهاڪاتي لغت، اوسر اشاعتاڻو، حيدرآباد ٢٠١٥ع.
٢٧. مغل، شوڪت: سرائڪي آکاڻ، جهوڪ پبلشر، بيرون دولت گيٽ، ملتان، جلد دوم، سال ٢٠٠٤ع.
٢٨. منگيو، محمد صديق: ڦلواڙي (سنڌي پهاڪا ۽ چوڻيون)، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد ٢٠١٥ع.
٢٩. خالد ڪنڀار: سنڌ جا مداري قبيلا (مضمون)، پندره روزه افيئر، ڪراچي.
٣٠. آنچلانند، جان ڪي ديوي: سپروائيزر پرائمري ايجوڪيشن، بيٽ عمرڪوٽ، ٿري ٻوليءَ جي پهاڪن ۽ چوڻين جي روشنيءَ ۾ ٿر جو سماجي، سياسي ۽ ادبي جائزو. (ايم فل لاءِ لکيل مقالو.
٣١. حڪيم يوسف کتري: لاڙي پهاڪا ۽ چوڻيون جو سرسري جائزو. (نيٽ تي رکيل مضمون.)
٣٢. ٽيڪچنداڻي، روي پرڪاش، ڊاڪٽر: سنڌي پهاڪا: لسانياتي ۽ سماجي- ثقافتي اڀياس، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، ڇاپو پهريون (عربي لپي) سال ٢٠١٠ع.
٣٣. ٿناور چڏڙ: لوڪ تواريخ، سانجهه پبليڪيشن، ٽيمپل روڊ، لاهور، جولاءِ ٢٠٠٨ع.

# ماڳن مڪانن جي نالن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون

## ڏسڻي


| نمبر | داخلا | صفحو |
|---|---|---|
| ١ | آزادي مليي، ساڏوري ٻه اڌ نمبر. (ٿر، چوڻي) | ٧۴ |
| ٢ | آمريءَ آءُ تہ مرين، هوننئن نہ مرين تہ ٻڪ مرين. (لاڙ، چوڻي) | ٣١ |
| ٣ | اپي ڳئون ٿر ڳابا، چي: ”ڏايا ڙي ڏايا!“ (سرو، پهاڪو) | ۴٣ |
| ۴ | اڃا دهلي دور آهي. (فارسي، چوڻي) | ٦٦ |
| ۵ | اڃا ڪپڙا، ڪيسا خالي، هلي گهمر دالي. (ساهتي، چوڻي) | ٦۵ |
| ٦ | اڍائي جهڳا مهتمن جا، نانءُ خيرپور/ شاهپور. (سنڌ، پهاڪو) | ٦٢ |
| ٧ | اڌن ملتان لڌو آهي. (سنڌ، پهاڪو) | ١١١ |
| ٨ | اٽڃاڻ لاءِ: جهڙي ٻُني، تهڙو ٻهرام. (لاڙڪاڻو، پهاڪو) | ٣۴ |
| ٩ | اوٻاوڙي جي ٻولي: دٻي ۾ ٺڪريون. (چوڻي) | ٣٢ |
| ١٠ | ايتري ٻڌو، جو ساڪرو سٽ جهلي. (لاڙ، پهاڪو) | ٧٦ |
| ١١ | ايرازي آندي، ڳور نهاري ڳوٺ ۾. (سنڌ، چوڻي) | ١١٧ |
| ١٢ | بابرڪت پير پنو: هڪ مئو، هڪ ٺنو. (لاڙ، چوڻي) | ۵٢ |
| ١٣ | بنورو، دل ڏيئي ٻينو رو. (لاڙ، چوڻي) | ٣۴ |
| ١۴ | بر هو پنيور، آرياٽيءَ اجاريو. (شاهہ، پهاڪو، حسيني) | ٣٨ |
| ١۵ | بندر جي بازار ۾، سوين ٽڙٻا سوئر. (لاڙ، چوڻي) | ٣٧ |
| ١٦ | بندر ڦٽو، سوڪي وڻي. (لاڙ، چوڻي) | ٣٧/ ٨١ |
| ١٧ | پنيور ڪي ٻاهہ لڳي وئي. (اصطلاحي/ ورجيسي جملو) | ٣٩ |
| ١٨ | پنيوران جي پڳيون، سي چٽيون. (شاهہ، پهاڪو) | ٣٩ |
| ١٩ | پينءَ جي بازار ۾ ٻيائي نہ ڪر. (لاڙ، چوڻي) | ۴٠ |
| ٢٠ | پينءَ جي بازار ۾ پيو گهمر. (لاڙ، چوڻي) | ۴٠ |
| ٢١ | تنگواني، تنگ ماني. (چوڻي) | ۴٢ |
| ٢٢ | توڙي وڃي رومر، تہ بہ نصيبان اڳرو، ڍوڍي مٿان ٺومر، لکيئي لوح قلم ۾. (سنڌ، چوڻي) | ٧٢ |
| ٢٣ | ٿر آهي ٿڻ تي، نہ ڪڻ تي. (ٿر، چوڻي) | ۴٣ |
| ٢۴ | ٿر جا وسَ، جهول جا ڳس. (ٿر، چوڻي) | ۴٣/٦١ |
| ٢۵ | ٿر ڏلهي تہ سنڌ جهلي، سنڌ ڏلهي تہ ڪير جهلي؟ (چوڻي/پهاڪو) | ۴۴ |
| ٢٦ | ٿرڙي تي ڍرڙي، لٽو لاڏ لغارين جو. (لاڙ، چوڻي) | ۴٦ |
| ٢٧ | ٺٽو محمد خان، جت معشوقن جو مان. (چوڻي) | ۴٨ |
| ٢٨ | ٺٽو محمد خان: معشوقن جو مڪان. (لاڙ، چوڻي) | ۴٨ |
| ٢٩ | ٺٽي جي ٺوٺ، محراب پور تي پئي. (ساهتي، پهاڪو) | ۴٨/١٠٨ |
| ٣٠ | نٽ ڏنو نڪاءُ، ڳوراها سپ ڳري ويا. هو ها هو!! (ساهتي، چوڻي) | ۴٩ |
| ٣١ | ٺٽي جا ناٿ هيا، جو ملتان پئي اڏيو. (لاڙ، چوڻي) | ١١١ |
| ٣٢ | ٺل: آهي ڳل. (چوڻي) | ۵٠ |
| ٣٣ | ٺل آئي جو، جائي جو نہ. (چوڻي) | ۵١ |
| ٣۴ | ثمر نہ هجئي ساڻ تہ گهڙي پؤ گهٽهڙ ۾. (سرو، چوڻي) | ١٠١ |
| ٣۵ | ثمر نہ هجئي ساڻ، گهڙي پؤ منجهہ گهٽاڻ. (لاڙ، چوڻي) | ١٠١ |
| ٣٦ | ثمر هجئي ساڻ، رات نہ پوئي، راجڙيءَ ۾. (وچولو، چوڻي) | ٧٠ |
| ٣٧ | پات جا باقي بچا ڪنا، سي بہ ڪائي ويا چنا. (لاڙ، چوڻي) | ۵١ |

# ماڳن مڪانن جي نالن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون


۳۸ پارڪر جا پهاڙ: جهنگ ۽ جهاڙ. (ٿر، چوڻي) ۵۲
۳۹ پڇاڻان پرين، ڪجي بس پنيور ڪان. (شاهه، سسئي، چوڻي) ۳۹
۴۰ پرمان پلي پرٽي، جڏهن ڳني جا وڻ اڪري. (لاڙ، چوڻي) ۹۹
۴۱ پرمان تڏهن پسندين، جڏهن ڳني جا وڻ ڏسندين. (لاڙ، چوڻي) ۱۰۰
۴۲ پنجاب جي گڏهه به نه ڏارجي، آٽر به ڪٽي پڄي ويندي. (سرائيڪي) ۵۴
۴۳ جاتي، قرب جي ڪاتي. (لاڙ، پهاڪو) ۵۵
۴۴ جاتي ڪل جت، ماجر ڪل مي. (لاڙ، پهاڪو) ۵۵
۴۵ جاتيءَ جا جت/ جوان، پيرين اگهاڙا. (لاڙ، چوڻي) ۵۵
۴۶ جاتيءَ جو جت ته ڪو نه آهين؟ (لاڙ، چوڻي) ۵٦
۴۷ جت ڪل جاتي، ماجر ڪل مي. (لاڙ، پُهاڪو) ۱۰۷
۴۸ جڏهن تڏهن سنڌ ڪي، قنڌارئون جوڪو. (سنڌ، چوڻي) ۸۸/۷۷
۴۹ جنهن بڪيرا نه پيتيا، تنهن جو ملتان به نه ٿيو. (سرو، پهاڪو) ۱۱۲/۳٦
۵۰ جنهن جون جنگهان يارن وٽ، سا ڪيئن ويندي گمبٽ. (پهاڪو) ۹۸
۵۱ جنهن ڪاهيءَ ڪان پيچ، اها ئي ڪاهي. (لاڙ، پهاڪو) ۹٦
۵۲ جنهن نه ڏٺو لاهور، سو ڏسي ڪلانور. (پنجاب، چوڻي) ۱۰۵
۵۳ جنهن نه ڏٺو ملتان: نه سو هندو، نه سو مسلمان. (چوڻي) ۱۱۲
۵۴ جو سک اپني چوباري، سوناهي بلخ بخاري. (هندي، چوڻي) ۳۵
۵۵ جوهي: ڊوهي. (چوڻي) ۵۸
۵٦ جوهي ڪان لوهي: نه واهي، نه اوهي. (جغدالي، چوڻي) ۵۹
۵۷ جوهي: مکڻ موهي. (چوڻي) ۵۸
۵۸ جه سين لوڙائو ٿيا، جنين ڏار رهن، مارو منجهه ٿرن، رهي رهندا ڪيترو. (شاهه مارئي چوڻي) ۴۴
۵۹ جيسلمير جيسلمير، گهر سان وير، پَرَ سان ميڙ. (راجستاني، چوڻي) ۵۹
٦۰ جيسين عراق مان ترياق اچي، تيسين نانگ ڏنگيل مريو وڃي. (پارسي، پهاڪو) ۸۷
٦۱ جيڪب آباد: دل آباد. (چوڻي) ٦۰
٦۲ جيڪب آبادي: نه نر، نه مادي. (اتر، چوڻي) ٦۰
٦۳ جيڪو وڃي جاوي، سو ول نه آوي، جيڪڏهن آوي ته پڙ پوتي ڍاوي. (سرائيڪي، چوڻي) ۵۷
٦۴ جيڪو وڃي ڪاهه، تنهن جو نالو ئي ڪٽي لاهه. (لاڙ، چوڻي) ۹٦
٦۵ جيڪي مها پارت ۾ آهي، سو پارت ۾ ڪينهي. (هندي چوڻي) ۳۸
٦٦ چٽي چنيجن جي، پُرڻ تي پيئي. (ساهتي، پهاڪو) ۵۴
٦۷ چوهڙ جمالي: ڪيسا خالي، مڙس موالي. (لاڙ، چوڻي) ٦۱
٦۸ چا ڪابل ۾ گڏهه نه هوندا آهن؟ (سنڌ، چوڻي) ۸۸
٦۹ چچ مڙيوئي چوڪريون، جاتي مڙيوئي جوءِ. (لاڙ، پهاڪو) ۵٦
۷۰ خيرپوري، نيت بري، هٿ ۾ قرآن، ڪڇ ۾ ڇري. (هندي، چوڻي) ٦۳
۷۱ دادو، جادو. (سرو، چوڻي) ٦۴
۷۲ دڙو: گيهه جو گهڙو. (لاڙ، چوڻي) ٦٦
۷۳ دعا جا داٽا: هالا پراٽا. (لاڙ، چوڻي) ۱۱۹
۷۴ دهليءَ جو ٺگ. (ورجيس) ٦۸
۷۵ دهليءَ جو لڏو: ڪائبو ته به پڇتائبو، نه ڪائبو ته به پڇتائبو. (پهاڪو) ٦۷

# ماڳن مڪانن جي نالن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون


| | | |
|---|---|---|
| ٧٦ | ڏيرو ڦتو، اورنگا ونو. (لاڙ پهاڪو) | ٣٣ |
| ٧٧ | ڏيري جو ڪمي. (ساهتي، ورجيس) | ٦٨ |
| ٧٨ | ڏوهي ماڻهو ڏيري جا، چڱي نه اٿن چِت، توٽي ڪِرين پِتِ، ته به ڏوهه نه وڃي ڏيري مان. (ساهتي) | ٧٠ |
| ٧٩ | راڳ پنجاب ۾ جائو، سنڌ ۾ پليو ۽ ٿر ۾ مئو. (سنڌ چوڻي) | ٥٤/٤٥ |
| ٨٠ | رانڊ، سانڊ، سيڙهي، سنياسي، ان سي بچي تو سيوي ڪاشي. (هندي چوڻي) | ٨٩ |
| ٨١ | راهوجن ۾ رات، قادر نه وجهي ڪنهنجي، پليجن مان پاٽ، پرجي آئي پت جي. (سرو، چوڻي) | ٧٠ |
| ٨٢ | رڙي، ٽڪن ۾ پڙي، جتن کي مليو جواب. (لاڙ پهاڪو) | ٧١ |
| ٨٣ | رڙيءَ جو شاهوڪار ته نه آهين؟ (لاڙ چوڻي) | ٧٢ |
| ٨٤ | رَنَ ٻڌي سکر، چار پوي ٻکر. (سرو، پهاڪو) | ٣٦ |
| ٨٥ | روم ۾ رهي، پوپ سان نه اچائجي. (انگريزي، پهاڪو) | ٧٣ |
| ٨٦ | روهڙائي روهه تي، ننديا وڏا ڏوهه تي. (سرو، چوڻي) | ٧٣ |
| ٨٧ | روهڙائي روهه تي، ننديا وڏا ڍوءَ تي. (سرو، چوڻي) | ٧٣ |
| ٨٨ | روهڙيءَ جا مومن: روئڻ جا به ٽڪا، روئارڻ جا به ٽڪا. (پهاڪو) | ٧٤ |
| ٨٩ | رهي راهوجين، ڀي باهوجين، ڪتي ڪوريجن جي. (سرو، چوڻي) | ٧١ |
| ٩٠ | رهيءَ ۾ رهڻ، رب نه رڌڻ. (پهاڪو) | ٧٤ |
| ٩١ | ساڪئي ڏني ساک: پاڻي لڌي پاڻيءَ مان. (لاڙ چوڻي) | ٥٢ |
| ٩٢ | ساڪرو: آڪرو. (لاڙ چوڻي) | ٧٦ |
| ٩٣ | سعيدپوري، نيت ٻري، هٿ ۾ قرآن، ڪڇ ۾ ڇري. (لاڙ چوڻي) | ٧٧ |
| ٩٤ | سنڌو ڦتو، جاتي ونبي. (لاڙ پهاڪو) | ٨١/٥٧ |
| ٩٥ | سنڌ: چورا پال. (سبي، پهاڪو) | ٧٨ |
| ٩٦ | سنڌ سمون، ڪڇ چنون، پاٽي جيسلمير، چوٽون چغدو، جنهن جي پيڙهيءَ متي پير. (ٿر چوڻي) | /٦٠ ٩١/٧٨ |
| ٩٧ | سنڌ سنئين، وڻ ڏنگا، ماڻهو خام، ڏنڊو جنهن جي هٿ ۾، تنهن کي ڪن سلام. (سرو، چوڻي) | ٧٨ |
| ٩٨ | سنڌ ڪلي/ موچڙي سان سڌي آهي. (ساهتي/ سرو، چوڻي) | ٧٩ |
| ٩٩ | سنڌ گدڙن ڪو نه ڪاڏي آهي. (ساهتي، چوڻي) | ٧٩ |
| ١٠٠ | سنڌ ۾ آهي ڪڻ تي، ٿر ۾ آهي ٿڻ تي. (ٿر چوڻي) | ٨٠/٤٥ |
| ١٠١ | سنڌ ۾ ٻارهين ڪوهين ٻولي ٻي. (سنڌ چوڻي) | ٨٠ |
| ١٠٢ | سنڌ ۾ پڃي به ڪو ڪو نه، ڪڇ ۾ ڪنور ٻائي. (لاڙ پهاڪو) | ٩١/٨٠ |
| ١٠٣ | سنڌ ۾ پڇيس ڪو ڪو نه، ٿر ۾ ڪنور ٻائي. (سنڌ پهاڪو) | ٤٥ |
| ١٠٤ | سنگت ساڪري ۾، سست آسري ۾. (لاڙ پهاڪو) | ٧٦ |
| ١٠٥ | سيوهاڻي چريا، ته به پٽر گهر ڏانهن ڏوئين. (سرو، پهاڪو) | ٨١ |
| ١٠٦ | سيوهاڻي: نه اَنُ، نه پاڻي. (لاڙ چوڻي) | ٨٢ |
| ١٠٧ | سيوهڻ: ڏي ته وڻ، نه ته ٽپڙ ڪڻ. (لاڙ چوڻي) | ٨٢ |
| ١٠٨ | سيوهڻ کي گهلِ چا ڪندي؟ (لاڙ پهاڪو) | ٨٢ |
| ١٠٩ | شاهه بندر ڦِتو، چوهڙ وُنو. (لاڙ پهاڪو) | ٦٢/٣٧ |
| ١١٠ | شرم ويو شڪارپور، لڄ وئي لاڙڪاڻي. (ساهتي، چوڻي) | ٨٣ |
| ١١١ | شرم ويو شهداد پور، حياءُ ويو حڪيماڻين. (لاڙ چوڻي) | ٨٦ |

# ماڳن مڪانن جي نالن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون


| | | |
|---|---|---|
| ١١٢ | شڪارپور شهزادي، اڇي نر ٺئي مادي. (سرو، چوڻي) | ٨۴ |
| ١١٣ | شڪارپور شهزادي، ڏيهان ڏور مشهور. (سرو، چوڻي) | ٨۴ |
| ١١۴ | شڪارپوري صلاح. (سرو، ورجيس) | ٨۴ |
| ١١۵ | شڪارپوري: نيت بري، ٻولين ٻاجهر، ڏين ٻري. (چوڻي) | ٨۵ |
| ١١٦ | شڪارپوري، نيت بري، ڏيڪارين گجر، وجهن موري. (چوڻي) | ٨٦ |
| ١١٧ | شڪارپوري، نيت بري، هٿ ۾ قرآن، ڪڇ ۾ ڇُري. (سنڌ، چوڻي) | ٨۵ |
| ١١٨ | شهدادڪوٽ: اصل نہ موٽ، موٽ تہ مري موٽ. (سرو، چوڻي) | ٨٧ |
| ١١٩ | شيخ جيئو، مڪليءَ جو ڏيئو. (لاڙ، چوڻي) | ١٠٩ |
| ١٢٠ | شيخ عالم، از دهلي تا پالم. (چوڻي) | ٦٧ |
| ١٢١ | عمر نيئي نيئي مارئي نيندو، ٿرئون تہ ڪين ٽيلهيندو! (پهاڪو) | ۴٦ |
| ١٢٢ | قلب اندر ڪعبو ڏنوسين، مڪي وڃڻ جو ڪهڙو ضرور؟ (پهاڪو) | ١١٠ |
| ١٢٣ | قهر نہ ڪر، پينءَ جي بازار آهي. (لاڙ، چوڻي) | ۴١ |
| ١٢۴ | ڪابل ڪنو ڇڙهيو، باھ لڳي ملتان، دهليءَ ڦوڪون ڏنيون، سڙي ويو هندستان. (سرائيڪي، چوڻي) | /٨٩/٦٨ ١٢١/١١٢ |
| ١٢۵ | ڪاڇي پيئي ڪوڪ، سچ ڪ سنگهارن لڏئو، من تن مارياٿون، پاٽان وجهي گوندرين. (شاھ، ڏهر، چوڻي) | ٩٠ |
| ١٢٦ | ڪاڇي واءُ: ٻوڙي. (ٿر، چوڻي) | ٩٠ |
| ١٢٧ | ڪاڏي منهن مريم جو، ڪاڏي ٽندو الهيار؟ (ساهتي، پهاڪو) | ۴٧ |
| ١٢٨ | ڪارو ٻوٽ هٿ ۾، جت جاتي ٿو وڃي. (لاڙ، پهاڪو) | ۵٧ |
| ١٢٩ | ڪاڪ نہ جهليا ڪاپڙي، موهيا ڪنهن نہ مال. (شاھ، راڻو، چوڻي) | ٩٠ |
| ١٣٠ | ڪان تان ڏنگ ڏڙو، ڪان تان ڪپو ڪڇ ۾. (لاڙ، پهاڪو) | ٩١ |
| ١٣١ | ڪجر ٽا لنيون هٽن، خيرپور تي خالي ٿئي. (لاڙ، چوڻي) | ٦۴ |
| ١٣٢ | ڪڇ ڦريو جوڳين، سنڌ ڦري نوڳين. (ٿر، چوڻي) | ٩٢/٨٠ |
| ١٣٣ | ڪراچي آهي چورن جو نيپاڄ (سنڌ، چوڻي) | ٩٢ |
| ١٣۴ | ڪراچي شهر مثل هڪ وڏي قبر، جيڪو آيو اندر، نہ نڪتو سو ٻاهر. (چوڻي) | ٩٢ |
| ١٣۵ | ڪرهيي جي ميلي ڪان پوءِ، ڪپڙن ڪي باھ ڏبي؟! (لاڙ، چوڻي) | ٩٣ |
| ١٣٦ | ڪمال ديرو، جتي ٻڪ مري ٿو ڳيرو. (ساهتي، چوڻي) | ٩٣ |
| ١٣٧ | ڪنڊيارو، وينو رو. (ساهتي، چوڻي) | ٩۴ |
| ١٣٨ | ڪنڊياري ۾ ڪنڊ گهٽي، ننڊي وڏي ڪي ٽِنڊِ گهٽي. (ساهتي، چوڻي) | ٩۴ |
| ١٣٩ | ڪنڌڪوٽ: ول نہ موٽ. (چوڻي) | ٩٣ |
| ١۴٠ | ڪنڌيئون پار، ڦنڌارئون پار. (سنڌ، پهاڪو) | ٨٨ |
| ١۴١ | ڪو ئي واٽ وندر جي ڏسي. (چوڻي) | ١١٨ |
| ١۴٢ | ڪوٽ ڪنڊيارو ڪوٽڙي، دالي دغل باز. (ساهتي، چوڻي) | ٩۴/٦۵ |
| ١۴٣ | ڪونهي پنيور ۾، ڌاران دوس ڏٺي، آءٌ تي چلان چيرين. (شاھ، سسئي، چوڻي) | ۴٠ |
| ١۴۴ | ڪيئن؟ چي: "نہ هالا، نہ پينءَ." (لاڙ پهاڪو) | ١٢٠/۴١ |
| ١۴۵ | ڪارو ڦِتو، ڳاڙهو وُنو. (لاڙ، چوڻي) | ٩٩ /٩۵ |

# ماڳن مڪانن جي نالن تي مشتمل پھاڪا ۽ چوڻيون


| | | |
|---|---|---|
| ١۴٦ | ڪاري جي ڊوري، ماجر جي چوري، ٻاھر سوڙھي، ھيٺ اوڙھي. (لاڙ، چوڻي) | ٩۵/ ١٠۷ |
| ١۴۷ | ڪاھ، لڳنئي ٻاھ. (لاڙ، چوڻي) | ٩٦ |
| ١۴٨ | ڪاھي، عشق جي ڦاھي. (لاڙ، چوڻي) | ٩٦ |
| ١۴٩ | ڪاڻڙ ڪاٽي، جڪي ۾: نڪو ڏان، نڪو پاٽي. (چوڻي) | ٩۷ |
| ١۵٠ | ڪور واھ جي لاري، ڳڌھ جي سواري: سدائين خواري. (چوڻي) | ٩۷ |
| ١۵١ | ڪورواھ ڪاٽي، جنھن ۾: نہ ان، نہ پاٽي. (لاڙ، چوڻي) | ٩٨ |
| ١۵٢ | ڳڌھ سؤ دفعا مڪي پاڪ وڃي تہ بہ ساڳيو ڳڌھ. (سنڌ) | ١١٠ |
| ١۵٣ | ڳڏيو پيو آھي ميھڙ سان، ڳاجي خان مھيسر. (سرو، چوڻي) | ٩٨ |
| ١۵۴ | گھاتا گھر بندر جا، پڙيءَ تي بينو پڻُ. (لاڙ، چوڻي) | ٣۷ |
| ١۵۵ | گھر جو ڀيدي، لنڪا ڏاھي. (اردو، پھاڪو) | ١٠٦ |
| ١۵٦ | گھر جي نِيت، قنڌار جي ڪُتي. (سنڌ، پھاڪو) | ٨٨ |
| ١۵۷ | گھوٽڻ مھل گمر، ڇاڻڻ مھل چتا، پيھڻ مھل ائين آيا، جيئن جھول ۾ ڪتا. (ساھتي، پھاڪو) | ٦١ |
| ١۵٨ | گھوڙي جي ٿڻي: وھي تانگي ۾، ڏاند جي ٿڻي: وھي گھاٽي ۾، ڪاموري جي ٿڻي: نوڪري ڪري لاڙڪاڻي ۾. (سرو، چوڻي) | ١٠٣ |
| ١۵٩ | گھيلپوري، نيت بري، ھٽ ۾ قرآن، ڪڇ ۾ ڇري. (لاڙ، چوڻي) | ١٠٢ |
| ١٦٠ | لاڙ جو پڙھيو، سري جو ڍڳو. (سنڌ، چوڻي) | ١٠٢ |
| ١٦١ | لاڙ، ساڙ. (لاڙ، چوڻي) | ١٠٢ |
| ١٦٢ | لاڙڪاڻو، ساھ سيباڻو. (سرو، چوڻي) | ١٠٣ |
| ١٦٣ | لاھور جون ٻتيون، جنھن نہ ڏٺيون، سو جڻ ڄائو ئي ناھي. (پنجاب، چوڻي) | ١٠۵ |
| ١٦۴ | لاھوري: ڏيڪارين دروازو، ٽپائين موري. (پنجاب، چوڻي) | ١٠٦ |
| ١٦۵ | لاھي لنگا ويھہ، آريجن مان آسرو، پني پرائو ڏيھہ، اڇي ڪاءُ آريجن ۾. (سرو، چوڻي) | ٣١ |
| ١٦٦ | لڄ وئي لاڙڪاڻي، شرم ويو شڪارپور. (سرو، چوڻي) | ١٠٣ |
| ١٦۷ | ليڪا ڏي بنوري وارن کي. (لاڙ، چوڻي) | ٣۴ |
| ١٦٨ | ماسي خوش آن؟" چي: "پٽ! خيرپور تي وڃان!" (سرو، چوڻي) | ٦٣ |
| ١٦٩ | ماءُ پيءُ-پِٽِين جا، ترڙيءَ ۾ ٽاٽا. (سرو، چوڻي) | ۴۷ |
| ١۷٠ | مٽيارين جو موت، ويندي جي ويرم. (لاڙ، چوڻي) | ١٠۷ |
| ١۷١ | منياٽي: اڳيان ماٺھو، پويان پاٽي. (ساھتي، چوڻي) | ١٠٨ |
| ١۷٢ | مڪلي ٽڪري، ننگر ٺٽو ۽ پير پٺو، جنھن نہ ڏٺو، تنھن ڪجھہ ڏٺو. (لاڙ، چوڻي) | ۵٣/۴٩/ ١٠٩ |
| ١۷٣ | مڪلي، پرديسين جو مقام. (لاڙ، چوڻي) | ١٠٩ |
| ١۷۴ | مڪو: پڪو. (چوڻي). | ١١٠ |
| ١۷۵ | ملتان، پيرن جو استان. (چوڻي) | ١١٢ |
| ١۷٦ | ملتاني گھيتلو. (سرائيڪي، ورجيس) | ١١٣ |
| ١۷۷ | ملير پل موج ڪري، جنھن جي مول آھي ماءُ. (لاڙ، چوڻي) | ١١٣ |
| ١۷٨ | منھن متور ۾، ڪنڌ ڪپور ۾. (لاڙ، چوڻي) | ٩١ |

# ماڳن مڪانن جي نالن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون


١٧٩ مهاجرين، مديني جا جاءِ نشين. (اردو، چوڻي) ١٠٩

١٨٠ مور گهرجئي، ته هندستان جي سختي سهڻي پوندئي. (پهاڪو) ١٢٠

١٨١ مورو، ناهي ٿورو. (ساهتي، چوڻي) ١١٣

١٨٢ مومل جي ماڙيءَ کي چوڏاري چارا. (ساهتي، پهاڪو) ١١۴

١٨٣ ميرپوري منڊي، چانڊاڻ چنڊي، عودي سنجن سوڏي، ٺل ڏنو نڪاءُ، هلي ڏسو ڳڙهيءَ جو لقاءُ. (چوڻي) ١١۴

١٨۴ ميمڻ وڃي مڪي، ته به وٽ تارازيون تڪي. (سنڌ، چوڻي) ١١١

١٨۵ مينهن وٺو ته ناڙي وٺي. (جغدالي، چوڻي) ١١۵

١٨٦ ناڙي وسي ته ڳاڙهي، نه ته اگهاڙي. (جغدالي، چوڻي) ١١٦

١٨٧ نام پني جو، گام ڏاتار جو. (لاڙ، پهاڪو) ۵٣

١٨٨ نر ننگر، نار نصرپور، نرت نورائي، هلي ڏسو جوڻ، جتي ڪپهه جو واپار آ جائي. (لاڙ، چوڻي) ۵٨

١٨٩ نرت نورائي، نار نصرپور، ڦل فتح باغ، هلي ڏسو جوڻ، جتي ڪپهه جو واپار آهي جائي. (لاڙ، چوڻي) ١١٦

١٩٠ ننگر پهچي ڪينڪي، بنا پنڌ ڪئي. (لاڙ، چوڻي) ١١٦

١٩١ ننگر جي آڏار، متان ويهجو ماڙهئا، پراٽا پراڙ، نوان اڏجئو نجهرا. (لاڙ، چوڻي) ١١٧

١٩٢ ننگر ڪيئن ڦٽو؟ چي: ”جٽو وٽو.“ (چوڻي) ١١٧

١٩٣ نه ويو آهين ديري، نه ڏٺيون اٽئي آنڊل شاهه جون اکيون. (ساهتي، پهاڪو) ٦٩

١٩۴ وٺو ته ٿر، نه ته بر ئي بر. (ٿر، چوڻي) ۴٦

١٩۵ وڃي چوهڙ جا ڏيئا ٻار! (لاڙ، چوڻي) ٦٢

١٩٦ وڃي شادي شهيد تي، ٿورو ٿڦي لونگ فقير تي. (سرو، پهاڪو) ٨٣

١٩٧ وسي ته ڪوهه، نه ته روهه. (ٿر، چوڻي) ٩۵

١٩٨ وسي جي وٽڪار ته سرهي ٿئي سال ڏياٽي. (چوڻي) ١١٩

١٩٩ وندر مَٿي وانت، پوءِ ويري به مان جها ياءُ. (لاڙ، پهاڪو) ١١٨

٢٠٠ ويجر جن جي وچ تي، سي گمبٽ ڪيئن گهارين؟ (لاڙ، چوڻي) ٩٩

٢٠١ هاٿيءَ کي هندستان نه ڏيکارجي. (اردو، پهاڪو) ١٢١

٢٠٢ هاڪ وهندو هاڪڙو، پجندي ٻنڌ اروڙ، ٻِهَه، مڇي ۽ لوڙهه، سمي ويندا سوڪڙي. (سرو، چوڻي) ٣٣

٢٠٣ هالا آهي: ها ۽ لا. (لاڙ، چوڻي) ١٢٠

٢٠۴ هجئي ناٿو ته گهم لاڙڪاٿو، نه ته وٺ ويڳاٿو. (سرو، چوڻي) ١٠٣

٢٠۵ هو قوم لاڙڪن جو هتڙي قديم ٺاٿو، پيو نانءُ هن تي، لاڙڪ تان لاڙڪاٿو. (سرو، چوڻي) ١٠۴

٢٠٦ هوڏانهن باهه، هيڏانهن پِٽِ، بغداد منيءَ ۾. (سنڌ، پهاڪو) ٣۵

# ماڳن مڪانن جي نالن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون

ماڳن مڪانن جي نالن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون  انجنيئر عبدالوهاب سهتو  ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي ٿنڀر  48



سنڌي پهاڪن ۽ ورجيسن تي سنڌي ساهت ۾ سنجيده ۽ ساڪائتي قلم ڪڍندڙ هن صاحب، ماضي قريب ۾ ٿيل روايتي سهيڙ/ تاليف واري گس کي ترڪ ڪندي، تحقيق ۾ معياري اصولن تحت جيڪا لوڪ ڏاهپ جي اهميت، تاريخي حيثيت ۽ ڇنڊ ڇاڻ (Classification) ڪري سنڌي ساهت ۾ ان گنجائش/ کوٽ جو پورائو ڪيو آهي، اهڙي ڪوشش تحقيق جي شاگردن يا لسانيات جي ماهرن لاءِ به لاڀائتي ثابت ٿيندي. اسان جو هيءُ سينيئر دوست، جنوني ڪيفيت جي حد تي رسي، ارضيات (Geology) جي متلاشي ماهرن، جيڪي تيل/ گئس جي ڳولا لاءِ ڳاڏين سوڌا سدائين سفر ۾ هوندا آهن، تيئن هي مان-وارو مَڇڏو مولوي صاحب به پهاڪن پويان پانڇا ڪنجي، وکريل موتين جي ووڙ خاطر، ”رند ٻلا نوش“ سدائين سرگردان سنسار ۾ مصروف عمل نظر ايندو. ڪٿي نه ڪري خبر پويس ته فلاڻي وٽ پهاڪن جو ڪتاب/ ڊائري موجود آهي، پوءِ ته ٻنا دير پرانهين پنڌ تي پيرن ۾ ڇاڪڙي پائي نڪري ٿيندو نروار. جيستائين ڪئمپ قائم ڪري، ڪتاب پنهنجي قبضي ۾ نه ڪري! ڪجيءَ وارو جنُ به ڪڏهن ’ڪانُ‘ ڪان ٽارو ڪري ٿو پر هيءُ همزاد وانگر همراهه جستجو ۾ جوانمرد ٻڌجي پاڇي پويان هلندي ڪڏهن به ٿڪجي نه ٿو. ويلو وڄ ۾ ويهڻ ’ويڻ‘ سمجهندو آهي.

زير مطالع ڪتاب ترتيب توڙي نفيس موضوع جي لحاظ کان پنهنجي نوعيت جو حامل آهي. سنڌي ساهت ۾ اهڙي بنيادي نڪيڙ/ جدت/ ڇنڊ ڇاڻ واري تشنگي ڪافي وقت کان حائل هئي، جنهن جي پورائي لاءِ سچي نقل وارو دستاويز هيءُ ڪتاب آهي، جنهن ۾ مرتب طرفان ڪن ڳوٺن، شهرن، علائقن ۽ ملڪن جي نالن سان منسوب پهاڪن (Proverbs) جو ذڪر شامل آهي. اهڙي منفرد چونڊ جا ڪجهه مثال هيٺ ڏجن ٿا:

- جي ڳڌه گنگا ويئي، ته تيرٿ ڇنبو تنهن جو. (شاهه)
- نه گنگا ۾ گيم (گناهه) لهن، نه ڪي مڪي مدايون ٿين معاف.
- ميمڻ وڃي مڪي، ته به وٽ تارازي تڪي.
- پير پٽو، مڪلي ٺٽو، جنهن نه ڏٺو، تنهن ڪجهه نه ڏٺو.
- جيستائين ترياق اچي عراق کان، تيستائين نانگ ڪاڏل قبر پيڙو ٿئي.
- هنوز دلي دور است. (فارسي)
- جو مزه ڇجو چوباري ۾: سو نه بلخ، نه بخاري ۾. (اردو)
- صوفي؛ لا ڪوفي. (عربي) (ڪوفي؛ وعده خلاف)

انهن کي مطالع هيٺ آڻي، ڄاڻ ۽ حظ حاصل ڪري سگهجي ٿو.

**نياز سرڪي**

ٿل ٢١ مئي ٢٠١٦ع